تذكره جانشاهي

اختر درگاهي



Sukkur Historical Society

تذڪره جانشاهي

اختر درگاهي

Sukkur
Historical
Society

Published on the Occasion of
SUKKUR THROUGH CENTURIES
NATIONAL SEMINAR-2001

حق ۽ واسطا محفوظ
ڪتاب جو نالو: تذڪره جانشاهي
ليکڪ: اختر درگاهي
ڇاپو پهريون: مئي ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور
ٽائيٽل: سنڌيڪا اڪيڊمي
ڇپائيندڙ: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر
اهتمام: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

قيمت: =/100 رپيا

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا زونل آفيس
١٩ ـ بلديه پلازا گهنٽا گهر چوڪ سکر
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب گاڏي کاتو حيدرآباد
رابيل بوڪ شاپ المنظر لاڙڪاڻو

فهرست

پنهنجي پاران	7
پيش لفظ	8
● سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول	13
- خانداني پس منظر	13
- فيض جي طلب	16
- طالبن جو احوال	21
- تصنيفون	23
- وصال	27
- اولاد	28
- ڪلام جو نمونو	31
● سيد مير قلندر علي شاهه رضوي	38
- احوال	38
- ميان باقر علي شاهه جو احوال	41
- قلندر علي شاهه جي شاعري	42
- وصال	44
- اولاد	45
- ڪلام جو نمونو	47
● سيد مير جان الله شاهه ثاني "عاشق"	53
- احوال	53
- فيض جو ملڻ	53
- شخصيت ۽ شاعري	58

- كورٹ مير جان الله شاهہ 60
- باغ راحت العاشقين 61
- وصال 62
- اولاد 63
- كلامر جو نمونو 66
- سيد علي اكبر شاهہ اول 88
- سيد مير مراد علي شاهہ 93
- سيد مير جان الله شاهہ ثالث 96
- كلامر جو نمونو 99
- سيد علي اكبر شاهہ ثاني 111
- كلامر جو نمونو 117
- سيد محب علي شاهہ بيوس 128
- كلامر جو نمونو 132
- سيد مير جان الله شاهہ رضوي چهارمر 135
- سيد علي مردان شاهہ رضوي 136
- كلامر جو نمونو 140
- سيد محمد تقي شاهہ رضوي 141
- كلامر جو نمونو 145
- سيد جمن شاهہ رضوي 148
- كلامر جو نمونو 149
- سيد سردار علي شاهہ رضوي 153
- كلامر جو نمونو 154
- سيد امير علي شاهہ رضوي 156
- كلامر جو نمونو 157
- سيد شاهہ مردان شاهہ رضوي 158
- كلامر جو نمونو 159
- سيد غلامر شاهہ رضوي 160

• سيد علي ڈنو شاھ رضوي اول	161
• سيد رنگل شاھ رضوي	163
• سيد مريد حسين شاھ رضوي	164
• سيد غلام رسول شاھ رضوي	165
• سيد ڊاڪٽر جان علي شاھ رضوي	166
• سيد محمد مکي شاھ رضوي	168
• سيد احسان علي شاھ رضوي	169
• سيد علي ڈنو شاھ رضوي ثاني	170

پنهنجي پاران

●سنڌيءَ ۾ تخليقي ادب جي ڀيٽ ۾، تحقيقي ۽ تنقيدي ادب جي کوٽ سدائين رهندي پئي آئي آهي، ڪي ٿورا اديب ۽ محقق ئي آهن، جيڪي ان کوٽ جي پُورائي لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. اسان جو دوست اختر درگاهي به انهن مان آهي. سندس سُڄاڻپ جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي سُٺي شاعرَ جي حيثيت ۾ ٿئي ٿي، پر نامياري صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل جي سوانح عمري ۽ سندس اردو ڪلام تي ڪيل تحقيقي ڪم "بيدل جو اردو ڪلام" (جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران بهترين ادب جو ايوارڊ پڻ مليو آهي) سان هُن تحقيق جي ميدانَ ۾ پڻ پيرُ پاتو آهي.

"تذڪره جانشاهي"، اختر درگاهيءَ جي نئين تاليف آهي، جنهن ۾ سنڌُ جي ٻرک صوفي مفڪر شهيد شاهه عنايت جهوڪ واري جي خاص خليفي ۽ وقت جي نامياري صوفي سرواڻَ ۽ فارسيءَ جي باڪمال شاعرَ حضرت مير جان محمد شاهه رضوي اول ۽ سندس خاندان جي صوفي بزرگن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو تذڪرو آهي، هِن ڪتاب ۾ بزرگ جو اهو ڪلام به شامل آهي، جيڪو هن کان اڳ اڻڇپيل هيو، اهو ڪلام فني توڙي فڪري حوالي سان معياري پڻ آهي.

اختر درگاهيءَ جي، تحقيق واري پاسي دلچسپي ۽ لکڻ جي انداز کي ڏسندي، اُميد ڪجي ٿي ته، هي ڪتاب "تذڪره جانشاهي"، سنڌ جي ادبي تذڪرن ۾ اهم جاءِ والاريندو ۽ 'جانشاهي' سلسلي جي شاعرن ۽ شخصيتن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ، بُنيادي مواد فراهم ڪندو.

سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي اشاعتي سلسلي هيٺ، هن ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ پڻ، سوسائٽيءَ جي روح روان ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر محترم ڪليم الله لاشاريءَ جا ٿورا مڃجن ٿا، جنهن جي ذاتي دلچسپي ۽ سهڪار کان سواءِ، هن اشاعتي سلسلي کي عمل هيٺ آڻڻ ممڪن نه ٿئي ها.

●ڀهرين جنوري ٢٠٠١ع

-اياز گل
سيڪريٽري
پبليڪيشن ڪاميٽي

پيش لفظ

روهڙيءَ جو شهر نہ صرف سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي پر هن شهر کي شروع کان ئي علمي ۽ ادبي حيثيت پڻ حاصل رهي آهي. حضور صلعم جن جي وار مبارڪ جي ظهور ٿيڻ سبب هي شهر هڪ روحاني مرڪز بڻجي ويو ۽ ڪيترن ئي روحاني شخصيتن، بزرگن، عالمن، اديبن ۽ مفڪرن جي هن شهر اندر اچ وڃ رهي جن مان ڪيترن ئي هن شهر کي پنهنجو مسڪن بڻائي ڇڏيو. اڳتي هلي هن شهر مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ بزرگن جنم ورتو جن جي علمي ۽ فڪري ڪاوشن ۽ عملي زندگين حق جي طالبن کي سنئين واٽ بخشي ۽ انهن کي فيضياب ڪيو.

روهڙي شهر اندر ڪيترائي خاندان آهن جن جي علمي ۽ ادبي ڪاوشن کي سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تاريخ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. اهڙن خاندانن ۾ رضوي سادانن جو گهراڻو وڏي اهميت رکي ٿو. روهڙي شهر جا رضوي سادات امير سيد محمد مڪي شاهہ (متوفي ٦٩١هہ) جي اولاد مان آهن، هونءَ تہ شهر اندر انهن جا ڪيترائي پاڙا ۽ خانداني لڙهيون موجود آهن پر خاص طور تي هتي انهن ساداتن جا بہ مکيہ خاندان 'ڪوٽائي سادات ۽ جانشاهي سادات' گهڻو مشهور آهن. 'ڪوٽائي سادات' * مغل دور جي هڪ وڏي امير ۽ اڪابر سيد مير يعقوب علي شاهہ (متوفي ١٠٩١هہ) جي اولاد مان آهن ۽ روهڙي شهر ۾ قائم ڪوٽ مير يعقوب علي شاهہ رضوي" ۾ رهن ٿا. سيد مير يعقوب علي شاهہ جي نالي اڌايل ان ڪوٽ کي 'وڏو ڪوٽ' پڻ چيو وڃي ٿو.

جانشاهي سادات سنڌ جي ناماياري عارف، عالم، فارسي زبان جي صاحب ديوان شاعر سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي اولاد ۾ اچن ٿا ۽ سندن مسڪن ڪوٽ مير جان الله شاهہ روهڙي آهي.

*روهڙيءَ جي 'ڪوٽائي سادات' جي بزرگن ۽ اڪابرن جو تذڪرو، محترم قريشي حامد علي خانائي "تذڪرہ ڪوٽائي سادات روهڙي" جي نالي سان ١٩٩٨ع ۾ تاليف ڪيو آهي.

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي نالي اڏايل انهيءَ ڪوٽ کي وري ننڍو ڪوٽ' سڏيو وڃي ٿو. ڪجهہ جانشاهي سادات روهڙي شهر جي پر پاسي، خيرپور ۽ ٻيرلوءِ ۾ پڻ رهائش پذير آهن.

ڪوٽ مير جان الله شاهہ رضويءَ ۾ 'درگاهہ مير جان الله شاهہ رضوي * پڻ قائم آهي، جنهن ۾ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي ۽ سندن خاندان جي ٻين بزرگن ۽ سندن طالبن جون مزارون آهن. 'درگاهہ مير جان الله شاهہ روهڙي شهر جي اهم خانقاهن ۾ شمار ٿئي ٿي. راقم الحروف جو گهر جيئن تہ 'درگاهہ مير جان الله شاهہ جي پرسان آهي، انهيءَ ڪري ننڍ پڻ کان وٺي سيد مير جان الله شاهہ رضويءَ جي شخصيت ۽ سندن درگاهہ روحاني ڪشش جو باعث رهي آهي.

هن کان اڳ مختلف ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول ۽ سندن خاندان جي ڪن بزرگن جو احوال نهايت ئي مختصر ڏنو ويو آهي. منهنجي دل ۾ اها خواهش هئي تہ آءٌ جانشاهي خاندان جي بزرگن جي شخصيتن ۽ علمي خدمتن تي مفصل ڪم ڪريان پر تفصيلي احوال ۽

تازو درگاهہ مير جان الله شاهہ جي نئين سر تعمير ڪرائي وئي آهي ۽ اهم مزارن ۽ مقبرن سان گڏوگڏ درگاهہ جي چوڌيواري اندر سڄي قبرستان جي هر مزار کي نئون تعمير ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ درگاهہ مير جان الله شاهہ جو قديم مقبرو قائم هيو، جيڪو اٽڪل ١٨-١٩١٧ع ۾ درگاهہ جي هڪ معتقد سيٺ لالا ڀهرو مل (ڪلڪتي جو ٺيڪدار) ۽ ٻين هندو طالبن ٺهرايو هيو جنهن جي تصوير هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. موجوده درگاهہ جي نئين تعمير ديوان ڊاڪٽر گُر بخش نچناڻي پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪرائي آهي. ديوان گُر بخش نچناڻي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو. سندس پتا ديوان هربرام سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو مريد هيو. ڊاڪٽر گُر بخش ڪافي سال اڳ هڪ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو. آمريڪا ۾ ايڪسري ڪرائڻ کانپوءِ ڊاڪٽرن سندن آپريشن لاءِ چيو. پاڻ آپريشن ڪرائڻ کان اڳ ۾ روهڙي آيو ۽ مرشدن جي درگاهہ جي زيارت ڪري پنهنجي صحت لاءِ دعا گهريائين. واپس آمريڪا آپريشن لاءِ ويو تہ ايڪسري ۾ ڪنهن بہ بيماريءَ جو نشان نہ مليو. انهيءَ خوشيءَ ۽ دعا اگهجڻ جي ڪري ڊاڪٽر گُر بخش درگاهہ مير جان الله شاهہ جي نئين سر تعمير ڪرائي، جيڪا ١٩٨٩ع کان ١٩٩٩ع تائين مختلف مرحلن ۾ ٿي آهي. چون ٿا اچي ٿو تہ تعمير تي هڪ ڪروڙ روپيا خرچ آيو آهي.

(راوي: سيد مريد حسين شاهہ رضوي ۽ سيد غلام رسول شاهہ رضوي)

مواد نہ هجڻ سبب منهنجي اها خواهش پوري ٿي نہ پئي سگهي.

ہ اڍائي سال اڳ مون کي پنهنجي محترم دوست سيد عبدالحسين شاهہ موسوي ثاني وٽان جانشاهي خاندان جي ڪن بزرگ شاعرن جو سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام مليو ويو، مون ڏٺو تہ جانشاهي بزرگن جو اهو ڪلام اڻچپيل هيو ۽ فني توڙي فڪري حوالي سان معياري پڻ. مون چاهيو تہ جانشاهي بزرگن جي سوانح عمريءَ سان گڏ انهيءَ ڪلام کي منظر عام تي آڻجي ۽ پوءِ وڌيڪ مواد جي ڳولا ۾ لڳي ويس، ٿوري ئي عرصي اندر تذڪره جانشاهيءَ جو رف مسودو تيار ٿي ويو، جنهن کي فيئر ڪري، بهتر ترتيب ڏئي ۽ ڪجهہ واڌارن سان انهيءَ صورت ۾ اندو سين جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

'تذڪره جانشاهي' سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول ۽ سندن خاندان جي بزرگن، عالمن ۽ شاعرن جو احوال آهي جنهن سان گڏ انهن جي چوند ڪلام کي پڻ نموني طور شامل ڪيو ويو آهي. هن تذڪري ۾ جانشاهي خاندان جي ڪجهہ اهڙين شخصيتن ۽ شاعرن جو بيان پڻ شامل آهي جن جو تذڪرو هن کان اڳ ڇپيل تذڪرن يا ڪتابن ۾ بلڪل ئي نہ ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت 'جانشاهي خاندان' جون ڪجهہ اهڙيون شخصيتون بہ آهن جن جو احوال ميسر نہ هئڻ سبب هن ڪتاب ۾ شامل ٿي نہ سگهيو آهي، ساڳئي وقت جن شخصيتن جو احوال شامل آهي، اهو بہ گهڻي قدر مختصر آهي ان جي باوجود 'تذڪره جانشاهي' جو هيءُ پهريون ڪتاب انهيءَ خاندان جي سلسلي جو هڪ اهم ۽ بنيادي ماخذ ضرور ثابت ٿيندو، جنهن تي اڳتي هلي بهتر نموني ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي.

راقم الحروف، محترم دوست سيد عبدالحسين شاهہ موسوي ثانيءَ جو نهايت ئي ٿورائتو آهي، جنهن 'تذڪره جانشاهي' جي سلسلي ۾ بنيادي مواد ۽ ڪلام مُهيا ڪيو. تنهن کان سواءِ درگاهہ مير جان شاهہ رضوي روهڙيءَ جي موجوده گادي نشين سيد علي اڪبر شاهہ ثالث عرف سيد مريد حسين شاهہ رضوي ۽ جانشاهي خاندان جي چشم و چراغ سيد

غلام رسول شاهہ رضوي ۽ ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضويءَ جا بہ لکين ٿورا جن صاحبن ڪتاب جي سلسلي ۾ جانشاهي بزرگن جون تصويرون ۽ ٻيو مواد مهيا ڪيو.

ڪتاب کي سهڻي نموني ڇپرائڻ لاءِ سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن جا ٿورا پڻ مڃون ٿا.

نزد ميمڻ محلو روهڙي.

اختر درگاهي

١٥ نومبر ٢٠٠٠ع

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول

خانداني پس منظر

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي، جنهن کي مير جان الله شاهہ رضوي اول پڻ سڏيو وڃي ٿو، سو روهڙي شهر جي رضوي ساداتن جي جانشاهي' خاندان جو جد امجد هيو. سندس ئي نالي تي روهڙيءَ ۾ ڪوٽ مير جان الله شاهہ رضوي' مشهور آهي، جنهن ۾ سندس پويان جانشاهي سادات' اڄ تائين آباد آهن.

مير جان محمد شاهہ رضوي، پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم، متشرع، زاهد، عابد، خوشخط، فارسي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر ۽ سنڌ جي سدا حيات صوفي شهيد شاهہ عنايت جهوڪ واري (متوفي ١١٣هہ) جي وڏن ۽ اهم خليفن ۽ طالبن جو سرگروهہ ۽ سندس ئي سلسلي جو اهم ۽ وڏو صوفي مبلغ، مفڪر ۽ سرواڻ ٿي گذريو آهي.

سيد مير جان محمدشاهہ رضوي، بکر جي رضوي ساداتن جي جد امجد سيد محمد مڪي شاهہ* (متوفي ٦٩١هہ) جي اولاد مان هيو ۽ سندس شجرو سيد محمد مڪي شاهہ سان هن طرح ملي ٿو.

سيد مير جان محمد شاهہ بن سيد ابراهيم شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد ابراهيم بن سيد مبارڪ شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد صاحب شاهہ بن سيد رحمت الله بن سيد شيخ محمد بن سيد مريد شهيد

---

*سيد محمد مڪي شاهہ، سيد محمد شجاع جو فرزند هيو. سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي. سيد محمد مڪي شاهہ بن سيد محمد شجاع بن سيد ابراهيم اول بن سيد قاسم بن سيد زيد بن جعفر اصغر بن حمزه بن امام هارون بن عقيل بن اسماعيل بن جعفر ثاني بن امام علي نقي بن امام علي رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق-محمد مڪي شاهہ جو مقبرو ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر جي پرسان آهي. ڪيس هڪ فرزند صدرالدين محمد خطيب ٿيو.

(ڏسو: تذڪره ڪوٽاني سادات روهڙي"

تاليف: قريشي حامد علي خاناني مطبوعا ١٩٩٨ع)

بن سيد حسن بن شاهہ موسيٰ بن سيد علاءُ الدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي شاهہ رضويؒ (١)

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي، سيد ابراهيم شاهہ ثانيءَ*(i) جو فرزند هيو. "شجره سادات رضوي / نقوي بکري" (قلمي فارسي) ۾ هن طرح آيل آهي.

"سيد ابراهيم بن سيد احمد رادو پسرشد هريک قطب الاقطاب صمداني وتلقين سيد الولين سلطان العارفين حضرت سيد السادات سيد مير جان محمد رضوي صوفي القادري ودويم حضرت سيد احمد عرف سيد عيدل شاهہ" *(ii) (٢)

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي عرفان، علمي ڏاهپ، صوفيانہ بيباڪي ۽ باڪمال شخصيت ۽ اعليٰ پائي جي فارسي شاعريءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو جو سنڌ جي اهم تاريخي ۽ علمي تذڪرن ۾ ڪيس وڏي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويو آهي. خاص ڳالهہ تہ سندس تذڪرو انهن ڪتابن ۾ وڏي اهميت سان آيل آهي جيڪي يا تہ سندس حياتيءَ ۾ لکيا ويا يا وري سندس حياتيءَ کان ٿوري عرصي اندر لکيا ويا.

سنڌ جي ناملياري محقق ۽ اديب مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي مشهور تصنيف "مقالات الشعراء" ۾ جيڪو مير جان محمد شاهہ رضوي جو تذڪرو ڪيو آهي، ان مان ڪجهہ حصو جيئن جو تيئن هتي پيش ڪجي

*(i) سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي والد بزرگوار سيد ابراهيم شاهہ ثانيءَ جو ڪو بہ احوال ملي نہ سگهيو آهي، ابتري قدر جو سندس مدفن تي بہ اختلاف آهي. مير جان الله شاهہ رضوي جي پوين ۽ شهر جي ٻين بزرگن جو چوڻ آهي تہ سيد ابراهيم شاهہ ثاني جي مزار روهڙيءَ ۾ سنڌو درياهہ جي ڪناري سيد علي عثمان شاهہ (عالي عثمان) جي مزار جي سامهون قديم مسجد جي اڱڻ ۾ آهي. مذڪوره مزار جي تصوير هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي.

*(ii) سيد عيدل شاهہ اول بن سيد ابراهيم ثاني ١ شوال ١١٧٢هہ تي وفات ڪئي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هو:

وفات حضرت غفران جايگاهہ سيد عيدل شاهہ بتاريخ ماهہ شوال ١١٧٢هہ.

ٿو.

"مير تخلص مير جانشاهہ محمد بکري رضوي ست. آن سرگروهہ مشايخ کرام زبدهء اولياي ذولاحترام صاحب سلسله سُنيه، ذاکر اذکار خفيه و جليه از مريدان جناب مورد عنايت ايزد وهاب شاهہ عنايت الله صوفي است". (٣)

مير علي شير قانع پنهنجي ٻي مشهور تصنيف 'تحفة الڪرام' ۾ پڻ مير جان محمد شاهہ رضوي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن طرح رقمطراز آهي.

"مير حيدر شاهہ جي اولاد مان، مير جان شاهہ رضوي تمام لائق ۽ حق جي واٽ جو طالب آهي. شاهہ عنايت الله صوفيءَ جي خدمت مان ارشاد جو رستو پرائي، انهيءَ خاندان جو خليفو ٿي، معرفت جو جهنڊو ڪٽي پنهنجي اصلي شهر ڏانهن موٽي آيو. مير تخلص ڪندو هو. محققانہ شعرن سان ڀرپور هڪ ديوان جو مالڪ آهي. پنهنجي طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سنڌس سخت ڏک ڏوڙ متعلق هڪ مثنوي حقيقتن سان ڀرپور يادگار ڇڏي ويو آهي." (٤)

مير علي شير قانع مٿين تذڪري ۾ غلطيءَ وچان مير جان محمد شاهہ رضويءَ کي مير حيدر شاهہ* جي اولاد مان ڪري ڄاڻايو آهي جڏهن تہ مير جان محمد شاهہ رضوي، مير حيدر شاهہ عرف حيدر شاهہ حقانيءَ جي اولاد مان نہ هيو پر رضوي ساداتن جي هڪ ٻي شاخ سان سنڌس

---

* سيد حيدر شاهہ حقاني (متوفي ١٠٣٩هجري) جنهن جي مزار پڻ روهڙي شهر ۾ آهي. پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم ۽ باڪمال عارف ۽ سالڪ ٿي گذريو آهي. پاڻ پڻ سيد محمد مڪي شاهہ رضوي جي اولاد مان هيو ۽ سنڌس شجرو هن طرح بيان ڪيل آهي.

"سيد حيدر شاهہ حقاني بن سيد موسيٰ بن سيد جادوبن سيد سونهارو بن سيد عبدالله بن سيد ابوالغيث بن سيد تاج الدين بن سيد خواجہ خلق الصدق بن سيد تاج الدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي شاهہ.

(ڏسو: قريشي حامد علي خاناني، جو مضمون 'سيد حيدر شاهہ حقاني رضوي' مطبوعا ٽماهي مخزن 'مهران' ڄامشورو آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٠ع)

واسطو هيو. سيد حيدر شاھ حقاني، سيد صدرالدين محمد خطيب (متوفي ٧٢٧ھ) جي فرزند سيد تاج الدين شاھ جي اولاد مان هيو جڏهن تہ مير جان محمد شاھ وري سيد صدرالدين شاھ رضوي جي ٻي فرزند سيد علاءُ الدين شاھ جي اولاد مان هيو ۽ سندس ڀارهين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو.

فيض جي طلب:

سيد مير جان محمد شاھ رضويءَ جو جنم جيئن تہ هڪ علمي ۽ روحاني خاندان ۾ ٿيو تنهن ڪري سندس لاڙو شروع کان ئي روحانيت ڏانهن رهيو. هو پنهنجي وقت جو وڏو پڙهيل ڳڙهيل ۽ جيد عالم هيو، تنهن ڪري پڙهڻ کان پوءِ هنيئر ڪڙهڻ جي منزل اچي وئي تہ بيچين ۽ بيقرار ٿي پيو. انهيءَ ازلي ۽ روحاني اُڃ کي اجهائڻ لاءِ مير جان محمد شاھ رضوي سير سفر شروع ڪيو ۽ حق جي ڳولا ڪئي. آخر سنڌ جي سرتاج صوفي ۽ عارف شاھ عنايت الله (جهوڪ واري) جي نظر فيض سندس روح ۽ دل کي قرار ڏنو ۽ سندس مطلب پورو ٿيو.

*قاضي غلام مهدي ولد قاضي پير محمد (متوفي١٩٣٣ع) پنهنجي قلمي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ مير

*قاضي غلام مهدي، نامياري صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل جي طالب ۽ مجازي دوست قاضي پير محمد جو ٽيون نمبر فرزند هيو. هو ١٨٥٩ع ۾ ڄايو ۽ اٽڪل ١٩٣٣ع ۾ وفات ڪري ويو قاضي غلام مهدي، فقير قادر بخش بيدل وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيو هيو. تنهن کان سواءِ پاڻ خوشخط پڻ هيو ۽ ڪيتراني ڪتاب ۽ قلمي نسخا نقل ڪيائين. قاضي غلام مهدي پاڻ بہ ڪيتريون تصنيفون ڇڏيون آهن. جن مان 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' اهم آهي. قاضي غلام مهدي جي انهيءَ قلمي ڪتاب جو پهريائين تذڪرو سنڌ جي ٻرڪ مؤرخ پير حسام الدين شاھ راشدي پنهنجي مضمون 'شاھ عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ' مطبوعا (نئين زندگي ١٩٥٧ع) ۾ ڪيو هيو. ٿورو عرصو ٿيو جو راقم الحروف کي پنهنجي محترم دوست محمد صديق ڪلوڙ وٽان 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' جو ٻيجهي دور ۾ نقل ٿيل نسخو ملي ويو، جنهن تان اهو احوال ورتو ويو آهي. شهيد شاھ عنايت ...ي مير جان الله جي سلسلي ۾ اهو هڪ اهم ماخذ آهي. راقم الحروف وٽ موجود مذڪوره قلمي =>

جان محمد شاھہ رضوي متعلق لکي ٿو تہ: "هڪڙي وقت سندس (مير جان محمد شاھہ جي) دل ۾ خيال آيو تہ ذاتي تعاليٰ کي ڳولي لهجي، انهيءَ نيڪ ارادي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پاڻ سيوهڻ شريف روانو ٿيو مگر اتي سندس حاجت روائي نہ ٿي سگهي تنهن ڪري اتان وري نٽي آيو ۽ معلوم ٿيس تہ حضرت شاھہ عنايت الله صوفي ميرانپور ۾ مشهور پير طريقت آهي، تنهن ڪري سندس خدمت با برڪت ۾ وڃي حاضر ٿيو ۽ پنهنجو دلي مطلب حاصل ڪيائين، ڳچ عرصو سندس خدمت ۾ رهيو ۽ اتي درجو خلافت حاصل ڪري شاھہ عنايت صوفيءَ جي چوڏهن وڏن خليفن ۾ سيني جو سرگروھہ ٿيو".(٥)

مير علي شير قانع بہ پنهنجي تصنيف 'معيار سالڪان طريقت' ۾ لکيو آهي تہ "جانشاھہ سچي سنڌ مرشد جي طلب ۾ گهمي پر پنهنجي مقصد براريءَ لاءِ ڪٿي بہ اوجر ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيس، آخر شاھہ عنايت وٽ سندس دلي مراد پوري ٿي ۽ اتي رهي سلوڪ جي تحصيل ڪري مرشد جي موڪل سان ڳوٺ وڃي رشد هدايت جو سلسلو جاري ڪيائين".(٦)

سيد مير جان محمد شاھہ رضوي، پنهنجي مرشد شاھہ عنايت صوفيءَ جي فيض سان هڪ طرف ڪامل ولي ۽ عارف بڻجي ويو تہ ٻي طرف پنهنجي علمي ۽ روحاني ڪشف ۾ سندس رُتبو شاھہ عنايت وٽ اينترو وڏي ويو جو مير جان محمد شاھہ رضوي، شاھہ عنايت صوفيءَ جي سمورن طالبن ۽ ساٿارين جو اڳواڻ ۽ سندس وڏن خليفن جو سرگروھہ بڻجي ويو.

گدومل ڪنڻ مل هرجاڻي پنهنجي تصنيف "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري جلد (١)" ۾ لکي ٿو تہ سائين عنايت الله شاھہ کي هزارين مريد هئا ۽ ڪين ڪل چاليهہ خليفا هئا جن ۾ وري چوڏهن وڏا هئا جي بہ وڏي ڪرامت ۽ ڪماليت جا صاحب هئا. انهن چوڏهن خليفن جو

=> نسخي جو نقل 'عمر بخش' نالي ڪنهن نيڪ مرد ڪيو آهي، جنهن نسخي جو اختتام هن طرح ڪيو آهي: پورو ٿيو. تاريخ ٣ ماه اپريل ١٩١٧ع برابر تاريخ ٩ ماه رجب ١٣٣٥ھ از دست مڪمل عمر بخش مريد درگاه صوفي القادري.

سرڪردو حضرت مير جان الله شاھ رضوي سيد روهڙيءَ وارو هيو. هي صاحب بہ وڏي ولايت ۽ علميت جا صاحب هئا" (٧)

مير جان محمد شاھ رضوي پاڻ بہ پنهنجي فارسي مثنوي 'ساقي نامہ' ۾ اهو تفصيل سان ذڪر ڪيو اهي تہ ڪيس ڪهڙي طرح باطني فيض حاصل ٿيو. مير جان محمد شاھ رضوي جي اها مثنوي سندس، فيض لاءِ طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سخت ڪوشش ۽ ڏک ڏوڙ متعلق آهي. مثنويءَ جو ٿورو حصو هتي پيش ڪجي ٿو.

دمِ تحقيق در جانم اثر کرد
بجست و جو دل ديوانہ سر کرد.

تفحص گير پيران گشتم از جان
نشان جستم زهر کوھ و بيابان.

جنون را مشتري گر ديد هوشم
شکيبائي بغاوت داد جوشم

محبت کرد اسباب سفر داست
دل از حظِ وطن في لفور برخاست.

طلب از شوق در آتش نشاندم
گلِ وحشت بفرقِ دل فشاندم.

چو مشتاقان سراپا شوق خدمت
تمنا ميکُند ديدارِ حضرت.

ز سرپا ساخته در پيش رفتم
جمالش ديدم و از خويش رفتم.

دل و ديده همه محولقايش
سر آ شفته افگندم بپايش.

بلطف و مرحمت بنشاند پيشم
ڪرم ڪرد از نواز شهاي خويشم.
باستفسار احوالم بپر داخت
دلم ممنون اخلاقِ حسن ساخت.

قاضي غلام مهدي 'انيس المساڪين عرف راحت الساڪين' ۾ لکي ٿو ته "جڏهن شاهه عنايت جي شهادت باسعادت جو وقت قريب آيو تڏهن سيد جان الله شآهه کي پنهنجي وطن روهڙي ڏانهن موٽي وڃڻ جو ارشاد ڪيائون ۽ موڪلائڻ وقت چون ٿا ته پاڻ شاهه عنايت کان پيرين پئي موڪلايائون ۽ پني ڏئي هليا. حاضرين ڪچهري جڏهن حضرت شاهه عنايت کان انهيءَ جو سبب دريافت ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته مير جان الله شاهه جي پُٽ يعني اولاد هميشه هتي ايندي رهندي. جان الله شاهه پوءِ روهڙيءَ ۾ اچي فيض عام شروع ڪيو." (٨)

سنڌ جي ناميارِي اديب مرحوم لطف الله بدوي پنهنجي تاليف تذڪره 'لُطفي' ۾ سيد مير جان الله شاهه رضويءَ جو جيڪو تذڪرو ڪيو اهي ان ۾ هو لکي ٿو ته "مير جانشاهه جيڪو پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏو عارف ٿي گذريو آهي. شاهه عنايت الله صوفيءَ جي شهادت وقت ميرانپور ۾ موجود هيو. هن سچي مريد مرشد جي بچاءُ خاطر ڪلهوڙن جي فوج سان وڙهڻ چاهيو ۾ صوفي شهيد ڪيس هٿيار کڻڻ کان منع فرمائي. هن هولناڪ واقعي کانپوءِ مير صاحب روهڙيءَ اچي رهيو، جتي سندس فيض کان هر خاص وعام مستفيض ٿيندو رهيو". (٩)

محترم شوڪت خواجائي پنهنجي ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" ۾ لکيو آهي ته پنهنجي مرشد سان مير جان الله شاهه رضويءَ جي عقيدت ۽ محبت جو هي حال هيو جو جڏهن نواب اعظم خان ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جون ظالمانه ۽ جابرانه طاقتون صوفي شاهه عنايت جهڙي حق پرست سان ٽڪرائجي رهيون هيون ۽ پاڻ صبر ۽ شڪر سان انهن مصيبتن کي برداشت ڪري رهيا هئا، انهيءَ وقت سيد جان الله شاهه

بيقرار ٿي ڪري حضرت صوفي شاهه عنايت جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ نواب اعظم خان جي مقابلي لاءِ اجازت ورتائون پر پاڻ صوفي شاهه عنايت جي ارشاد جي تعميل ڪني ۽ خاموش ٿي ڪري ويهي رهيا، آخر صوفي شاهه عنايت جي شهادت جو واقعيو پيش آيو. مير جان الله شاهه جي دل تي انهيءَ واقعي جي ڪري جيڪا قيامت گذري پاڻ ان ڏک ۽ واقعي جو اظهار پنهنجي مشهور قصيدي 'حجة الله' ۾ نهايت حسرت ناڪ طريقي سان ڪيو آهي.' (١٠)

مٿين تذڪرن مان خبر پوي ٿي ته هڪ سچي ساٿيءَ ۽ بهادر صوفيءَ جي حيثيت ۾ مير جان الله شاهه رضوي چاهيو ٿي ته هو به انهيءَ ئي واٽ ۾ شهيد ٿي وڃي جنهن واٽ ۾ سندس پير مغان حضرت شاهه عنايت الله ۽ سندس ساٿاري طالب تيار آهن، پر مرشد جي حڪم موجب پاڻ تلوار نه کنيائون. جيئن ته مير جان الله شاهه رضوي، شاهه عنايت الله جيءَ روحاني ۽ فڪري سلسلي جو اهم اڳواڻ هو ۽ سندس وڏي ۾ وڏو خليفو ۽ سندس طالبن جو سرگروهه هيو. انڪري شاهه عنايت الله چاهيو ٿي ته سندس شهادت کانپوءِ مير جان الله شاهه رضوي انهيءَ ئي حق جي تلقين جو سلسلو جاري رکي ۽ انهيءَ ئي فڪر ۽ فلسفي کي اڳتي وڌائي جيو فڪر ۽ فلسفو پاڻ (شاهه عنايت) ڇڏي پيا وڃن. سيد مير جان الله شاهه رضوي، "شاهه عنايت جي شهادت وقت اڃان نوجوان هئا ڇو جو پاڻ شاهه عنايت جي شهادت کان پورا سٺتيهه (٣٧) سال پوءِ وفات ڪيائون ۽ سندس روحاني ۽ فڪري حلقي ۾ سنڌ جو سرتاج شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ شامل ٿي ويو، ڇو جو شاهه لطيف مير جان الله شاهه جو همعصر هو ۽ چوڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه لطيف جو مير جان الله شاهه رضويءَ وٽ اچڻ وڃڻ رهندو هيو، اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي ناميارې اديب محترم محمد ابراهيم جوئي پنهنجي ڪتاب 'شاهه سچل سامي' ۾ مير جان الله شاهه رضويءَ کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ساٿاري ڄاڻائي هن طرح لکيو آهي ته: "ٻيا بزرگ جهڙوڪ ٺٽي جو مخدوم محمد امين، سيوهڻ جو مخدوم ميان دين محمد، اگهم ڪوٽ جو مخدوم ميان پير

محمد، ڪوٽڙي ڪبير جو مخدوم ميان محمد، روهڙيءَ جو مير جان الله شاهه رضوي، گهوٽڪيءَ جو ميان موسيٰ شاهه جيلاني ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي اهل دل ۽ اهل بزرگ صوفي باصفا ۽ عالم باعمل جي سڄي سنڌ ۾ شاهه سائينءَ جا نہ رڳو ساٿاري پر دوست ها جن سنڌي سماج جي قومي بحالي ۽ قومي بقا لاءِ سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد قائم ڪرڻ گهربو ٿي." (١١)

صوفي شاهه عُنايت الله جي شهادت هڪ طرف حضرت مير جان الله شاهه رضويءَ جي دل تي دردناڪ اثر ڪيو جو پاڻ پنهنجي شعري تصنيفن ۾ ان جو جا بجا ذڪر ڪيو اٿائون، ٻي طرف پاڻ پنهنجي مرشد شهيد شاهه عنايت جي ارشاد مطابق پنهنجي شهر روهڙيءَ ۾ ويهي رشد هدايت جو سلسلو شروع ڪيو ۽ ڪيترن ئي طالبن کي فيض رسايو.

طالبن جو احوال:

سيد مير جان محمد شاهه رضوي جيئن تہ پنهنجي وقت جو هڪ باڪمال عارف جيد عالم، شهيد شاهه عنايت جي روحاني ۽ فڪري سلسلي جو مکيہ وارث ۽ سنڌس طالبن جو سرگروهہ هيو، انڪري هن وٽان بہ ڪيترن ئي فقيرن ۽ طالبن فيض حاصل ڪيو. مير جان الله شاهه رضويءَ جو حلقو جيئن تہ شاهه شهيد جي ڇڏيل فڪري سلسلي جو اهم مرڪز هيو، تنهن ڪري شاهه عنايت جي شهادت ڪانپوءِ انهيءَ ئي سلسلي جي پياسن شاهه جان الله رضوي جي روحاني ۽ علمي آبشار مان اُڄ اُجهائي تہ ٻي طرف سنڌس انوکي ۽ پرڪشش روحاني شخصيت مان سنڌس ڪيترن ئي مريدن ۽ عقيدتمندن فيض حاصل ڪيو. انهن مان سنڌس ڪن مريدن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو. قاضي غلام مهدي جي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ لکيل آهي تہ "مير جان الله شاهه رضويءَ جا هزارين مُريد هئا، جن مان هڪڙو غلام رسول وتجارو پنان وينل خراسان جو وڏو ڪماليت جو صاحب ٿي گذريو آهي ۽ سنڌس مريد ٿيڻ جو احوال هن ريت آهي:

غلام رسول پناڻ سوداگر ماڻهو هيو. جڏهن پنهنجي ڪم سان روهڙيءَ ۾ آيو تڏهن مير جان الله شاهه صاحب رضويءَ جي فيض ۽ ڪرامتن جو احوال ٻڌي اچي سندس قدم بوس ٿيو ۽ جيڪي ٻڌو هئائين سو اکين سان ڏسي دل جي صدق سان اعتقاد رکي مريد ٿيڻ جو عرض ڪيائين. شاهه صاحب ڪيس فرمايو ته تو وٽ گهڻو مال موجود آهي پهريائين اهو پنهنجي وطن پهچائي اچ پوءِ اچي مريد ٿيءُ، نه ته فيض ملڻ ڪانپوءِ اهو مال تو پنهنجي هٿن سان لُٽيندين. غلام رسول ورندي ڏني ته قبلا اسان پناڻ، سخت دل ماڻهو آهيون ۽ ڪنهن ڪي به پائي ڏيڻ وارا ناهيون. اوهان تسلي ڪريو ۽ مون کي مريدن جي سلسلي ۾ شامل ڪريو. مير جان الله شاهه ڪيس پنهنجي مريدن ۾ شامل ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي باطني فيض کان مستفيض فرمايو. پوءِ ان پناڻ جو اهڙو حال ٿيو جو اهو سمورو مال پنهنجن هٿن سان خدا جي واٽ ۾ خيرات ڪري هٿين خالي مجرد ٿي مير جان الله شاهه رضويءَ جي حضور ۾ رهڻ لڳو ۽ آخر ڪامل ولي الله ٿي پيو. گهڻو وقت پنهنجي مرشد ارشد جي خدمت ۾ گذارڻ بعد پنهنجي وطن خراسان ڏانهن وڃڻ لاءِ اجازت جو طلبگار ٿيو. جنهن تي مير جان الله شاهه رضوي ڪيس اجازت ڏني ۽ حڪم فرمايو ته خراسان پهچڻ بعد تنهنجو 'غلام محمد' مريد ٿيندو ۽ غلام محمد جو وري سيد عبدالوهاب شاهه پاڳنازيءَ وارو مريد ٿيندو، انوقت اسان جي گادي نشين وٽ امانت (روحاني فيض) ڪا نه هوندي، تنهن ڪري تون غلام محمد کي ۽ غلام محمد وري عبدالوهاب شاهه کي اها وصيت ڪري ته هو پاڳنازيءَ کان روهڙيءَ اچي اسانجي امانت اسانجي پوين کي ڏئي وڃي. غلام رسول وتجارو اهو حڪم برچشم ڪري رخصت پذير ٿيو ۽ پنهنجي وطن خراسان ڏانهن روانو ٿيو." (١٢)

سيد مير جان الله شاهه رضويءَ جي پنهنجي مريد غلام رسول وتجاري کي ڪيل وصيت وارو اهو بيان ڪيترن ئي تذڪرن ۾ جيئن جو تيئن ڏنو ويو آهي. فقير غلام رسول جو مريد واقعي غلام محمد ٿيو ۽ انجو وري مريد سيد عبدالوهاب شاهه پاڳنازيءَ وارو ٿيو، انوقت تائين مير

جان الله شاهه رضوي وفات ڪري چڪو هيو ۽ سندس گاديءَ تي سندس پوٽو سيد فتح علي شاهه رضوي ويٺل هو، جنهن جو ذڪر اسان اڳتي ڪنداسون.

نامياري صوفي مبلغ ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل جي خاندان جو جد امجد ميان عبدالقادر قريشي پڻ مير جان الله شاهه رضوي اول جي مريدن ۾ ڄاڻايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ مرحوم سبحان بخش قريشي، فقير بيدل جي فارسي تصنيف 'پنج گنج' ۾ سندس سوانح عمري ۾ لکيو آهي ته "فقير بيدل جو ڏاڏو ميان عبدالقادر قريشي جيڪو ملتان جو هو، اهو ملتان ۾ مير جان الله شاهه رضويءَ جي خدمت ۾ رهندو هيو ۽ ان جي بيعت ڪري دم جي ڌمال شروع ڪيائين. مير جان الله شاهه رضوي جڏهن ملتان ڪان روهڙي آيو ته ميان عبدالقادر به پنهنجي خاندان سميت پنهنجي مرشد سان روهڙي کي پنهنجي وطن بڻايو." (١٣)

تصنيفون:

سيد مير جان محمد شاهه رضوي عرف مير جان الله شاهه اول هڪ وڏو عارف، عالم، خوشخط ۽ فارسي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر هيو. سندس تصنيفون جيڪي اسان کي معلوم ٿي سگهيون آهن انهن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو.

قرآن پاڪ جو تفسير:

سيد مير جان محمد شاهه رضويءَ جي اڪثر تذڪرن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته مير صاحب خوشخط هيو ۽ اڳ جي رواج موجب ڪلام الله شريف هٿ سان لکندو هو ۽ ان جي اجوري مان جيڪي حاصل ٿيندو هو تنهن تي گذران ڪندو هو. سيد مير جان الله شاهه رضوي اول جي تصنيفن ۾ سندس پنهنجن هٿن اکرن ۾ لکيل قرآن پاڪ جو فارسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ۽ تفسير اهم آهي جيڪو سندس پونئرن ۾ اڄاڻ محفوظ آهي. سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول جو لکيل قرآن پاڪ جو اهو عاليشان

تفسير سندس علم ۽ عرفان جو چٽو ثبوت آهي. پاڻ اهو تفسير سن ١١٣٦هجريءَ ۾ لکيائون جڏهن پاڻ اجان نوجوان هئا. سيد مير جان محمد شاهہ رضويءَ جي پنهنجن خوبصورت هٿن اکرن ۾ لکيل اهو تفسير ٣١٥ ورقن يعني ٦٣٥ وڏن فل اسڪيپ صفحن تي مشتمل آهي. قرآن پاڪ جو اصل عربي متن ڪاري مَسُ سان ۽ ان جي هيٺان فارسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ڳاڙهي مَسُ سان لکي وئي آهي، جڏهن تہ ان جو تفسير حاشين ۾ نهايت علمي ۽ فڪري انداز ۾ لکيو ويو آهي. قرآن پاڪ جي ان تفسير جي آخر ۾ اختتام طور سيد مير جان محمد شاهہ هيٺيان الفاظ لکيا آهن:

بدست خط اضعت عبادالله جان محمد ابن مرحوم سيد ابراهيم ابن سيد احمد، صورت تحرير يافت وتاريخ ١٢ شهر رمضان المبارڪ ١١٣٦هجريﷺ. (١۴)

راقم الحروف کي مذڪوره قرآن پاڪ جي تفسير کي بخوبي ڏسڻ جو شرف حاصل آهي.

ديوان مير

'ديوان مير' سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول جو فارسي ديوان آهي جنهن ۾ سندس باڪمال فارسي شاعري شامل آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ مير جان الله شاهہ جي انهيءَ شعري ڪتاب کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ سندس ديوان کي سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ فارسي جي اهم شعري مجموعن ۾ ڳڻيو ويو آهي.

مير جان الله شاهہ رضوي جي پوين وٽ موجود 'ديوان مير' جو قلمي نسخو ٢٦٥ صفحن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ٢٢٥ فارسي غزل شامل آهن جنهن کانسواءِ ٻين صنفون جهڙوڪ فرد، مسدس، مخمس وغيره شامل آهن ۽ آخر ۾ حڪايتون پڻ لکيون ويون آهن. 'ديوان مير' ۾ شامل پهرين غزل جو مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي:*

مطلع: الـهي جوش طوفان بخش چشم اشڪبارم را
سحاب دجلہ افشان ڪن رگ ابربهارم را.

مقطع: غلام همت عشقم کہ هردم مير گر داند
طراز چنگل شهباز ڪبڪِ ڪوهسارم را.

'ديوان مير' جو آخري غزل هن طرح آهي:

اي در رخت مبرهن انوار اوليائے
اي در دلت مبين اسرار انبيائے.
نام قصيده ڪردند در قدس حجة الله
برسنت محمد در حضرت خدائے.

'ديوان مير' جو موجوده قلمي نسخو روهڙيءَ جي هڪ عالم، فقير محمد اڪرم جي خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل آهي، جنهن 'ديوان مير' نسخي جو هن طرح اختتام ڪيو آهي:

"تمت بالخير ڪتاب ديوان مير تصنيف غفران پناهہ رضوي جابڪاه مير صاحب مير ميان سيد جانشاهہ رضوي مريد سردار العارفين- راقم بنده فقير محمد اڪرم، تحرير تاريخ پنجم ماهہ ربيع الاول ١٢١٧هجري." (١٥)

ناميارې اديب لطف الله بدوي پنهنجي ڪتاب "تذڪره لطفيء" ۾ مير جان الله شاهہ رضوي جي 'ديوان مير' تي مختصر پر نهايت جامع تبصرو ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ "سندن تصنيفات مان 'ديوان مير' مشهور اهي. سندس شعر تصوف جي باريڪ نڪتن سان ڀرپور آهي. سندس ڪلام کي ڏسي اڪثر بزرگن سندس ولي الله هجڻ جو اقرار ڪيو آهي. شعر ايتري قدر تہ نزاڪت ڀريو اٿس جو اهل ذوق لاء ان جو انتخاب ڪرڻ ٿي مشڪل اهي. هندستان ۾ جي انوقت جا پارسي زبان جا شاعر ٿي رهيا جهڙوڪ مرزا بيدل، آزاد بلگرامي ۽ واقف بٽالوي، انهن جي ڪلام سان سندس ڪلام وجيو ٽڪري. وڏي خصوصيت جا سندس شعر ۾ آهي سا آهي 'درد' . سندس شعر جي هر هڪ سٽ مان درد ۽ محبت جهلڪندو نظر اچي ٿو. زبان جي لحاظ کان ائين معلوم پيو ٿئي چڻ ڪو شيراز يا تبريز جو رهاڪو بولي رهيو آهي. سندس ڪلام جي پختگي،

رواني ۽ شيرينيءَ ۾ درد معلوم ٿئي سگهندو." (١٦)

مرحوم لطف الله بدوي، سيد مير جان الله شاهہ رضوي جي شخصيت توڙي شاعريءَ تي پنهنجي ڪتاب ۾ نهايت سهڻي انداز ۾ لکيو آهي، بي ڪنهن بہ تذڪري ۾ مير جان الله شاهہ رضوي جي شاعريءَ تي اهڙو مفصل ۽ جامع تبصرو اسان کي نہ ٿو ملي. معلوم ٿئي ٿو تہ لطف الله بدوي مرحوم 'ديوان مير' جو ڀرپور مطالعو ڪيو هوندو ۽ ان جو نقل وٽس ضرور موجود هوندو.

عبدالحسين شاهہ موسوي پڻ پنهنجي تاليف 'ديوان بيدل' ۾ 'ديوان مير' جو مختصر ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ "مير جان محمد شاهہ 'مير' بہ عشق جي تعريف ۾ هڪ غزل لکيو آهي جنهن جو مطلع آهي:

راز پنهانم عيان از چشم گريان کرد عشق
سينۂ ريش مرا آخر نمکدان کرد عشق. (١٧)

مثنوي در بحر مثنوي

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي اها فارسي مثنوي آهي جيڪا هن مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي معنوي جي بحر ۾ ۽ ان کان متاثر ٿي ڪري لکي آهي.

مثنوي ساقي نامہ:

مير جان الله شاهہ رضوي جي اها مثنوي سندس فيض جي ڳولا ۽ ڏک دور متعلق لکيل آهي، هن ۾ مير صاحب ٻڌايو آهي تہ ڪيس ڪٿان فيض حاصل ٿيو. ساقي نامہ جا شروعاتي شعر هن طر آهن.

شبي در خلوت غم بور جايم   مکذر گشت فرجوش صفايم.
شدم ساغر کش منخانہ درد   خراب نشۂ پيمانہ درد.
نہ گرد هستي خود پائي درگل   تمنا راز شوق عالم دل.
چہ شوق محض جوش اشک مجنون بصحرا ميدو دوز رشت جيحون.
(١٨)

مثنوي صفت منخانہ:

هيءَ بہ سيد مير جان الله شاهہ رضويءَ جي فارسي مثنوي آهي جنهن جا شروعاتي شعر هن طرح آهن.

چو منخانہ بهارِ مستيء عشق جنون پرواز. شور هستيءَ عشق.
تجلي بر تجلي ريز و آنجا هم عاشق ز حوذ برخيز آنجا.
سدا بس جذبہء محبوب بيرنگ کہ صد رنگم زند برشيشہ ام سنگ.
چو منخانہ بهار ذوق نامش دم عيسيٰ نسيم طرف بامش. (١٩)

وصال:

سيد مير جان محمد شاهہ عرف جان الله شاهہ رضوي اول تاريخ ٥ ربيع الاول سن ١١٦٧هجري مطابق ٣١ ڊسمبر١٧٥٣ع ۾ وفات ڪري ويا.* سندس ئي سلسلي جي هڪ اهم عارف ۽ صوفي فقير بيدل سندس وفات جي تاريخ پنهنجي هينئين فارسي شعر ۾ ڏني آهي. فقير بيدل جي انهيءَ شعر مان سيد مير جان الله شاهہ رضوي جي باڪمال شخصيت تي چٽي روشني پوي ٿي.

* سيد مير جان محمد شاهہ رضوي کي پنهنجي رهائش گاهہ جي نزديڪ ان جاء تي دفن ڪيو ويو جتي سندس نالي درگاهہ مير جان الله شاهہ قائم آهي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هيو:

"وفات حضرت جنت مڪان سيد جان محمد. پنجم ماه ربيع الاول١١٦٧هہ"

سيد جان محمد شاهہ رضوي اول کان پوءِ سندس خاندان جي ٻين بزرگن کي سندس پهلوءِ ۾ دفن ڪيو ويو. درگاهہ مير جان الله شاهہ رضوي جي مزارن جا ڪتبا ١٩٨٥ع ۾ محترم دوست شوڪت خواجاڻي اُتاريا، جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. مزارن جا اهي ڪتبا انڪري بہ اهم آهن جو هينئر درگاهہ جي نئين سر تعمير سبب اهي ڪتبا مزارن تان هٽايا ويا آهن.

تاريخ وصال صاحبان کريمان مير جان الله کلان قدس سره

سيد سادات سلوک وصفا   خارق عادات عقول وهنا
گل ز گلستان نبي و ولي   شمع شبستان شه کربلا
جان محمد رضوي بکهري   غوث زمان زبده آلِ عبا
قادري و صوفي مهدي، دهر   صاحب ارشاد کثير العطا
مقصد هر بيت ز ديوان او   منزل سالک ره دين وهدا
خطئہ نا سوت از و بهرور   محفل ملکوت ازو پرضيا
جوش بجبروت از جلال اوست   يافته لاهوت ز ذاتش بقا
جُرعه فيضش به تجير فزود   باده کش ساغرِ باهوت را
گشت چو پيراسته در ملک ذات   مسند باهوت ازان بادشا

جان طلب از سال عروجش نمود
مرشد وقت وقطب آمدندا. (٢٠)
١١٦٧هہ

اولاد

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول، بہ شاديون ڪيون. پهرين گهر مان ڪيس هڪ فرزند سيد علي حسن عرف الله رکيو شاهہ ۽ هڪ دختر تولد ٿي. ٻي گهر مان ڪيس بہ فرزند سيد شاهہ قلندر رضوي ۽ سيد منور علي شاهہ ۽ هڪ دختر تولد ٿي. مير جان محمد شاهہ رضوي جي ان نياڻيءَ جي شادي سيد محمد شجاع ولد سيد عبداللطيف رضوي سان ٿي جنهن مان بيبيءَ کي سيد سوائل شاهہ رضوي* فرزند تولد ٿيو.

*مير جان محمد شاهہ رضوي جو ڏوهٽو سيد سوائل شاهہ اول (متوفي ١٢٣٢هہ / ١٨١٧ع) پڻ سيد محمد مکي شاهہ رضوي جي اولاد مان هيو ۽ سندن گهراڻو پڻ علمي ۽ روحاني هيو. سندس اولاد مان سندس پڙ پوٽو سيد سوائل شاهہ ثاني بن سيد غلام علي (متوفي ١٢٧٧هہ / ١٨٦٠ع) پڻ پنهنجي دور جو بلند پايہ عالم، اديب، شاعر ۽ ڪتاب ٿي گذريو آهي. سندس والد غلام علي ۽ ڏاڏو سيد فقير علي صوفي بزرگ هئا ۽ قادري طريقو رکندا هئا. رضوي سادات جي قلمي مخطوطات مان سيدسوائل شاهہ اول (مير جان محمد شاهہ رضوي اول =>

سيد الله رکيو شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ رضوي ٻہ شاديون ڪيون جن مان ڪيس ٽي نياڻيون تولد ٿيون، جڏهن تہ سيد منور علي شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ چار شاديون ڪيون جنهن مان ڪيس ڇهہ فرزند تولد ٿيا، جن جو ذڪر اڳتي ايندو. (٢١)

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي ڪانپوءِ سندس فرزند سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي گاديءَ تي وينو.

حوالا:

(١) شجره سادات نقوي رضوي بکري (قلمي فارسي)
(٢) = =
(٣) مقالات الشعراء: مير علي شير قانع مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٧ع
(٤) تحفة الاڪرام: مير علي شير قانع ترجمو مخدوم امير احمد، جلد ٽيون ڇاپو چوٿون ١٩٩٤ع
(٥) 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
(٦) 'معيار سالڪان طريقت' : مير علي شير قانع مان اقتباس مرحوم حسام الدين راشدي.
(٧) 'ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري جلد١' گدومل هرجاڻي مطبوعا (١٩٤٠ع)

=> جي ڏوهٽي) جي وفات جي تاريخ ڪنهن شاعر هن ريت وضع ڪئي آهي.

مظهر نور حق سوانل شاهہ
'واصل الله آن بقا با الله
سال تاريخ آن حميد صفات
وان المتقين في الجنات.'
١٢٣٢هہ

(وڌيڪ ڏسو: قريشي حامد علي خاناڻيءَ جو مضمون سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' مطبوعا ٽماهي "مهراڻ" ١-١٩٩٥ع)

(٨) 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
(٩) 'تذڪره لطفي' لطف الله بدوي
(١٠) 'ڳالهيون منهنجي سنڌ جون' شوڪت خواجاڻي مطبوعا (١٩٩٩ع)
(١١) 'شاهه سچل سامي' محمد ابراهيم جويو.
(١٢) 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي.
(١٣) 'پنج گنج' سبحان بخش قريشي مطبوعا (١٩٧٦ع)
(١٤) قرآن پاڪ جو فارسي تفسير: مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي
(١٥) 'ديوان مير' : مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
(١٦) 'تذڪره لطفي' : لطف الله بدوي.
(١٧) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي (مطبوعا ١٩٩١ع)
(١٨) ديوان مير: مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
(١٩) ديوان مير: =
(٢٠) سرود نامون (بيدل جو ڪلام) فقير محسن بيڪس (قلمي سنڌي)
(٢١) شجره سادات رضوي / نقوي بکر (قلمي فارسي)

الاھی جوشِ طوفان بخش چشم اشکبارم را
سحاب دجلہ افشان کن رگ ابر بہارم را

بزور نشئہ صاف محبت رویم افروزی
بخونِ شعلہ سرسبز گردان کشت زارم را

خشونتھائی نفسم را بلطف خویش پروازی
چمن پیرای گلزارِ تجلی ساز خارم را

دلم در سینہ از شوق دم تیغ تو میرقصد
ز گل صدبار رنگین تر کنی مشت غبارم را

غلام ھمت عشقم کہ ھر دم 'میرؔ' گرداند
طرازِ چنگل شھباز کبکِ کوھسارم را

صاحب تسلیم را برهان نمی آید بکار
اهلِ دین را حکمتِ یونان نمی آید بکار

هرچه شد افگندنی بار سرود. ونشی مکن
جز غمِ عشق. از همه دوران نمی آید بکار

وقت پیری گریه برحالِ خود از افسردگیست
دانهٔ بوسیده را باران نمی آید بکار۔

چون جنون سرزد ز دل دست از دو عالم برفشان
سر به سودا داده را سامان نمی آید بکار

انحرافِ عکس از معکوس در آئینه نیست
'میرؔ' محوِ دلبران را جان نمی آید بکار

از ذوق لقا دیدۂ مارا کہ خبر کرد
از جلوہ اش این آئینھارا کہ خبر کرد

واکردہ بروئی دلم ابواب کرم را
ز افلاس من آن گنج غنارا کہ خبر کرد

بیرون ھمہ سرسبز و درونش ھمہ پُر خون
از حالتِ من برگِ حنارا کہ خبر کرد

رازیکہ بدل از درو دیوار نھفتم
نیک و بد، سلطان و گدارا کہ خبر کرد

در باغ بھر شاخ سراسمیہ زندہ سر
از درد دلم 'میر' صبا را کہ خبر کرد۔

بزلفِ کافری او نقد ایمان دادم و رفتم
بمژ گانِ بخش تصدیق برھان دادم و رفتم

جنون سرمایہ ام سودو زیانِ خود نمیدانم
دل و جان رونمائی حسن جانان دادم و رفتم

نباشد دیدہ در راہِ چمن بیتاب دیدارش
کہ حسنش راقرار صد گلستان دادم و رفتم

سراز مژ گان خونخوارش سلامت کی برد عاشق
کہ فتوائش بصد خونِ مسلمان دادم و رفتم

نمودم نفس را آیاتِ وحدت 'میرؔ' در کثرت
برھمن را ھمہ تفسیر قرآن دادم و رفتم

در ثنائی عشق پیچیدن نمی آید زمن
با ترازو کوه سنجیدن نمی آید زمن

عاشقم بر بود و نابودم نباشد التفات
از بلائی دوست نالیدن نمی آید زمن

هر چه بادا باد جان در پیش جانان میکشم
سر ز زخمِ دوست در دیدن نمی آید زمن

مهر در دل یار را از گریه نتوانم فگند
سنگ با ناخن خراشیدن نمی آید زمن

'میر' از دل میکشم بیرون هوائی غیر را
خرقهٔ سالوس پوشیدن نمی آید زمن

زیر گردون با اجل منقاد باید زیستن
رشته برپا در کفِ صیاد باید زیستن

زندگی چون مرگ میباشد مقدر چاره نیست
شاد باید نیستن، ناشاد باید زیستن

سعی در تلقین پیران عشرتِ کامل دهد
سرخوش از پیمانهٔ ارشاد باید زیستن

'میرؔ' ز آشوب بلائی زندگی گر بیدلی
چند روزی هرچه باد آباد باید.زیستن

حجاب من ز پیش روی خود بردار ای ساقی
مکش آئینه جانها درین زنگار ای ساقی

نهان در زیر دامن شمع محفل کی توان کردن
بر آور شیشه را از خانه خمار ای ساقی

ز حفظِ خوشتین تنگم شراب آرزو دارم
که آیم برسرِ بازار بی دستار ای ساقی

جمال دختر از دلربائیها نمی داند
مرا از خودستان با جذبه دلدار ای ساقی

در این وادی به پس دا ماندگان چون 'میر' میمانم
توصل کن مرا با کاروان سالار ای ساقی

سيدّ مير قلندر علي شاهہ رضوي

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي جيڪو عام طرح 'شاهہ قلندر' جي نالي سان مشهور آهي، مير جان محمد شاهہ رضوي اول جو وچون فرزند هيو. 'شجره سادات نقوي / رضوي بکرّ' ۾ هن طرح آيل آهي:

و از خانہ خورد عارف رباني مير جان الله قدس سره بيبي ڪہ از قاضيان شهر سکر بود، از دو پسرشد هريک عارف باالله قطب الاقطاب صاحب تلقين و ارشاد حضرت سيد قلندر علي و سيد منور علي و يک بيبي 'زوجہ محمد شجاع' ولد سيد عبداللطيف(١)

سيد مير قلندر علي شاهہ جو جنم جيئن تہ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جهڙي اعليٰ پائي جي عالم، متشرع ۽ عارف جي گهر ۾ ٿيو تنهنڪري پاڻ بہ جمندي جام بڻيو ۽ ساڳئي ئي وات جو طالب ٿي ڪري وڏو عالم، فاضل ۽ عارف بڻجي ويو. مير قلندر علي شاهہ رضوي کي فيض پنهنجي والد بزرگوار کان ئي مليو. پاڻ پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ انهيءَ ئي حق جي وات جو پرچارڪ بڻيو ۽ انهيءَ ئي فڪر کي ڦهلائيندو رهيو جيڪو فڪر ۽ فلسفو شهيد شاهہ عنايت کانپوءِ سندس والد مير جان محمد شاهہ رضوي چڏي ويو.

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي بہ پنهنجي روحاني ۽ علمي شخصيت سان گڏوگڏ فارسي ٻوليءَ جو صاحبِ ديوان شاعر بڻيو، تنهن کانسواءِ سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ بہ سندس ڪلام نظر مان گذريو آهي.

اهو مير قلندر علي شاهہ رضوي جي باڪمال شخصيت جو ئي اثر هو جو سندس همعصر ۽ سنڌ جي برک محقق مير علي شير قانع پنهنجي تصنيف 'تحفة الڪرام' ۾ سندس هيٺيون مختصر ذڪر ڪيو آهي:

'مير قلندر علي: ڪيترائي دفعا شاهپور ۾ ڏٺو ويو آهي. هو

فقيريءَ کان واقف ۽ سلوڪ جي رستي تي قائم آهي." (٢)

سيد مير قلندر علي شاهه جي متعلق، مير علي شير قانع جو لکيل اهو بيان انڪري به وڏي اهميت رکي ٿو جو اهو تذڪرو مير قلندر علي شاهه رضوي جي پنهنجي حياتيءَ ۾ لکيو ويو آهي. ٻي پاسي اها به خبر پوي ٿي ته مير قلندر علي شاهه، مير علي شير قانع جو همعصر هيو ۽ ساڻس ملاقاتي پڻ ٿيو هيو. ان مان اها به خبر پوي ٿي ته مير قلندر علي شاهه سير سفر به ڪندو هيو، جو ڪيس ڪيترائي ڀيرا مير علي شير قانع شاهپور ۾ ڏٺو هيو.

تحفة الاڪرام کانسواءِ ڪنهن ٻي تذڪري ۾ مير قلندر علي شاهه رضوي جو ڪو تفصيلي احوال ڪو نه ٿو ملي. قاضي غلام مهدي پنهنجي قلمي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ سيد مير قلندر علي شاهه جو مفصل بيان ڏنو آهي، پر اهو به عام روايتن ۽ سندن ڪرامتن ۽ طالبن جي احوال سان ڀريل آهي، جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو. شاهه قلندر علي رضوي، وڏي ڪماليت وارو ولي الله هيو. هڪڙي ڏينهن مير قلندر علي شاهه رضوي روهڙيءَ کان ڪنڌرن جي ڳوٺ پنهنجن باغن ۽ زمين جي ڪم لاءِ پنڌ پئي ويو ڪو به وهٽ ڪو نه هو. اجان ڪوٽ کان ٻاهر نڪتا ته هڪ اُٺ منو پيو هيو. پاڻ جڏهن ناڪيلي ناهي اُنَ ۾ وڃهي هڪليانون ته اٺ اٿيو ۽ هلڻ لڳو تان جو جڏهن پاڻ ڪنڌرن کان موٽيا ۽ ساڳي جاءِ وٽ آيا جتي اُٺ پيو هيو ته اُٺ جو مالڪ به اچي اتي نڪتو ۽ اُٺ کي سُڃاڻي عرض ڪيائين ته قبلا هي اُٺ منهنجو آهي، مان هن کي اڏ منو ڇڏي ويو هوس، هاڻي ان جي سماءَ تي آيو آهيان ته منو يا بچو. مير قلندر علي فرمايو ته ناڪيل واري مُهار به تنهنجي آهي؟ جت چيو نه. پاڻ اُٺ وبهاري مهار ڪڍي ورتائون ته اٺ يڪدم ڪري پيو ۽ مري ويو(٣)

ٻيو واقعيو آهي ته جمن نالي شخص پنجاب جو وينل هو اتي خدا پاڪ جي راهه لاءِ ڪنهن ولي الله جو طالب ٿيو. اتفاق الاهي جڏهن روحاني طور تي چوٿين منزل جي حد ۾ آيو ته سندس مرشد بيمار ٿي پيو ۽ حياتي پوري ڏسڻ ۾ آيس. طالب جمن عرض ڪيس ته قبلا مون کي

پنهنجي پوري منزل تي ڪير پهچائيندو ۽ مون ڪي ڪنهن جي آسري تي ڇڏي ٿا وڃو؟ مرشد جواب ڏنس ته باقي ٽي منزلون تنهنجون روهڙيءَ ۾ شاهه قلندر علي وٽ پوريون ٿينديون، اوڏانهين وڃ! آخر سندس مرشد وفات فرمائي. جمن فقير پنجاب مان منزل بمنزل اچي روهڙيءَ پهتو ۽ پڇا ڪندو ڏينهن جو شاهه قلندر علي سان ملڻ لاءِ سندس ڪوٺ ۾ آيو. ان مهل شاهه قلندر علي رضوي چوپڙ راند وبني ڪيڏي. جمن فقير اچي وبنو، مگر دل ۾ خيال ڪيائين، "مار هيترو پنڌ ڪيو اٿم، ڏسُ ته اهڙي ماڻهوءَ جو مليو آهي جو چوپڙ وبنو ڪيڏي ۽ وري ائين نه ٿو پڇي ته ڪير آهين ۽ ڪاٿئون ٿو اچين! شايد ولي الله نه آهي جو منهنجي حال جي خبر نه پيس. اجايو پنڌ ڪيم" . جمن فقير ٻن ويلن جو بکايل هو ۽ وري هيو به خدا پاڪ وٽ رسيدو سو بک ٽارڻ لاءِ بهشتي ميوو ڏاک چني کائڻ لڳو جا ڪنهن ڪين پئي ڏني. شاهه قلندر علي ڏارو هٿ ۾ ڪري اچلي فرمايو ته "انارنهن پورا ۽ ڏاکون به يارن کان چوري هيڪل پيون کائجن." انهيءَ چوڻ سان جمن فقير جون اکيون. کليون ۽ اٿي اچي سندس پيرن تي ڪريو. پاڻ جو ڏارو اچلي فرمايائون ته انارنهن پورا، سي پيا به انارنهن، تنهنڪري ٻيو ڏارو اڇلائڻ لاءِ ڪٽي، جيئن ئي جمن فقير پيرين پيس تيئن ئي ٽي دفعا ڏاري سوڌو هٿ پنيءَ تي هنيائونس جيئن پني ٺڪبي آهي. ٽن دفعن هٿ هڻڻ سان هن جون باقي رهيل منزلون حل ٿي ويون ۽ جمن فقير پورو ڪامل ولي ٿي پيو. (۴)

ان کان سواءِ سيد قلندر علي شاهه رضوي جا پيا به ڪيترائي مريد ۽ طالب هئا جن سيد قلندر علي شاهه کان فيض پرايو. چاڪاڻ ته پاڻ وقت جو هڪ ڪامل عارف ۽ وڏو فياض هيو، تنهن ڪري سندس طالبن جو حلقو به وسيع هيو. مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجي تاليف 'پنج گنج' ۾ ڄاڻيو آهي ته فقير قادر بخش بيدل جو ڏاڏو غلام فريد پنهنجي ڀاءُ غلام لطيف سان گڏ سيد مير قلندر علي شاهه جو مريد ٿيو هيو ۽ اهي ٻئي ڀار مير سيد جان الله شاهه جي فرزند صوفي قلندر علي شاهه جي خدمت ۾ رهندا هئا. (۵)

ميان باقر علي شاهه رضويءَ جو احوال:

سيد ميان باقر علي شاهه، سيد مير قلندر علي شاهه رضويءَ جو وڏو طالب ۽ نهايت ئي ڪامل عارف ٿي گذريو آهي. ميان باقر علي شاهه جو احوال قاضي غلام مهدي، انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ هن طرح ڏنو آهي:

ميان باقر علي شاهه وينل بارگاهه ملڪ بڪار ۽ سيد نور محمد شاهه وينل صالح پٽ ٻئي اچي سندس (مير قلندر علي رضويءَ جا) مريد ٿيا ۽ خدا پاڪ جي واٽ پڇي وجي ڳوٺ مجاهدا ڪرڻ لڳا. ڏينهن جو ٻئي پنهنجي ڳوٺ گذاريندا ها ۽ رات جو ٻئي گڏ هڪ پٽ تي ويهي مراقبہ ڪندا هئا. ساري رات مراقبو ڪري فجر جو وري اچي ڳوٺ رهندا هئا. ڪيتري مدت ٻنهي ائين گذاري. هڪ ڏينهن ميان نور محمد شاهه، باقر علي شاهه کي چيو تہ منهنجو مراقبو کليو آهي ۽ مون کي تجليات خدائي پسڻ ۾ اچن ٿيون. باقر علي شاهه کي اچي خيال ٿيو تہ مرشد بہ هڪ ورتوسين، مجاهدو بہ ٻنهي هڪ مهل گڏجي ڪيوسين. نور محمد شاهه جو مطلب پورو ٿيو، منهنجو نہ ٿيو. سو اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي. پوءِ جڏهن سيد نور محمد شاهه کان موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن هليو تہ باقر علي شاهه کي ڏگ تي هڪ کوهه نظر آيو. خيال ڪيائين تہ ان ۾ ٽپو ڏئي مران. هيڏانهن وري ميان جان الله شاهه رضويءَ جي اڳيان روهڙيءَ ۾ سيد قلندر علي شاهه وينو هيو، تنهن کي مير صاحب چيو تہ 'ابا شاهه قلندر علي!' تہ ايتري ۾ پاڻ فرمايائون تہ بندي ڏنو آهي. پاڻ اهو چئي وني بانهون ڏگهيريائون ۽ ميان باقر علي شاهه کي جو اڌ کوهه تائين هليو ويو هيو، وني ڪٺي روهڙي ۾ اڳئيون وبهاريائين ۽ ميان باقر علي شاهه کي فيض ڏنائون جو وڏو ڪامل ولي ٿي پيو." (٦)

سيد مير قلندر علي رضويءَ جي نظر فيض سان سندس طالب سيد باقر علي شاهه بارگاهه وارو تمام وڏو عارف ۽ ڪامل بزرگ بڻجي

ويو ۽ پاڻ بہ ڪيترن ني طالبن کي فيض رسايو هئائون. انهن مان احمد سلطان ۽ سيد عبدالنبي شاهہ گهٽو مشهور ٿيا.

سيد ميان باقر علي شاهہ جو مدفن پنهنجي اصلي خانداني قبرستان ڳوٺ بارگاهہ ۾ اهي، جتي هنيئر سندس تربت انتهائي زبون حالت ۾ آهي ۽ مٿس ڪو بہ ڪتبو وغيره لڳل ناهي. ٻي پاسي چونڊوڪو (ضلع خيرپور) جي نزديڪ هڪ وڏو مقبرو ۽ درگاهہ پڻ انهيءَ ني سيد باقر علي شاهہ ڏانهن منسوب آهي، ۽ عام چيو پيو وڃي تہ سائين باقر علي شاہ جا هَڏ بارگاهہ ۾ ۽ سَڏ (چونڊڪو) واري درگاهہ ۾ آهن.

سيد مير قلندر علي شاهہ جي شاعري

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي هڪ وڏي عارف ۽ عالم هئڻ سان گڏوگڏ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ جو باڪمال شاعر پڻ ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد بزرگوار سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جيان سيد مير قلندر علي شاهہ پڻ فارسي ٻوليءَ جو 'صاحب ديوان' شاعر ٿيو، سندس فارسي ڪلام ۾ تخلص 'بهلول' استعمال ٿيل آهي جڏهن تہ پاڻ پنهنجي سنڌيءَ، سرائڪي ڪلام ۾ 'قلندر' تخلص استعمال ڪيو اٿائين. سيد قلندر علي شاهہ جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام تمام ٿورو ملي سگهيو آهي جڏهن تہ سندس فارسي شعر جو مڪمل 'ديوان بهلول' سندس پوين وٽ اڄ بہ محفوظ آهي جو راقم الحروف پڻ بخوبي ڏٺو آهي.

مير قلندر علي شاهہ رضويءَ جي 'ديوان بهلول' جو موجوده قلمي نسخو ڪل ١٩٩ صفحن تي مشتمل آهي. 'ديوان بهلول' جي پهرين غزل جو مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي.

مطلع: شبنمي از بحر عشق دوست کل شد خاک ما
مخزن اسرار شد خاک کل نمناک ما.

مقطع: جرم کر بسیار شد بهلول بخشنده است او
چون شفیع ما است فردا سید لولاک ما. (۷)

’ديوان بهلول‘ جي آخري غزل جو مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي.

مطلع: اگر امروز راه حق کر بیني
قیامت در صفت مردان و بیني

مقطع: صفا کُن دل ز چرک شرک بهلول
کہ تا در دل جمال دوست بیني. (۸)

’ديوان بهلول‘ جو موجوده قلمي نسخو نهايت خوبصورت اکرن ۾ روهڙيءَ جي هڪ فقير محمد اڪرم سن ۱۲۱٦هجريءَ ۾ لکيو آهي ۽ نسخي جي آخر ۾ هن طرح رقم طراز آهي:

تمت بالخير ديوان بهلول
بدست خط فقير محمد اڪرم

تحرير بتاريخ هست ششم ماه ذوالحج سن ۱۲۱٦هـ (۹)

• سيد مير قلندر علي شاهہ رضويءَ جي شاعريءَ جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو جو سنڌ جي برک صوفي شاعر ۽ عارف فقير قادر بخش بيدل پڻ پنهنجي تصنيف ’سندالموحدين‘ ۾ ٻين عارفن جي ڪلام سان گڏ سيد قلندر علي شاهہ جي سحرفيءَ جا بہ بند پڻ شامل ڪيا آهن جيڪي هن سِري هيٺ آهن:

من ڪلام موحد ڪامل اڪمل
مولانا مير قلندر علي رضوي قدس سره

ت: تفڪر ڪيجو وڃين لهين سار اندر دي
هڪو هرڪو هڪو ڳولين ڇوڙين خيال درگر دي
فاينما تولو فثم وجه الله هي هر وچ هردي.

ح: حجاب نہ رهسي ڪوئي جي تون صدقون ڪرين يقينا
ذات صفات هڪو ڪر ڄاڻين ڇوڙ خيال ڪمينا
جي صدقون سر صدقي ڪيجي تہ ملدا دوست شبينا. (١٠)

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي پنهنجن مرشدن سان بيحد عقيدت جو اظهار بہ ڪيو اهي. پاڻ پنهنجي هڪ سرائڪي سحرفيءَ جي آخر ۾ پنهنجي پير مغان شهيد شاه عنايت ۽ سندس فرزند شاهہ سلام الله، ان کان سواءِ پنهنجي والد بزرگوار سيد جان محمد شاهہ رضوي جو زڪر ڪندي انهن سان وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. پاڻ هن طرح فرمائي ٿو:

حضرت هادي شاه عنايت نوري الله دي درگاه حضوري
طني ڪيتس راهہ طلب دي پوري، ايهو شاهہ مَهيندا
هادي شاهہ سلام الله سونهارا در تجل وچ مارے نغارا
توڙ ڪيتس ڇا مطلب سارا، تون سڻ عرض اِهيندا
جان محمد شاهہ بکر والا، جهين دستون ڏينا پيالا
قلندر بي تيا متولا، سڻ ڪر سڏ اُهين دا.

وصال:

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي پنهنجي والد بزرگوار سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي وفات کان ويهہ ورهيہ پوءِ تاريخ ١٧ جمادلثاني ١١٨٧هجريءَ مطابق ٥ سيپٽمبر ١٧٧٣ع تي رحلت فرمائي. فقير قادر بخش بيدل سندس وفات جي تاريخ پنهنجي هينئين فارسي شعر ۾ بيان ڪئي اهي. فقير بيدل پاران سيد قلندر علي شاهہ جي شخصيت ۽ ڪماليت تي لکيل اهو شعر سندس علم ۽ عرفان تي چٽي روشني وجهي ٿو.

شاه قلندر علي که ارشادش
بحر مواج ورشک جيحون هے

در مقامات از مشائخ دهر
آن قلندر سرشت افزون هے

درج توحيد و کان معنيٰ را
سخن او چو در مکنون هے

آفتابش باستوا چو رسيد
گفت هاتف کہ ذات بيچون هے (١١)
١١٨٧هہ

اولاد

سيد مير قلندر علي شاهہ جي شادي پنهنجي چاچي سيد احمد عرف سيد عيدل شاهہ بن سيد ابراهيم جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد جمن شاهہ اول ۽ هڪ نياڻي تولد ٿي.

سيد جمن شاهہ بن سيد قلندر علي شاهہ بہ پنهنجي وقت جو هڪ ڪامل بزرگ ۽ عارف ٿي گذريو آهي جنهن لاءِ "شجره سادات نقوي / رضوي بکري" ۾ "صاحب رموز سبحاني سيد جمن شاهہ صوفي القادري" جا الفاظ لکيل آهن.

سيد جمن شاهہ بن سيد قلندر علي شاهہ پنهنجي چاچي سيد علي حسن عرف سيد الهرکيو شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ جي نياڻي سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٽي نياڻيون تولد ٿيون. البت ڪيس پٽ جي اولاد نہ ٿي. (١٢)

سيد جمن شاهہ اول ٨ محرم ١١٩١هجريءَ تي وفات ڪئي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هو:

وفات حضرت غفران جنت مڪان سيد جمن شاهہ خلف قلندر علي شاهہ. تاريخ محرم هشم ١١٩١هہ.

حوالا

(۱) 'شجره سادات نقوي / رضوي بکر' (قلمي فارسي)
(۲) 'تحفة الڪرام' مير علي شير قانع. ترجمو مخدوم امير احمد جلد ٽيون ڇاپو ڇوٿون ۱۹۹۴ع.
(۳) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي.
(۴) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين =
(۵) 'پنج گنج' ترجمو: سبحان بخش قريشي مطبوعا ۱۹۷۶ع.
(٦) انيس الساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي.
(۷) 'ديوان بهلول' (مير قلندر علي شاهه) قلمي فارسي
(۸) = = =
(۹) = = =
(۱۰) 'ديوان بيدل' (عبدالحسين شاهه موسوي) چوٿون ڇاپو ۱۹۹۱ع
(۱۱) 'سرود نامو' (بيدل جو ڪلام) (فقير محمد محسن بيڪس) قلمي سنڌي
(۱۲) شجره سادات نقوي / رضوي بکر (قلمي فارسي)

اگر امروز راه حق بینی
قیامت در صف مردان دینی

اگر در بنده بودن صادق آ ی
محب خاص رب العالمینی

ز هفتاد دو ملت برگزیدت
که شرع دین احمد راامینی

اگر توفیق بخشد کرد گارم
کنم از خرمن تو خوشه چینی

صفا کن دل ز چرک شرک بهلول
که تا در دل جمال دوست بینی

سِحرفي حضرت شاهہ قلندر رضوي

الف: الله ڪر جاڻ سيوني غير نہ جاتج ڪوني
فاذڪروني اذڪرڪم جا اپنا آپ ڪيتوني
طالب تي مطلوب هڪو ٿيا ڳيا حجاب سيوني.

ب: بهار هوني دل ميڏي جند ڇُٽي غيز جنجالون
ڪر نہ اڪيلي اڪيلي هوني آپ ڳيا مين نالون
جان يار جاني نال هڪو هويس تان پيم خبر وصالون.

ت: تفڪر ڪيجي، وچ هي لهي سار اندر دي
هڪ هرڪو هڪو ڳولين، ڇوڙ خيال دِگر دي
فاينما تولوفثم وجه الله، هوني صورت هر وچ هردي.

ث: ثابت دل رکن جيڪي ملندا يار تناهان
دل ڪيتيس ورلي ورلي هڪ ڪناهان
سرت نصيرا ڇوڙي جنهان، سي ڇوڙ چلي جسم اڳاهان.

ج: جنت حور قصور تي ڪوثر عاشق مول نہ پاون
وحدت دي وچ غوطا کائن دلبر وچ سماون
عشق معشوق تي عاشق هڪو هرڪو سڏاون.

ح: حجاب نهين هي ڪوني صدقون ڪرين يقينا
ذات صفات هڪو ڪر جاڻين ڇوڙين جاڻ ڪمينا
جي صدقون سر صدقو ڪينس تان ملندا. يار شبينا

خ: خوشحال هوني شهہ سيتي مليم يار پيارا
ويکڻ نال ڳيم سڌ ساري ڪيتم نور نظارا
اندر ٻاهر نور ڏسيندا سڀ سون نور نيارا.

ر: رهيا دل اُتي دلبر پُل ڳَئي سُڌ ساري
هجر وصال ڪنون دل ڇُٽي ٻُڌ گئي هڪ واري
هويا نينهن نياوڻ اوڪا يار ڪريسين ياري.

ذ: ذات صفات هڪو چا ڪينس سن تو عشق اَولي
اندر ٻاهر برهه دي ٻَچيس آپ مريندا جَلي
ڦوڪي ٻالي تي مٺن ڪالي ڏجي سَر سُولي.

ر: رقيب رفيق هويا ڏس ڏتا مرشد سائين
من عرف نفسه فقد عرف رَبه تونَ ڪيٺن ڳولين جائين
هير رانجهو سپ اندر وَسُدا تونُ تر ڪَر سمجهه اتاهين.

س: سرو سمن گل سيوتي عشق ڏقيري لائي
هار سينگار رابيل چنبيلي وچ خيرون خبر نه ڪائي
هر شي دي وچ مقصود اساڏا آپ ڪڙا رنگ لائي.

ش: شراب پيون پرّ وتيان، ٿيون مست ڪَلالُون
سرِ ڏيون تي ڏسڪن ناهين، مشڪن ڪڙي وصالون
جي نفس مويا تان برحق هويا گيا حرام حلالون.

ص: صبح هويا تون سُتارهين، مول نه جاڳين پورا
غفلت ڪرڪي عمر وڃائين سڻ ڪر هووين ڏورا
ڏينهن نه ڪَيتن راتيان سوئين ڪيون ڪر لنگهين ٿُورا.

ض: ضرب ڪيجي دل اُتي هڪو واري
مول نه ڇوڙين تنهن کون ٻاهر نيهي ڪر پين چاري
آس اوڇر آءِ يار ڪريسين ياري.

ط: طالب هوڪر آپ وڃاوين ڏس مرشد دانت نت ڪمائين
جي مٺن مني تان جند ڇُٽي جو رهيا سو پاوين
جي لذاني تان مُولُ نه ڇوڙين، جي تون اس گهر آوين.

ظ: ظالم آکيس وچ قرآن دي، ڏوجها آکيس جاهل
جي چاهين يار محبت والا بنهين نه تين ڪُر ڪاهل
رٻ ڪريم پناهه ڪريسين هردم هورهين تون سائل.

ع: عابد ٿي عبادت ڪرين جان جان رب سُڄاڻين
"واَعبُد ربک حتے تانيک اليقين،" جان جيوين تان تاڻين
ڪريم رحيم غفور الاهي، تان آسين تيڏي ياڻين.

غ: غافل هوڪي عمر وڃينسين، اٿ وَل آوڻ ناهين
"في دنيا اعمافهو في الآخرت" تون ڪَرين راتاهين
وَتڪلم ايديهم وتشهد ارجلهم پرسن انگ گواهي.

ف: فڪر عبادت ذڪرون جاڳان جي تون دل جڳاوين
تفڪر ساعت خيرٌ من عبادت الثقلين سڻ فرمايا سائين
ڪُلي جُزوي سڀ هڪو جاڻين جي تون ٿُرين اڳاهين.

ق: قادر قدرت دا سائين جسم جهان جهيندا
ڏيکين پالين سڀ وچ جالين، لهين تون انت تهيندا
وهو معڪم شَهہُ شامل هويا، ڳول نہ ڳلا ڪَهيندا.

ڪ: ڪريم هَٿي رب هادي جو تيڏا غير ڇُڙيسين
سَترونَ رَبڪُم ڪفاترون القمر سهجون جاءِ جُڙيسين
ڏوهين جهان چِٽي سائين، جيڪا مُنهن مريسين.

ل: لڳا نينهن اندر ميڏي، ڪس نيتس سُڌ ساري
عشق اولي ماري جهلي بن پاجهہ نہ تيڏي تاري
ٿي هادي همراهہ اساڏا تان پڇي توڙ ويچاري.

م: محبت ماهي نال جو لڳي، غير نہ وچ سَماوٺا
العشق نار يَحرِقُ ماسوي المحبوب ايهو مچ مَچاوٺا
انا الحق سنيالي سائين، جي تون اس گهر آوٺا.

ن: نگهہ ڪر پال اسان تون توبن ڪوڻ مُهيندا
جو تيڏي نائين وڃاٺي هادي، تون لهين سنيال تهيندا
سي سوداگر سودا ڪيون هارن، تون هين شاهہ جهيندا.

و: وفي انفسڪم افلاتبصرون، سُڻ ڪَر ايهو ڏسُ
اپنا ڪوچ ڪر تون هي ڪار ڪهين ڪون رَسُ
سپ قبول عبارت تيڏي، جي دل تيڏي وَس.

هہ: همراهہ هميشه ساڏا دلبر دل دي اُتي
آپ ڪنون جي باهر ڳولين رهن هميشه ڪُتي
جي تون ڳولين اوهو ڳولي عُمر وڃاءِ نہُ ستي.

ل: لا الـه نفس داڪلما تون غيرون آپ چُڙاوين
اني اَنا الله لا الـه الا انَا تون اندر دل دي ڳاوڻ ڳاوين
اَول اپنا آپ وَجاوَين، تان تون شهہ نون پاوين.

الف: الله فرمايا سائين ڪُل شي وچ شَهہُ وَسُدا
نحل اقرب اليهہ من حبل الوريد ايڏو ڏس تيڏي وچ وسدا
من اونهين وچ اوهو من وچ هڪ هُو ئي تان رَسُدا.

ي: ياري ڪر يار اساڏا تون همراه هميشه
تون هئن اول تون هئن آخر تون هئين ايشان اوشان
جي قلندر محبت تيڏي وچ نت نت هو وے جو شان.

ڪافي

پريم نگر وچ پينگهان پئيان
برھ جهوٽي مئن جُهوٽي
هڪ جهوٽي ميڏا غير وڃايا
ڏوجهي جهوٽي مئن چُوٽي
مئن تي رانجهن دي رمز ازل دي
جي مران تان مئن چُوٽي
حُسن سونهاري ديان فوجان چڑهيان
ويک قلندر مئن لُوٽي.

ڪافي

تجهہ مين دوست سمايا وو
جاگ جاگ من ننڊ نہ ڪيجي
ايک ترنگ بہَ رنگ پيارا بيچون نام دھرايا.
بي پرواھ دليندا مالڪ هادي الله ملايا.
تن مين من مين رچ مچ رهيو لنو لنو وچ سمايا.
کهے قلندر تن من اندر جس ڈھونڈھيا تس پايا.

سيد مير جان الله شاهہ ثاني
عرف
مير جان الله شاهہ "عاشق"

سيد مير قلندر علي شاه رضويءَ کان پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ سيد مير منور علي شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ رضوي اول گاديءَ تي ويٺو. سيد منور علي شاهہ رضوي بہ فقيري شخصيت جو مالڪ ۽ عارف هيو. گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ بہ سندس مفصل احوال ملي نہ سگهيو آهي ۽ نہ ڪنهن ڪتاب ۾ سندس ڪو تذڪرو مليو ٿو. هي بزرگ تاريخ ٢٩ مئي ١٧٨٥ع مطابق ٢٥ رجب المرجب سن ١١٩٩هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو.

سيد منور علي شاه رضوي چار شاديون ڪيون ۽ ڪيس ڇهہ فرزند ۽ هڪ نياڻي تولد ٿي. سيد منور علي شاهہ جي ڇهن فرزندن جا نالا هي آهن. سيد فتح علي شاه، سيد مظهر علي شاهہ، سيد عسڪر علي شاهہ سيد جان الله شاهہ ثاني، سيد پريل شاه ۽ سيد علي محمد شاهہ.(١)

سيد منور علي شاهہ ڪانپوءِ سندس وڏو فرزند سيد فتح علي شاهہ سجاده نشين ٿيو، سيد جان الله شاهہ ثاني عرف جان الله شاهہ "عاشق" سندس ننڍو ڀاءُ هيو. جنهن جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي اسين اڳتي لکنداسون. اڄو تہ پهريائين ڪيس روحاني فيض ملڻ متعلق ڪجهہ ڄاڻ حاصل ڪريون.

فيض / امانت جو ملڻ:

چون ۾ اچي ٿو تہ سيد فتح علي شاه بن سيد منور علي شاه جيڪو پنهنجي ڏاڏي سيد مير جان الله شاه اول جي گاديءَ تي هيو ان وٽ روحاني امانت ۽ فيض نہ هيو ۽ هنيئر اهو وقت اچي ويو جنهن لاءِ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول پنهنجي خاص مريد غلام رسول ونجاري کي وصيت ڪئي هئي تہ تنهنجو مريد غلام محمد ٿيندو ۽ انجو مريد وري

سيد عبدالوهاب شاه پاڳناڙيءَ وارو ٿيندو. انوقت اسانجي گادي نشين وٽ امانت ڪا نہ هوندي. تنهن ڪري تون غلام محمد کي ۽ غلام محمد وري عبدالوهاب شاه کي چوي تہ هو انوقت پاڳناڙيءَ کان اچي اسانجي جانشين کي اسانجي امانت / روحاني فيض ڏئي وڃي. ۽ اهو وقت سيد فتح علي شاهہ رضوي جي ڏينهن ۾ آيو. مير جان الله شاه رضوي اول ۽ فقير قادر بخش بيدل جي سمورن تذڪرن ۾ اهو بيان آيل آهي تہ مرشدن جي وصيت تي عمل ڪرڻ لاءِ سيد عبدالوهاب شاه جيلاني پاڳناڙيءَ کان انجام موجب، سيد فتح علي شاهہ رضوي بن سيد منور علي شاه کي امانت ڏيڻ روهڙيءَ پهتو. "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آهي تہ: "سيد عبدالوهاب شاه انهيءَ وصيت بنسبت سارو احوال سيد فتح علي شاهہ رضوي کي بيان ڪيو. (جو انوقت گادي نشين هيو.) مگر سيد فتح علي شاه کي اها ڳالهہ ناگوار گذري ۽ فرمايائون تہ "ڇا اسان وٽ فيض ڪو نہ آهي جو اوهان ڏيڻ آيا آهيو!" عبدالوهاب شاهہ فرمايو تہ "قبلا اوهان اسان جا مرشد آهيو، اسان کي پاڻ اوهان جي دروازي تان فيض مليل آهي. اسان کي ڇا مجال آهي جو اوهان کي فيض ڏيون." ائين چئي، رخصت وٺي سيد عبدالوهاب شاه معافي ۾ (جو پاڻ اڪثر محافي ۾ سواري ڪندا هئا) روانو ٿيو. سيد فتح علي شاه رضوي جي ننڍي پاٽ سيد مير جان الله شاه ثانيءَ جو اها ڳالهہ ٻڌي، تنهن ڊوڙي وڃي سيد عبدالوهاب شاه جي محافي کي ڪلهو ڏنو. مير جان الله شاه ثاني اجان ڪلهو ڏنو ئي مس تہ سيد عبدالوهاب شاه فرمايو تہ "محافو جهليو جو مرشد جي اولاد مان ڪنهن اچي ڪلهو ڏنو آهي. پوءِ سيد عبدالوهاب شاه محافو رڪائي سيد جان الله شاه ثانيءَ کي پاڪر پائي فرمايو "جاني ميڏيدا ڪوئي نهين ثاني." (٢)

ان موقعي تي سيد عبدالوهاب شاه (جيڪو پاڻ شاعر بہ هيو) پنهنجي مرشد جي شهزادي سيد جان الله شاه ثاني جي لاءِ پوري ڪافي چئي جا هتي پيش ڪجي ٿي.*

---

*سيد عبدالوهاب شاه جي اها ڪافي، روهڙيءَ جي هڪ نيڪ مرد مرحوم قاضي علي =>

مليم يار جو جاني نهين جهندا ثاني
لطف ماهي دا مين تي آيا، درد ٿيا درياني
سيد عبد نون آپ وڏايس ڏتس چا شاهاني

جاني جان جو مليا، ميڏا يار ڪليا
دوست ميڏا مٺن وچ آيا، دشمن سڀ جو ٽليا
سيد عبد نون آپ وڪايو وچ ديدار جو مليا.

گهر وچ آيا جاني نهين جهندا ثاني
مٺن وچ ميان آپ جو آيا، فاني پيا سڀ فاني
سيد عبد نون آپ ڪيتوئي تاڻ جهيندا تاٿي.

يار جو مليا جاني نهين جهندا ثاني
غير ماهي دا مول نہ جڙندا گم ٿيا اين واني
سيد عبد نون عين ڪيتوئي ٿيا همان دهماني

=> رضا پنهنجي هڪ قلمي ڪتاب ۾ نقل ڪئي آهي. قاضي علي رضا ولد قاضي علي محمد روهڙي جي قاضي خاندان جو چشم و چراغ هيو. سندس ولادت تاريخ ٢٠ جون ١٨٩٠ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، تعليمي ماهر عربي، فارسي، سنسڪرت ٻولين جو ڄاڻو ۽ هڪ بزرگ شخصيت هيو. قاضي علي رضا ١٩٠٨ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان امتيازي پوزيشن ۾ پاس ڪيو ان بعد پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ جو پهريون مسلمان گريجوئيٽ هو جنهن بي اي ۾ امتيازي پوزيشن حاصل ڪئي. ان بعد قاضي صاحب جهوناڳڙهه يونيورسٽي مان فارسيءَ ۾ ايم.اي پڻ ڪئي. ايڏي وڏي تعليمي قابليت جي باوجود پاڻ بجاءِ ڪنهن وڏي عهدي وٺڻ جي. 'استاد' ٿيڻ پسند ڪيو ۽ سنڌ مدرسه هاءِ اسڪول ۾ وائيس پرنسپال طور ڪم ڪيو. قاضي علي رضا روهڙيءَ ۾ ڪافي علمي ادبي ڪم ڪيو، سندس لائبريري شهر جي اهم لائبريري هئي جنهن ۾ اٽڪل ٥ هزار ڪتاب هئا. قاضي علي رضا ڪيترن ئي فارسي ڪتابن ۽ مخطوطات جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. قاضي علي رضا سن ١٩٧٤ع ۾ وفات ڪري ويو. ناميارو اديب ۽ سچل سرمست جي درگاهه جو طالب قاضي علي اڪبر درازي (م١٩٨١ع) سندس ننڍو ڀاءُ هيو. قاضي علي رضا جا فرزند قاضي غلام دستگير ۽ قاضي غلام مصطفيٰ اڄان حال حيات آهن.

الله جو ميڏا جاني نهين جهندا ثاني
غير الله دا مول نہ جڙندا باقي هوئي جو فاني
سيد عبد اکيون جو ڏنائين هوبا جو عين عياني.

سيد عبدالوهاب شاهہ مرشدن جي حڪم ۽ وصيت موجب سندن امانت / روحاني فيض سيد مير جان الله شاهہ ثانيءَ کي پهچائي، پنهنجي نياڻي جو سَڱ سيد جان الله شاه ثانيءَ جي فرزند سيد جمن شاهہ ثانيءَ کي ڏنون. (٣) جنهن مان سيد علي اڪبر شاهہ رضوي اول تولد ٿيو.

سيد عبدالوهاب شاهہ ڇهہ مهينا روهڙيءَ ۾ رهيو ۽ پوءِ پاڳناڙيءَ لاءِ روانو ٿيو. هو هڪ وڏو عالم، عارف ۽ ڪامل درويش هيو ۽ ساڳي وقت فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو باڪمال شاعر پڻ هيو. 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ آيل آهي تہ سيد عبدالوهاب شاهہ سائين وڏي ڪماليت جا صاحب هئا. سندن زبان مبارڪ تہ سيف الرحمٰن هني. پاڻ اهي ڇهہ مهينا هر جمعين ڏينهن روهڙي شهر ۾ پاٽولڪي سمٽيءَ وٽ جا مسجد آهي ان ۾ وعظ ڪندا هئا انهيءَ ڪري اڄ تائين انهيءَ مسجد کي واعظ واري مسجد چوندا آهن.* جنهن مهل واعظ ڪندا هئا تہ اول

*واعظ واري مسجد فقير بيدل جي رهڻ واري محلي (پاٽولڪي سمٽي) جي پڇاڙيءَ ۾ اتر طرف کان قائم آهي ۽ شهر جي انتهائي مرڪزي مسجدن مان هڪ آهي. هن وقت مسجد حي نئين سر تعمير ڪرائي وئي آهي. جنهن سان لڳ هڪ مدرسو پڻ قائم ڪيو ويو آهي. واعظ واري مسجد جو هن وقت متولي فقير بيدل جي خاندان جو چشم چراغ ميان عبدالله ثاني بن مرحوم سبحان بخش قريشي آهي. وعظ واري مسجد جي متعلق قاضي علي رضا پنهنجي قلمي ڪتاب (١٩٦٠ع) ۾ لکي ٿو تہ هن وقت انهيءَ واعظ واري مسحد جي عجيب ۽ غريب حالت اهي جو ڏسندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏي. چگي درمياني ايراضيءَ واري مسجد اهي سندس ڇت ڌرتيءَ کان اٽڪل ١٥ فوٽ مٿي اهي. منجهس پنج شهتير اٽڪل ٽي چار سؤ ورهين پڇيون ڇڇهريءَ سميت ۽ ١۴ ٿنيا آهن ڪجهہ ڏينهن ٿيا جو مسجد کي اتفاقاً اچي باهہ لڳي، اها مسجد جي هر هڪ شهتير' پٽيءَ، ٿنيي ۽ ڇت ۾ پيل تيلين جي هر هڪ ڪاني کي وچڙي وئي ۽ عجب تہ هيءَ آهي، ايترن ڪانين مان ڪنهن بہ هڪ جي اندر باهہ جو اثر اڌ انچ يا چوٿين انچ کان وڌيڪ پيدا ٿي نہ سگهيو. يعني هر هڪ ڪاني ۽ ڪاني، جو فقط ٻاهريون حصو يا ڪليل ٻاسو اڌ انچ يا پاءُ انچ جيترو سڙي ڪوئلا ٿي ويو مگر اندران ڪاني سڄي سلامت رهي ۽ جي هنيئر وجي =>

چوندا ها "سڻ وي بندا." اهو آواز جنهن جي بہ ڪن تي پوندو هيو سو بيهي رهندو هيو." (۴)

سيد عبدالوهاب شاه جو ڪافي تذڪرو ۽ سندن ڪرامتن جو بيان "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آيل آهي. سندن روهڙيءَ ۾ رهڻ ڪري ڪيترن ني حق جي ڳولائڻ ۽ فقيري خيال رکندڙ شخصيتن ڪانئس فيض حاصل ڪيو. ناميارې صوفي شاعر ۽ عارف فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن ۽ سندس سؤٽ فقير بيگ محمد پڻ عبدالوهاب شاه جا مريد ٿيا هئا. ديوان بيدل ۾ عبدالحسين شاهہ موسوي لکي ٿو تہ "هڪ ڏهاڙي فقير محمد محسن ۽ سندس سؤٽ فقير بيگ محمد اچي سندس (عبدالوهاب شاهہ جا) مريد ٿيا. ٻئي گڏجي شهر جي ٻاهران هڪ ٽڪريءَ تي مرشد جو ڏسيل ذڪر پچائيندا ها. فقير محمد محسن تي اينرو اثر ٿيو جو ٿور ٻئي.عرصي اندر سندس قلب ڪلي پيو.*(۵)

'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ بہ لکيل آهي تہ "فقير محمد محسن وڏو وينل روهڙيءَ جو بہ سندس مريد هيو. انهيءَ، شاهہ عبدالوهاب سائينءَ کي عرض ڪيو تہ مون کي دعا ڪريو تہ پُٽ ٿئي.

=> ڏسبو تہ نظر ايندو تہ مسجد جي عمارت جي هر هڪ ڪاني گويا ڪوئلن جي ٺهيل آهي. ڪوئلن جي ٿنين مٿان ڪوئلن جا شهتير ۽ انهن تي ڪوئلن جون پٽيون جن جي مٿان ڪوئلن جون تيليون پيل اهن ۽ انهن کي اڌ انچ يا پاءُ انچ جيترو اندر ڪوٽبو تہ سموري ڪاني صحيح سلامت نظر ايندي. اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ سچو تصرف انهيءَ بزرگ ولي الله سيد عبدالوهاب شاهہ جو هو جو مسجد سان اهڙي معجزي ۽ ڪرامت جهڙي حالت ٿي."

*فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن (متوفي ۱۲۵۹هہ) ۽ ان جو سؤٽ فقير بيگ محمد (متوفي ۱۲۷۲هہ) آخري عمر تائين سيد مير جان الله شاهہ ثاني جي خدمت ۾ رهيا ۽ سيد مير جان الله شاهہ ثاني جي وفات (۱۲۵۵هہ) کان پوءِ بہ هتن پنهنجي مرشد جي درگاهہ تي گذاريو. ٻنهي بزرگن جون مزارون بہ پنهنجي مرشد سيد جان الله شاهہ ثانيءَ جي مزار جي ڀيرانديءَ کان آهن، جن تي هيٺيان ڪتبا لڳل آهن. جيڪي ۱۹۷۶ع ۾ مرحوم سبحان بخش قريشي لڳرايا هئا

<=

پاڻ فرمايائون تہ اوهان کي پٽ ٿيندو جو صاحب شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو ٿيندو. جڏهن شاهہ صاحب ڇهہ مهينا روهڙيءَ ۾ رهي ياڳناڙي روانو ٿيو تڏهن فقير محمد محسن جي ٻانهن مير جان الله شاهہ ثانيءَ جي حوالي ڪري سندس خليفو مقرر ڪري اُسهيا."(٦) سيد عبدالوهاب شاهہ جي ئي دعا سان فقير محمد محسن (متوفي١٢٥٩هہ) کي فقير قادر بخش بيدل جهڙو رند، سالڪ ۽ عالم فرزند عطا ٿيو.

شخصيت ۽ شاعري

سيد مير جان محمد شاه رضوي اول ۽ سيد مير قلندر علي شاه رضوي ڪانپوءِ انهيءَ سلسلي ۽ خاندان ۾ پنهنجي باڪمال شخصيت ۽ شاعريءَ جي حوالي سان سيد مير جان الله شاهہ ثاني جو نالو اچي ٿو. هو هڪ وڏي عالم، فاضل ۽ عارف ڪانسواءِ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو وڏو شاعر پڻ هيو. فارسي شاعريءَ ۾ سندس تخلص "عاشق" هيو ۽ هي بہ جان محمد شاهہ رضوي اول ۽ سيد قلندر علي شاهہ رضوي جيان فارسي ٻوليءَ جو صاحبِ ديوان شاعر ٿيو. 'ديوان عاشق' سندس فارسي تصنيف آهي.

سيد مير جان الله شاهہ ثاني جي شخصيت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس متعلق "شجره سادات نقوي / رضوي بکري" ۾ هينيان القاب لکيا ويا آهن.

⇐

٧٨٦ فقير محمد محسن بن محمد فريد بن عبدالقادر قريشي صديقي ملتاني والد فقير عبدالقادر عرف قادر بخش تخلص بيدل تاريخ رحلت ١٢٥٩هجري.	٧٨٦ فقير بيگ محمد بن غلام لطيف بن عبدالقادر قريشي صديقي ملتاني والد فقير عبدالله قدس سره ۽ خليفہ مير جان الله شاهہ وچون تاريخ رحلت ١٢٧٢هجري.

وڌيڪ ڏسو راقم الحروف جو ڪتاب 'بيدل جو اردو ڪلام' مطبوعا ١٩٩٧ع.

"عارف رباني ڪاشف سرسبحاني سر حلقہ اهل صفا و
سرچشمہ حقيقت و معرفت حضرت شاهہ مير جان الله قدس سرہ" (٧)

سيد مير جان الله شاهہ ثاني، جنهن کي مير جان الله شاه وچون پڻ چوندا آهن، سيد عبدالوهاب شاه کان پنهنجي ڏاڏي مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي امانت / روحاني فيض حاصل ڪيو ۽ سندس ئي روحاني ۽ فڪري سلسلي جو وارث ۽ رهبر بڻيو. مختلف تذڪرن ۾ سيد مير جان الله شاه ثانيءَ جو بيان بہ تمام ٿورو آيل آهي. "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آيل آهي تہ مير جان الله شاهہ وچون (ثاني) وڏو ڪامل، سخي، عارف، صابر ولي الله ٿي گذريو اهي. سندس هزار ها مريد هئا. شاه شجاع خراسان جو بادشاهہ بہ سندس مريد هيو. مير جان الله شاهہ ثانيءَ جي اها عادت هوندي هئي تہ روز رات جو ماڻهو موڪلي سڄي شهر روهڙيءَ جي مسجدن، مسافرخانن ۽ مڪانن تي ماني پهچرائيندا هئا ۽ بلڪہ ساري شهر جي سار سنڀال لهندا هئا تہ ڪو بہ ماڻهو بک تي تہ نہ سمهيو اهي. فقير قربان علي وينل تندي محمد حسن خان جو جيڪو درازن جي خانقاه جو مريد هيو، سو چڱو ڪامل فقير هو ۽ اول عمر ۾ مٿس عشق خدائي جو جوش هوندو هوس انڪري گهمندو وتندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن خيال کان روهڙيءَ جي ٻاهران نون قبين وٽ هڪ جبل جي چُڙَ ۾ فجر جو اچي وينو ۽ سارو ڏينهن وينو رهيو. رات جو هڪ ماڻهوءَ اچي سَڏُ ڪيس تہ "قربان فقير ٻاهر اچ" . فقير حيرت ۾ اچي ويو تہ مون کي هتي وبهندو ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي سو هي شخص ڪيئن ٿو سڏڪري! آخر فقير نڪري آيو چا ڏسي تہ هڪ ماڻهو بہ ڍاڪون ٻوڙ مانيءَ جا کنيون بيٺو آهي ۽ فقير کي چيائين تہ سائين جان الله شاهہ صاحب توکي هي ماني موڪلي اهي. فقير قربان علي چيو تہ منهنجي خبر ڪيئن پين. هن ورائيو تہ "مون کي وڌيڪ خبر ناهي، بس سائينءَ جن پاڻ فرمايو تہ فلاڻي هنڌ فقير قربان وينو اٿئي جنهن ڏينهن جو بہ ماني نہ کاڌي آهي ان کي وڃي ٻن ويلن جي ماني ڏئي اچ" اها ڳالهہ فقير قربان علي، فقير قادر بخش بيدل سان

ڪٺي هني جو تمام گهرا دوست ٿي ويا هئا. (٨)

مير جان الله شاه ثانيءَ متعلق اهو بہ لکيو ويو آهي تہ جنهن ڪٺ تي پاڻ سمهندا هئا ان تي ڪنڌا ۽ ڪانديرا وجهرائي ڇڏيندا ها ۽ مٿان وري سيج وڇرائي ڇڏيندا هئا. عام خلق جي خيال ۾ هو تہ مير صاحب جن سيج بندن تي سمهن ٿا پر پاڻ ساري رات ڪنڊن تي گذاريندا هئا يعني پاڻ کي ڏکيو رکندا هئا. مير جان الله شاهہ ثاني هميشه ڪٺ جا پير اتر اوڀر جي ڪنڊ تي ڪندا هئا. انجو سبب طالب پڇندا ها تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ "ابا فقير دهليءَ جي دروازن کي پير ڏنيون سمهيو پيو آهي. فقير جي مُٺي ڪانپوءِ اهي حاڪم ملڪ ۾ ايندا جي نہ لانگ مجيندا ۽ نہ بانگ مجيندا. ٿيو بہ ائين جو سندن وفات ڪانپوءِ جلد ئي ملڪ انگريزن، مير صاحبن کان ورتو. (٩)

ڪوٽ مير جان الله شاهہ

روهڙي شهر ۾ رضوي ساداتن جا بہ ڪوٽ گهٽو مشهور آهن، هڪ ڪوٽ مير يعقوب علي شاهہ رضوي ۽ ٻيو ڪوٽ مير جان الله شاهہ رضوي. پهرين کي 'وڏو ڪوٽ' ۽ ٻئين کي 'ننڍو ڪوٽ' پڻ چيو ويندو آهي. لکڻ ۾ اچي ٿو تہ "ڪوٽ مير جان الله شاهہ" سيد مير جان الله شاهہ ثاني ٺهرايو هيو.*(١٠) مير جان الله شاه ثاني جا وڏا بہ اصل پنهنجن حويلين ۾ رهندا هئا جن کي پڻ 'ڪوٽ" سڏيو ويندو هيو ۽ اهڙو ذڪر اسان اڳ ۾ بہ ڪري چڪا آهيون تہ مير جان محمد شاه رضوي اول ۽ سيد قلندر علي شاهہ بہ پنهنجي 'ڪوٽ" ۾ رهندا هئا. بعد ۾ سيد مير جان الله شاهہ ثاني ان ڪوٽ جي نئين سر تعمير ڪرائي هوندي ۽ ان جي پس گردائي وڌائي هوندي. 'جانشاهي' خاندان جي سيد غلام رسول شاه رضوي بن سيد غلام شاه راقم الحروف کي ٻڌايو تہ ڪوٽ مير جان الله

*قريشي حامد علي خاناني لکيو آهي تہ "سيد جان الله شاه پنهنجي رهڻ واري حويليءَ جي چوگرد هڪ ڪوٽ ڏياريو هيو جو روهڙيءَ شهر جي ڏکڻ اولهہ طرف ٽڪري، تي آهي ۽ اڄ بہ ننڍي ڪوٽ جي نالي سان سڏبو آهي. (ڏسو: خاناني صاحب جو مضمون "سيد حيدر شاه حقاني رضوي" مطبوعا ٽماهي مهراڻ ڄامشورو١٩٩٥ع)

شاه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنج دروازا هوندا هئا، جن مان هنيئر صرف ٻن دروازن جا نشان موجود آهن، هڪ اهم دروازو جيڪو ڪوٽ مير جان الله شاه جي اترينءَ پاسي عام رستي تي هيو تنهن جي مٿين چوڪاٺ تي ڪافي سال اڳ ڪتبو وغيره به لڳل هو.(١١)

هن وقت ڪوٽ مير جان الله شاهه جي تعمير پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود ناهي، البت ڪوٽ جا ڪجهه نشان ۽ هڪ دروازو پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود آهي جنهن جي تصوير هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. ڪوٽ مير جان الله شاهه جو اهو مکيه دروازو ڪوٽ جي اترئين پاسي ڪلي ٿو ۽ پنهنجي ڏيک ۾ اصلي تعمير ڏيکاري رهيو اهي. ڪوٽ مير جان الله شاهه رضوي جا ڪجهه قديم نشان، دڙا، پيتيون ۽ ساداتن جي اڳوڻين حويلين جا نشان ۽ ڪي آثار اڃان موجود آهن جن جون تصويرون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويو آهن.

باغ، راحت العاشقين:

سيد مير جان الله شاه ثاني عرف مير جان الله شاه 'عاشق' کي وڻن، ٻوٽن، پکين، پرندن ۽ فطرتي نظارن سان بيحد لڳاءُ هيو انڪري پاڻ پنهنجي 'ڪوٽ مير جان الله شاهه' جي اندر هڪ باغ پڻ پوکايو هئائون، جنهن جو نالو انتهائي خوبصورت رکيائون باغ جو نالو هيو باغ 'راحت العاشقين' يعني عاشقن ۽ جمالياتي ذوق رکندڙ اهل دل فقيرن ۽ طالبن جي راحت ۽ تسڪين جي جاءِ. باغ جي نگراني سيد مير جان الله شاهه ثاني پاڻ ڪندا هئا جڏهن ته ان جو سنڀاليندڙ سندن خاص طالب ۽ خليفو ۽ فقير بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن هوندو هيو. عجيب ڳالهه آهي ته مير جان الله شاهه ثاني جي وفات کانپوءِ اهو باغ بلڪل اجڙي ويو. 'انيس المساڪين' ۾ آهي ته "پاڻ (مير صاحب) ڪوٽ ۾ اندر باغ ٽڪر رکايو هئائون. انهيءَ باغ جو ڪم هلائيندڙ خليفو محمد محسن هو. ان ٿوري باغ ۾ سڀ جنس جا ميوا جيڪي روهڙيءَ جي باغن ۾ آهن ان ۾ موجود هوندا هئا. هر موسم ۾ اهو باغ ڦريل هوندو هو. خليفي محمد

محسن کي سندن حڪم هو تہ جيڪو بہ شهر جو ماٺهو باغ ۾ اندر اچي ان کي جهڙي موسم هجي اهو ميوو بنا قيمت ڏيندو وڃ. توڙي جو اهو ماڻهو سؤ گهمرو اچي. رب ڪريم جي قدرت سان سندس تصرف اهڙو هيو جو هميشه جيڪو اچي سو ميوو وٺيون ويندو هيو. باغ بلڪل آباد هيو ۽ منجهس هڪ کوهہ بہ هيو ۽ بلڪل عجيب نظاري وارو باغ هيو. جڏهن پاڻ هن جهان مان موڪلائڻ لڳا تڏهن فقيرن عرض ڪيو تہ 'قبلا باغ ڪيئن ٿيندو' پاڻ فرمايائون تہ ابا پار رات جو راند ڪندا آهن. گدرن جون واڙيون ناهي پوءِ جڏهن راند بس ڪندا آهن ۽ گهر هلندا آهن تہ لت هٽي اهي واڙيون ڊاهي وجهندا آهن. سو فقير بہ هي باغ راند وانگر ڊاهيون ويندو. قادر جي قدرت سان اڄ انهيءَ هنڌ بہ چار ڪجيون بنان ڦر نشان لاءِ آهن نہ تہ سپ ٽڪر پيو ڏسجي ۽ ڪٿي ڪبڙ، ڪرڙ اهن نہ تہ وڻ جو نالو بہ ڪونهي". (١١)

هنيئر ڪوٽ مير جان الله شاه جي قديم آثارن ۽ درگاهہ مير جان الله شاهہ جي اوپر ۾ انهيءَ باغ واري هنڌ تي باغ جو ڪو بہ نشان موجود ناهي ۽ نہ ئي ڪجين جا وڻ يا ڪبڙ ئي اهن. هن وقت اتي گند ۽ مٽيءَ جو ڍير اهي ۽ اهو ٽڪر ماڙيءَ جي ناليءَ سان مشهور آهي. اها جاءِ ڪوٽ مير جان الله شاهہ ۽ ڪوٽ مير مراد علي شاهہ (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) جي وچم آهي.

وصال

سيد مير جان الله شاهہ ثاني عرف مير جان الله شاه عاشق، تاريخ ٢٥ مئي ١٨٣٩ع مطابق ٦ ربيع الاول سن ١٢٥٥هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وڏي خليفي فقير محمد محسن جي فرزند ۽ سندس ئي سلسلي جي اهم شاعر فقير قادر بخش بيدل سندس وفات تي هيٺيون فارسي شعر چيو جنهن مان سندس تاريخ وفات پڻ نڪري ٿي.

جناب شاهہ جان الله صوفي مڪمل مرشد و پير طريقت
بهنگام تڪلم طالبان را خبر ميداد ز اسرار حقيقت

چودر و حدت وجودي کب کشوري بديدي سالک انوار زبنت
عيان مي بود درهر مستفيدش از و آثار جذبات محبت
بسلسله قادري مي ساخت مسرور ولئ دوران به تزيت ممکنت
چو عزم سير ملک لامکان کرد جلوس آورد بر تخت هويتِ
پئي سال وصالش هاتفي گفت
ولي تاجور اقليم وحدت (١٢)
١٢٥٥هه

فقير بيدل انهيءَ شعر ۾ هڪ طرف ڪيس پنهنجو مڪمل مرشد ۽ پير طريقت سڏيو آهي ته ٻي پاسي سندس شخصيت، علم، عرفان ۽ مرتبي کي پڻ واضح ڪيو آهي.

اولاد

سيد مير جان الله شاهه ثاني بن سيد منور علي شاهه رضويءَ جي شادي سيد جمن شاهه اول بن سيد قلندر علي شاهه جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان ڪيس چار فرزند تولد ٿيا. جن جا نالا آهن سيد جمن شاهه ثاني، سيد محمد حسن شاه، سيد الهرکيو شاه ثاني ۽ سيد مدد علي شاهه.

سيد جمن شاه ثاني سيد عبدالوهاب پاڳناڙي واري جو نياڻو هيو جو ان کان اڳ ۾ ان جو ذڪر ٿي چڪو آهي ته سيد عبدالوهاب شاه پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد جان الله شاه جي فرزند سيد جمن شاه کي ڏنو جنهن مان سيد علي اڪبر شاه اول فرزند تولد ٿيو.*

*قريشي حامد علي خاناڻي پنهنجي مضمون 'سيد حيدر شاهه حقاني رضوي' (مطبوعا مهراڻ ١٩٩٠ع) ۾ غلطيءَ، وچان لکيو آهي ته سيد عبدالوهاب شاهه پنهنجي مرشد جي روحاني امانت سيد جان الله شاهه کي ڏني ۽ پنهنجي نيڪ سيرت نماڻي جو پڻ ساڻس عقد ڪرايائين."
اها وضاحت ڪرڻ هتي تمام ضروري آهي ته سيد عبدالوهاب شاهه پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد جان الله شاهه کي نه پر سندس فرزند سيد جمن شاهه ثاني کي ڏنو هيو. شايد خاناڻي صاحب 'شجره سادات رضوي / نقوي بکر' ۾ جانشاهي خاندان جو مطالعو نه ڪيو آهي. =>

سيد جمن شاهہ ثاني بہ هڪ عارف ۽ فقيري شخصيت جو مالڪ هيو. "شجره سادات نقوي / رضوي بڪر" ۾ سندس متعلق هن طرح لکيل آهي:

"عارف رباني عاشق سبحاني صاحب تلقين و ارشاد
حضرت سيد جمن شاه صوفي القادري".

سيد جمن شاهہ ثاني بہ شادي ڪيون، جن مان ڪيس ڇهہ فرزند توليد ٿيا. سيد محمد حسن شاهہ، سيد مڪي شاه، سيد محمد شاه، سيد علي اڪبر شاه اول، سيد مراد علي شاهہ ۽ سيد عبداللطيف شاهہ.

سيد جمن شاهہ ثانيءَ جو فرزند سيد علي اڪبر شاهہ اول پوءِ درگاهہ مير جان الله شاهہ رضوي جي گاديءَ تي ويٺو.

=> بي پاسي قاضي غلام مهدي جي قلمي تصنيف "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۽ گدومل هرجاڻي جي ڪتاب "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" مطبوعا ١٩٤٠ع ۾ ۽ پڻ اها ڳالهہ لکيل آهي تہ سيد عبدالوهاب شاهہ سيد جان الله شاهہ رضوي جي پٽ سيد جمن شاهہ کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنو جنهن مان سيد علي اڪبر شاهہ اول تولد ٿيو.
(بحوالہ "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" (قلمي سنڌي) قاضي غلام مهدي بيو نقل ١٩١٧ع "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" گدومل هرجاڻي مطبوعا ١٩٤٠ع)
سيد جمن شاهہ ثاني بن سيد جان الله شاهہ ثانيءَ جو مٿئين تذڪري کان سواءِ ڪو بہ احوال ڪٿي ملي نہ سگهيو آهي. ايتري قدر جو سندس وفات جي تاريخ جي بہ خبر پئجي نہ سگهي آهي، بي پاسي مختلف تذڪرن ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ سيد جان الله شاهہ ثاني ڪاپوءِ سيد علي اڪبر شاهہ اول گاديءَ تي ويٺو. "بحوالا تذڪره شعراءِ سڪر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مطبوعا١٩٦٥ع) ان ڳالهہ مان اهو گمان غالب ٿئي ٿو تہ شايد سيد جمن شاهہ ثاني پنهنجي والد بزرگوار سيد جان الله شاهہ ثاني جي حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو هوندو ۽ سيد جان الله شاهہ ثاني جڏهن وفات ڪئي تہ سندس پوٽي سيد علي اڪبر شاهہ اول کي گاديءَ تي ويهاريو ويو هوندو.

حوالا

(١) شجره سادات نقوي / رضوي بکر (قلمي فارسي)
(٢) 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي.
(٣) 'ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري' گدومل هرجاني مطبوعا ١٩٤٠ع
(٤) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
(٥) 'ديوان بيدل' مؤلف عبدالحسين شاه موسوي مطبوعا ١٩٩١ع
(٦) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
(٧) 'شجره سادات نقوي / رضوي بکر' قلمي فارسي
(٨) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
(٩) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
(١٠) احوال سيد جان الله شاه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا.
(١١) احوال سيد جان الله شاه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا.
(١٢) 'ديوان بيدل' (عبدالحسين شاهہ موسوي) مطبوعا ١٩٩١ع
(١٣) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
-احوال سيد جان الله شاهہ ثاني قاضي علي رضا (قلمي سنڌي)
-ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري (گدومل هرجاڻي) مطبوعا ١٩٤٠ع
(١٤) شجره سادات رضوي / نقوي بکري (قلمي فارسي)

غزل فارسی

سخنی به یار جانان گفتم نه گفته بودم
حال دل پریشان گفتم نه گفته بودم

الفت چه یار کرده دلرا به غمزه برده
رمزی ز چشم افشان گفتم نه گفته بودم

در محفلش رسیدم خود بیخودی بریدم
خبرهم درخشان گفتم نه گفته بودم

پیرم چو ذکر داده سر برفلک نهاده
این شان شاه شاهان گفتم نه گفته بودم

درجهد پا در آمد جوشی ز دل برآمد
پیمود دل بیابان گفتم نه گفته بودم

شیدای کوی جانان دردست جام مستان
مشرب شراب خواران گفتم نه گفته بودم

عاشق خواص گشته غیر از دلش نبسته
این موج بحر عرفان گفتم نه گفته بودم

الاهی موج طوفان بخش اشک دیدگریان را
سحاب آسا برافشان کن مدام چشم گریان را

تلطف خویش قائم کن، برای دردمندان عشق
ز ابر رحمت سرسبز گردان جان بریان را

خزان را ره مداه دردل به مشتاقان دیدارت
بهاری کن زغنچه گل به پوشان جسم عریان را

نقاب از روی خود بردار بنما جلوه حسنت
معطر کن دماغ من زبوی عشق سریان را

زبیرحمی به سائل دیدن آئین کرم نبود
بده ساغر ز می احمر بنوشان دیده ترپان را

عجائب عشق همت داد، عاشق را درین منزل
بزیر حکم خود آورد، جن و انس و پریان را

از کوی یار مفتون رفتم نه رفته بودم
با دل فگار محزون رفتم نه رفته بودم

عقدهٔ دلم چو واشد اظهار دلربا شد
در غم گسار مجنون رفتم نه رفته بودم

جام شراب خوردم درعشق گوی بردم
سرشار یار گلگون رفتم نه رفته بودم

در جستجوی بودم لیلیٰ رسید زودم
دیوانه وار مجنون رفتم نه رفته بودم

بارش ز نور باران چون ابر نو بهاران
باگلعزار محزون رفتم نه رفته بودم

ازجذبه جان ز بوده غنچه دلم کشوده
از اختیار بیرون رفتم نه رفته بودم

با دوست هم قرینم مالک همه خزینم
هجری ز یار بیچون رفتم نه رفته بودم

در مجلس عشاقان عاشق ز جام رندان
مست و خمار مشحون رفتم نه رفته بودم

ذوقی ز درد هجران دیدم نه دیده بودم
در وصل جان سوزان دیدم نه دیه بودم

دیروز یار دیدم پی سجده سر خمیدم
چون کبک سرخرامان دیدم نه دیده بودم

تشریف شاه ذیشان در ماریه بیابان
ظلمی چنین بدوران دیدم نه دیده بودم

آب فرات بسته لب آب نان کشته
صبرو رضای شاهان دیدم نه دیده بودم

از کربلا روانه سجاد پا برهنه
آل عبا به زندان دیدم نه دیده بودم

موسیٰ بگفت ارنی بشنید لن ترانی
در جلوه بیخود از جان دیدم نه دیده بودم

هر جای جلوه جانان چون شمع شد درخشان
بر عرش ماه تابان دیدم نه دیده بودم

امداد شد ز ساقی میخانه عشاقی
لذت خمار مستان دیدم نه دیده بودم

راز نهفته دلبر اظهار شد ز رهبر
اسرار سر پنهان دیدم نه دیده بودم

عاشق نه عشق خسته در دام یار بسته
زنجیر زلف پیچان دیدم نه دیده بودم

بيرنگ چال برھہ جي آھي، رند پروڙي ڪوڪو پير
١. چال چلت آءِ برھہ جي اوکي، بار ڪٺي ڪو سُرت سُمير
٢. پانيڙ باھہ برھہ جي باري، تنهن ۾ گهڙي ڪو مردُ چڳير.
٣. بيخود جان جسم ڪي گنوائي، سُوجهي سِريءَ جو لهي ڪو سير
٤. عاشق مام محبت واري، بن ڪاھوڙي لهندو ڪير.

●●●

برھہ اچانڪ ڪڙيان، پينر سورن ڏيلُ ڏڪايو
١. مام الف جي يار سٺائي، ’بي‘ ڏي، مول نہ وڙيان وڙيان
٢. آتش برھہ جي جوش جڳايو، تنهن ۾ بيخود پڙيان پڙيان
٣ نوڪ نظر نين جي بيشڪ، بيوس آ منن چڙھيان چڙھيان
٤ عاشق بحر محيط دي اندر، نيهن دي ذوقنون گهڙيان گهڙيان.

روپ ڪنيات

واهه واهه برهه اُني برسات، پُل ڳَئي ڪثرت دي مصلحات.
١. روزي نفل نمازئون فارغ، وچ وحدت وصلات.
٢. رنگ بيرنگي رنگ رلايا، وهم جَلا خطرات.
٣. عشق اويڙي مچ مچايا، وسري، ڪل ڪلمات.
۴. عشق ديان عاشق موجان مائڻ، اڪيان دي عرفات.
۵. نيهن نسنگي ثابت ڪيتا، 'موتوا' دا درجات.
٦. 'عاشق' وحدت ڪثرت اندر، اظهر ذات صفات.

●●●

باري برهه آفات آهي آهي، ڪو رند اچي ان چؤگان پر.
١. حُسَين حلاجي نوبت ماري، دنيا عقبيٰ همه وساري
ڪُڏ ڪُڏ چڙهيو ڦاهي ڦاهي.
٢. 'شمس' قمر جو نعرو ماري، بيخوديءَ جو ڊارو ڊاري
ڪل ڪلايئين ڻاهي ڻاهي.
٣. شاهه عنايت صوفي سالڪَ، سر ڏين ڪان ڪيائين نالڪَ
نوڪ نيزي چڙهيو ڪاهي ڪاهي.
۴. شاهه بلاول سرڙو سنياهي، وڃ گهاتي جي پاڻ پيڙائي
'نانهين' تنهن وٿ ناهي ناهي.
۵. عاشق رمز عشاقن خاصي، رهج انهن جو هردم پياسي
ريءِ محبت پيو چاهي چاهي.

روپ ڪلياڻ

ڪير ويهي ٿو ڪير ٻيهي ٿو، ڪيهو سندس اُهڃاڻ.

١. صورت ۾ ٿي سندس اُتارو، ڏس پروڙي پاڻ.
٢. فاسجدو آدم فن فائق جو، صحيون ايءُ سڄاڻ.
٣. 'الانسان سري وانا سِره' ، ايهو پرينءُ جو پرياڻ.
٤. ونحن اقرب' ناطق نڪتو، چاڻ اهو تون چاڻ.
٥. ڳوليندڙ جو تون نہ ٿو ڳولين، سوئي توني ساڻ.
٦. 'عاشق' ريءُ توحيد الله جي، ٻيو سڀني ٻُھ پاڻ.

•••

ڪلياڻ

وحدت ڪثرت، ڪثرت وحدت

اهو اصول اصل جو نشان.

١. ڪثرت وحدت جو ٿي مظهر ماڳ سندس لامڪان.
٢. خلق لآدم عليٰ صورته، فائق جو فرمان.
٣. وفي انفسڪم سمجھہ اشارو، ذاتي سر عيان.
٤. ڳولي قولي ثابت ڪر تون، ڪامل قرب قران.
٥. عاشق سر وچ سر سُجاڻي، ڄاڻي سڀ جهان.

جوڳ

عشق وارن سان ناهي بات، دين ڪفر کي ڇڏي ڏنائون
١. لا الـه ۾ گم جو تيڙا، الا الله ڪيائون اثبات
ديد ۾ دلبر صحيح ڏنائون.
٢. چڙهـ چڙهـ آون لذت پاون، صورت سڀ صفات
خيال خوديءَ جو گم ڪيائون.
٣. درد مندن کي درد وچولي، گڏين گورڪنات
پورب جو وجي پنڌ پڇيائون.
۴. جانشاه عاشق اڳي لنگهي ٿيا، پرهـ ڦٽي پريات
دم انا الـحق جو سڌ سڌيائون.

جوڳ

تن مارن لڏ سڪندي، عمر وڃايم ويهي،
عمر وڃايم ويهي، پسان پنهوارن پيهي.

١. ڦوڳ ڦلاريا سڦرا، ڪرڙ ڪڪوريا ڪي ڪي،
ڏڻ چاريان منجهه ويهي، گڏجي پنهوان پيڪي،
اٿم اميدان سرتيون مارو ملندم سيني.

٢. سڪ مارن جي جيڏيون جيءَ ۾ ڪيون هن جهوڪان
درد مندن جي دل ۾ برهه لايون هن موڪان
ڏي موڪل چام عمر رمز مارن دل ريهي.

٣. وڃ ڪانگل ڏي خبران ڏورين ڏوٿيڻڙن ڪي
ساري سنياري چنج منڙن مارونڙن ڪي
قيدن ڪوٺن مان چُٺي ڏيهه ڏسان وڃي ڏيهي.

٤. ناز حسن دلبر دي چشمان ڏين ٿيون چوڪان
جانشاه عاشق جي سر نيهن لايون هن نوڪان
برهه بهاران لڳيون دوست لڏم وڃ ديهي.

آسا

برهين بادل وسڪاراهي، بجلي چمڪ چمڪاراهي
١. آتش عشق پر پرڪاراهي، دل دي اندر هُل هلڪاراهي
٢. جلوي چمڪ چمڪاراهي، آڪاش گل گلڪاراهي
٣. بارش برهه گهن گهنڪاراهي، تابش حُسن پل پلڪاراهي
٤. منهن مهتاب دا ظاهر نظاراهي، الف ڪنون هُل هلڪاراهي
٥. جان شاه عاشق نيهن نرواراهي، دم دم انا الحق دا للڪاراهي.

...

آسا

اسين ناهيون يار ناهيون
پنهنجو پاڻ سُڃاڻون.
١. پريم نگر وچ آگم ٿيوسي، بيرنگي رنگ تا لايون.
٢. هم تم هويا تم هم هويا وي، آپ وچ آپ سمايون.
٣. جام برهه دا پُر ڪر پيتوسي، گيت اناالحق ڳايون.
٤. بيخودي دا باب پڙهيوسي، راهه عدم دا پڇايون.
٥. جان شاهه عاشق سائين يار جو مليا، وبنا برهين بوند وسايون.

آسا

ائين ناهين يار ناهين

جيئن تون پاڻ ٿو پائين

١. پاڻ پائڻ آهي ڪم زنانو، چوٿو وقت وڃائين.

٢. پر گهٽ ۾ ويهي پاڻ کي ڏس تون، چو ٿو پاڻ ڇُپائين.

٣. دنيا فاني ڪنهن سان نہ رهندي، چو ٿو تودا خيال جا ناهين.

٤. جان شاهہ عاشق تياڳ ڪيوسي، وينو رنگپور ۾ رنگ رچائين.

●●●

آسا

چندول چوڏهينءَ رات

آيل هاڙهي آيا مون پرين.

١. اکڙيئين نند ناهہ ڪا، پرهہ ڦُٽي پرڀات.

٢. ويني ساريان هوت کي، جاڳڻ ساري رات.

٣. وحده' لاشريڪ له' ، بولي بي ناهي وات.

٤. جان شاه عاشق کي سڪ پرين جي، وصل وصال جي تات.

آسا

چوتاَ ڍکايو مون پَٽُ الا.
آءُ پنهنجا ڦوگ ڦلهاريا نہ متيان.

١. ڪاڄ ڪندون تنهنجا ڇا ڪنديس مِيان
پاند پيون مارن وٽ الا.

٢. ٻن ڏيان گلم غاليچا طول وهاڻا
لوئي لنگين نہ لَٽ الا.

٣. جيئن هت باغ باغيچا بنگلا ميان
ڪرڙ ڪڪريا هت گهت گهت الا.

٤. ڇڏ تون عمر مارن ملنديس ميان
قيد ڪشالا ڪٽ الا.

٥. سرتيون جان شاھ عاشق چوي الا
سرِ جو سانگو سٽ الا.

پيروي

واري پُل گئي سانون تدبير
ڏي ڪا من کي ڏير

١. فرق فراق جي نيون آهہ نهوڙي، ڏي ڪا ساهہ سُڌير.
٢. دلبر ٻاجهون دلڙي ديواني، درد ڪئي دلگير.
٣. دنيا عقبيٰ ڇوڙ ڪرا هُڻ، خاص ٿيو سي فقير.
٤. بحر بيرنگي وچ گم هويوسي، وسربا خيال سرير.
٥. آتش عشق جي مچ مچايا، برهہ وڌي تڪبير.
٦. جانً شاه عاشق سر ڏنوسي، اصل هُني تقدير.

پيروي

اسين صوفي رند مشارب هون
گهي مشرق گهي مغارب هون

١. کڏان اندر هون کڏان باهر هون
کڏان باطن هون کڏان ظاهر هون
کڏان طيب هون کڏان طاهر هون
کڏان عجمي هون کڏان عارب هون.

٢. کتان حاضر هون. کتان غائب هون
کتان ميخور هون کتان تائب هون
کتان نيهن نواب دي نائب هون
کتان جام وصال دي شارب هون.

٣. کتان بت خاني وچ آزر هون
کتان آتش عشق ري ناظر هون
کتان يوسف بن وچ بازر هون
کتان نال زليخا اقارب هون.

۴. اسان شهہ شهباز قلندر هون
اسان دين ذرمر ري منبر هون
اسان هر طالب دي رهبر هون
اسان مالک مشرق مغارب هون.

٥. كڏان بيخود هوكي مست رهون
كڏان جام شراب الست پيون
كڏان قالوبلىٰ دل خست كَهُون
كڏان حاجي حرم يثارب هون.

٦. كتان درد فراق دي گهائل هون
كتان جان شاهہ عاشق ري مائل هون
كتان وصل وصال ري سائل هون
اسين اقرب سخن مَقارب هون.

ڌناسري

آڻ مليمر اڏ رات سرتيون
هاڙهي پر هيڪليءَ سان.

١. رنگ ڀنهل دي رنگ رچايا، رنگپور دي وچ ناچ نچايا
اڳني هلڻ جي ڪر تات سرتيون.

٢. ديدان دي وچ ديدان اڙبان، فوجان حُسن ديان سر پر چڙهيان
آڻ مليمر گرگيات سرتيون.

٣. دامر زلف وچ قيد ڪيائون، باهه باهه وچ سرُ ڏنائون
ٻڌي لاهوتن جي لات سرتيون.

۴. جان شاهه عاشق کي عشق ڏنائون، ڪالهه پرين جي ڳالهه ڪيائون
باهوتين جي بات، سرتيون.

ڏناسوي

دردن جي ڪا رات، سرتيون
شال نہ اچي ڪنهن تي.

١. شاهہ شِهان دا ڪرم جو هويا، شام صبح سڀ هڪو ٿيڙا
وٺي پُلي دن رات سرتيون.

٢. سامين جو اچي سنگ ڪيانون، پُل صراط تون لنگهہ ڪيانون
ڪري وڏانون ڪُل گهات سرتيون.

٣. احمد صمد سان 'ميم' رَليانون، ترڪ، هندو سڀ هڪ ڪيانون
معلوم ڪري تہ صفات سرتيون

٤. جان شاهہ عاشق ڪي درد ڏنانون، برهہ وارن سان سنگّ ڪبانون
سامي ڏنانون سات سرتيون.

ڏناسري

برهين واري بانگ سرتيون
صبح سٿايائون مُنيءَ ڪي.

۱. ويسان، هرگز مول نہ رهسان، مارن جي ٿمر تات سرتيون.
۲. مال مارن جو آءُ وجي چاربندس، سانگين سان ڪري سانگ سرتيون.
۳. لڪي مڪاءِ ڪالهہ مُنيءَ ڪي، ڪانگل هٿ ڪا ڪانگ، سرتيون.
۴. جان شاه عاشق وارن سان، لنگي وبو سپ لانگهہ سرتيون.

●●●

ڏناسري

رمزن واري راهہ
عشق سُٿائي مُنيءَ ڪي

۱. برهين باهہ عشق وارن ڪاڻ
مُڪي آهي پاڻ الله

۲. ڪا نہ ڏنيسين ڪا ٿهين
برهہ واري ڪا بات

۳. سڪ پرين جي آءِ مچ مچايا
شل نہ ڪندو گمراهہ

۴. جان شاهہ عاشق سان حامي ٿيڙو
مرشد شاهن شاهہ.

بلاول

رمز لائي تو دلدار
من مستانہ هويا ولے يار

١. مُلان قاضي سڀ وچ هکو، پنڊت جوشي ٻيو ناهي کو
مجب منا مننار.

٢. شاهہ حسن دا سير ڪيتوسي، رنگپور دي وچ صحيح ڏٺوسي
جوشنون جلوبدار.

٣. غير دوئي دا گم جو هويا، غين دا نقطا يڪدم ڌويا
عين علي اظهار.

۴. جان شاهہ عاشق گهر وچ پاتا شاهہ حسن دا صحيح سُڃاتا
نيهن ٿيا نروار.

•••

بسنت

من سيلاني ويکڻ آيا
واهہ واهہ حسن هر هرڪاري دا.

١. اُپريا چنڊ ٿيان روشنيايان، لشڙا فڪر انذاري دا.

٢. چوڏهان طبقين وچ ظاهر ڏٺوسي، نور منور پياري دا.

٣. بارش برهہ دي بوند وسايا، ڪليا بسنت بهاري دا.

۴. گهٽ گهٽ ري وچ پيدا ٿيڙا، جلوا نور پياري دا.

٥. جانشاهہ عاشق بي سر جو آيا، وسيا ميگهہ ملهاري دا.

سورٺ

بڌي انحد جي پُٽڪار
درد ۡتن تارۡ لڳي.

١. رڳ رڳ دي وچ يار سمايا، جوشئون جلويدار
چمڪ چمڪار لڳي.

٢. من موهن ۾ دوست ڏٺائون، عشق لائي پٽڪار
برھ گھنگھار لڳي.

٣. باغ باغيچا بنگلا ميان، گل ڦل جي گلزار
چمن چوڏار لڳي.

۴. جانشاھ عاشق سان تي ڪرم الاهي، مليو دوست جو ديدار
حسن دربار لڳي.

...

جوڳ

بڌي عشق وارن جي بات
جوڳين اتي وجي جيءَ جلايا.

١. من موهن جي تار بجاينون، ساز سُرندا سڀ پيجي چڏيائون
دل جي اندر مَهر مهتاب، انحد مُرليءَ سان سُرَ ملِايا.

٢. ملڪوت جبروت جو سير ڪيائون، لاهوت باهوت ۾ پاڻ ڏٺائون
نفي ڪيائون اثبات، سامين وجي اُتي جَرس هَلايا.

٣. راتيان ڏينهان راند روئڻ جي، دلبر ڪارڻ سڪ ملڻ جي
آڻ مليس گر گيات، درد مندن وجي خيال رَلايا.

۴. جان شاھ عاشق تي ڪرم الاهي، جنهن کي منصب مليو آهي شاهي
لنگهي ويو ذات صفات، شوق وارن اُتي جام پلايا.

جوڳ

ڏسي آتم جو ڏن ڏيان
عاشقن جتي اچي شور مچايا.

١. اوديا اونده گني اکين کون، جنت دوزخ ويو پسڻ کون
صورت سپ سبحان، دردمندن وجي دود ڏکايا.

٢. مايا موه کي چڏي ڏنائون، الست بربکم جي ڳالھ ٻڌائون
مشتاقن جو اهو مکان، رنگپور دي وچ ناچ نچايا.

٣. ونحن اقرب قول کيائون، وفي انفسکم جي رمز چيائون
تن من اندر آهي نشان، آدم بن بن کے نام ڌرايا.

٤. بار بره جو سر تي آيو جانشاه عاشق ٿي خوش چايو
رهبر ٿيس گُر گيان رڳ رڳ دي وچ يار سمايا.

جوگڀ

تلک مَتا تي لاکي، سامي بن بن آيا.

١. رنگ رنگ دي وچ يار بيرنگي، کٹ نصراني کٹ آهي زنگي گھت گھت وچ سمايا.

٢. تُرک هندو سڀ هکو صورت، کرشن ديوتا سڀ هکو مورت پورب پنڌ پُڇايا.

٣. رنگپور دي وچ کيل کلايا، موسيٰ فرعون دا ميل ملايا جوڳي مٿي آءِ جان جلايا.

۴. جانشاهہ عاشق تي رحم فرمايائين، خيالُ دُئي دا گم کيائين سنگر ساٿُ ملايا.

سيد علي اڪبر شاھہ رضوي اول

سيد جمن شاھہ ولد سيد مير جان الله شاھہ ثاني ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاھہ رضوي اول مسندنشين ٿيو. سيد علي اڪبر شاھہ رضوي اول، شاھہ شاهان سيد عبدالوهاب شاھہ ڀاڳناڙيءَ واري جو ڏوهٽو هيو. "شجره سادات نقوي / رضوي بکر" ۾ هن طرح لکيل آهي.

"و از خانہ جناب مير جمن شاھہ عليه رحمة بيبي بنت سلطان العارفين قطب رباني غوث صمداني مولوي المعنوي سيد السادات حضرت سيد عبدالوهاب جيلاني الصوفي القادري و تولد شد سيد السادات حضرت سيد مير علي اڪبر شاھہ زادالله". (١)

سيد علي اڪبر شاھہ رضوي اول جي زندگيءَ جو مفصل احوال ڪنهن بہ تذڪري ۾ آيل ناهي ۽ نہ ئي سندس ڪو ڪلام ئي ملي سگهيو اهي جنهن مان خبر پنجي سگهي تہ پاڻ شاعر بہ هئا. البت پاڻ جنش تہ هڪ روحاني ۽ علمي خاندان جا چشم چراغ هئا ۽ سندن سلسلي جا وارث هئا، تنهن ڪري پاڻ بہ پنهنجي وقت جا وڏا صوفي ۽ قادري سلسلي جا صاحب سجاده هئا.

سيد علي اڪبر شاھہ رضوي اول، حضرت فقير قادر بخش بيدل جا همعصر هئا. جڏهن سيد علي اڪبر شاھہ اول وفات ڪئي تڏهن فقير بيدل انهن لاءِ فارسي شعر چيو جنهن مان سيد علي اڪبر شاھہ رضوي جي شخصيت جي خبر پوي ٿي.

چون علي اڪبر شه والا گهر صوفي و رضوي نجيب و نامور
صاحب سجاده سلک قادري شجره حسنين رانيکو ثمر
ره برون جسته ز قالب عنصري در هواي لامکان بکشاد پر. (٢)

سيد علي اڪبر شاھہ رضوي جي شروعاتي وحيءَ ۾ بيمار ٿيڻ ۽ صحتياب ٿيڻ وارو بيان مختلف تذڪرن ۾ آيل اهي جو هتي پيش ڪجي ٿو. انوقت سندس ڏاڏو مير جان الله شاھہ رضوي ثاني پڻ حال حيات هيو.

مير جان الله شاهه ثانيءَ جي حياتيءَ ۾ هڪڙو پيرو سيد ميان علي اڪبر شاهه بيمار ٿي پيو هو جو اڃان نوجوان هيو ۽ بارگاه الاهي ۾ سندس جيڪا حياتي هئي سا مير جان الله شاهه ثانيءَ کي پوري ٿيل ڏسڻ ۾ آئي تنهن ڪري پاڻ نهايت مايوس ۽ مغموم حالت ۾ اندران نڪري ٻاهر اوطاق ۾ اچي ويٺا. سندس خليفي محمد محسن (فقير بيدل جي والد) انهيءَ مايوسيءَ ۽ دلگيريءَ جو سبب پڇيو، پاڻ فرمايائون ته صاحبزادو سخت بيمار آهي ۽ سندس حياتي جي اميد نه آهي. خليفه موصوف عرض ڪيو ته قبلا مان رات جو الله جو ليکو جاچيندس ۽ فجر سائين جن کي احوال عرض ڪندس. ٻئي ڏينهن صبح جو خليفو محمد محسن اچي عرض ڪيو ته قبلا رات جو الله تعاليٰ جو سارو دفتر جاچيم ته صاحبزادي جي عمر پوري ٿيل هئي، وري ڏٺم ته ٻندي جي عمر ٻارنهن ورهيه باقي آهي تنهن ڪري مان هڪڙو سال ڪڍهن ڪڍهن بيماريءَ جو ڪڍي جدا ڪيم باقي يارهن سال صفا صحت جا صاحبزادي جي نالي لکيم جو قبول پوي. مير جان الله شاهه ٿي دفعا پنهنجي خليفي کان تصديق ڪئي ته تو دل و جان سان اهو ڪيو آهي ۽ جڏهن هن قبوليو ۽ اهڙي تسلي ڏني تڏهن مير صاحب فرمايو ته چڱو. پوءِ خليفي عرض ڪيو ته قبلا ٻندو موڪل ٿو گهري ته گهر وڃي سمهي ته جيئن صاحبزادو چڱو ڀلو ٿئي. پوءِ خليفي کي موڪل ڏنائون جو گهر ويو ۽ هڪ هنڌ ڪنڌوليءَ تي سمهي جان بحق تسليم ڪيائين ۽ سيد علي اڪبر شاهه رضوي يارهن ورهيه ساندده حيات هو جو ڪڏهن اک ۾ به سور نه پيس." * (٣)

---

*متي بيان ڪيل سيد علي اڪبر شاهه رضوي اول جي بيمار ٿيڻ ۽ صحتياب ٿيڻ وارو واقعيو مختلف تذڪرن ۾ جيئن جو تيئن بيان ڪيو ويو آهي، پر ان واقعي متعلق به هڪ اهم سوال اڀري ٿو. اسان ڏسنداسون ته سيد علي اڪبر شاهه اول سن ١٢٧٠هه ۾ وفات ڪري ويو آهي، جيڪڏهن ڪين صحت جا ملندڙ يارهن سال ان مان گهٽائجن ٿا ته پوءِ اهو واقعيو سن ١٢٥٩هه جو بيهي ٿو، ٻي پاسي اهو واقعيو سيد جان الله شاهه رضوي ثاني جي حياتي، ۾ ڄاڻايو ويو آهي هاڻي ڏسنداسون ته سيد جان الله شاهه ثاني جي وفات جو سن آهي ١٢٥٥هه. هنيئر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهو واقعيو سيد جان الله شاهه رضوي ثاني، جي ڏينهن ۾ ڪئين ٻيش ٿيو؟
(راقم الحروف)

وصال:

سيد علي اڪبر شاهه رضوي اول بن سيد جمن شاهه ثاني سن ۱۲۷۰هجريء مطابق ۱۸۵۳-۵۴ع ۾ وفات ڪئي. سندس وصال تي فقير قادر بخش بيدل جيڪو فارسي شعر چيو سو هتي پيش ڪجي ٿو.

چون علي اکبر شه والا گهر   صوفي و رضوي نجيب و نامور
صاحب سجاده سلک قادري   شجره حسنين رانيکو ثمر
ره برون جسته ز قالب عنصري   در هواي لامکان بکشاد پر
تافت برديوار نور از آفتاب   باز قرصِ آفتابش شد مقر
گفت تاريخ وصالش هاتفي
قدو لق عندالمليک المقتدر (۴)
۱۲۷۰هه

سيد علي اڪبر شاهه رضوي جي لاءِ سندس مريد آندل فقير به فارسي ۾ شعر چيو آهي جيڪو پڻ هتي پيش ڪجي ٿو. آندل فقير ان جي شروعات مير جان الله شاهه جي ذڪر سان ڪئي آهي.

مرا پير داناست جان الله شاه   بحکمت حکيم است عالم پناه
که در رشته اولياي کرام   کز و سلسله صوفيان شد نظام
چون که برتاز کش بود تاج گران   کريم الطبع برکهان و مهمان
شده کاسه نوشان ز کوثر بسير   فرامان بهدان چوشيران دلير
قدم همچو مردان بر آورد راست   رموزات اونس جان رسرارت
بمطلب رسان بود هرطالبان   همه عاشقان را مراد رسان
از وهر که به رسيد منزل رسيد   به وسعت قدر خويش او برچشيد
در آفاق مستانش او رقص جا ست   که از عرش تازير تحت الثراست
هميشه بقلزم محيطي لدن   شاورکنان طالبان را چو فن
چوگر ديد بي راضي ازين جهان   دل بگلانيد از اين و آن

وصیت باولاخود کر درود　　ولي عهدرا از هم هر فزود
نصیبي بهرکس جدا کرده داد　　بحصۀ مطابق نوشتہ نهار
چنین بود دانا حکمت حکیم　　بعلم رموزات یزوان علیم
تصور بغکر الـٰهي ثمرد　　کہ برمسند خویش بانست کرد
زاولاد خود دید روشن ضمیر　　بعمر جوان و بہ تدبیر پیر
بنیسره ز فرخ وجود آن شهي　　نواسہ ز جیلان شاهنشهي
نجیب است طرفین چونور عین　　زنور علي شرف از جا نبین
کہ نامش علي شاه اکبر کبیر　　همیشہ برآن سایہ پیران پیر
کزان تاج و دستار مسند شهي　　مدار الهمام وکلاه مهي
قرعہ بود بانست برفال او　　زهر علم دانا رست احوال او
ولي وولیعهد صاحب کمال　　زهي شیر شهزاده فرخنده فال
جوان و جوان بخت هوشش گران　　درون سینہ اش علم مرشد نهان
چنان کرد آباد مسند ولي　　کہ هرکس بقدر ستوده جلي
ثنایش جهان کرد ورد زبان　　ستایش باوباد هر دوجهان
زهي شاهزاده است فرخ نهاد　　بہ این خاندان پاک آباد و باد
الاهي بحق محمد رسول　　کن آباد این خاندان بتول
بہ پشت پناهي یک ارجمند　　بعمر گرامي بہ بخت بلند
کہ نامش نهاده شود جانشاه　　بقدر مریدان پشت پناهہ
خدایا بلندي بہ این خاندان　　یمین است مطلوب کہ غورم رسان
همہ طالبان سالک راه حق　　بمطلب رسیدند از نہ طبق
نمانده است محروم کس از رموز　　هم کس ز شاهي شهان پرفیوض
غلام غلامان آندل فقیر　　مدام است سائل بدر گاه پیر. (۵)

اولاد

سید علي اکبر شاهہ رضوي اول بہ شادیون کیون. پهرین شادي

سيد مظهر علي شاه ولد سيد منور علي شاهہ جي نياڻيءَ سان جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي ۽ ٽي فرزند، سيد امام علي شاهہ، سيد الله بخش شاهہ ۽ سيد مير جان الله شاه ثالث تولد ٿيا. ٻي گهر مان ڪيس چار فرزند تولد ٿيا سيد احمد شاهہ، سيد محمد شاه، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ. وڏن فرزندن مان سيد امام علي شاهہ ۽ سيد الله بخش شاهہ صغير سن فوت ٿي ويا. تنهن ڪري سندس گاديءَ تي سندس ٽيون نمبر فرزند سيد مير جان الله شاهہ ثالث ويٺو. (٦)

حوالا:

(١) "شجره سادات رضوي / نقوي بکر" (قلمي فارسي)

(٢) ديوان بيدل (عبدالحسين شاه موسوي) مطبوعا ١٩٩١ع

(٣) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري (گدومل هرجاڻي) مطبوعا ١٩٤٠ع

(٤) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي.

-احوال سيد علي اڪبر شاهہ اول (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا

-پنج گنج: سبحان بخش قريشي مطبوعا. ١٩٧٦ع

(٥) ديوان بيدل (عبدالحسين شاهہ موسوي) مطبوعا ١٩٩١ع

(٦) احوال سيد علي اڪبر شاهہ اول (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا

(٧) شجره سادات رضوي / نقوي بکر (قلمي فارسي).

سيد مير مراد علي شاهہ رضوي

سيد مير مراد علي شاهہ رضوي بہ 'جانشاهي' خاندان جو چشم و چراغ هيو. سيد مير مراد علي شاه، سيد مير جان الله شاه ثانيءَ جو پوٽو، سيد مير جمن شاه ثانيءَ جو فرزند ۽ سيد علي اڪبر شاهہ اول جو ننڍو ڀاءُ هيو. 'شجره سادات نقوي / رضوي بکر' ۾ آيل آهي تہ پاڻ بہ شاه شاهان سيد عبدالوهاب شاه پاڳنازيءَ واري جو ڏوهٽو هيو. شجري ۾ هن طرح آيل آهي.

"و از خانہ جناب سيد مير جمن شاهہ عليه رحمة بيبي خاتون بنت سلطان العارفين قطب رباني غوث صمداني مولوي المعنوي سيد السادات حضرت سيد عبدالوهاب جيلاني الصوفي القادري و حضرت مير علي اڪبر شاه زاد و سيد عبداللطيف و سيد نصير الدين و سيد مراد علي." (١)

مٿين شجري ۾ سيد جمن شاهہ جي فرزندن ۾ چوٿون نمبر فرزند سيد مراد علي شاهہ ڄاڻايل آهي.

مير جان الله شاهہ رضوي اول جي روحاني مسند تي سيد جمن شاهہ ثانيءَ کانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاهہ اول ويٺو، سيد مراد علي شاهہ رضوي، گادي ڌڻي سيد علي اڪبر شاهہ اول جو ننڍو ڀاءُ هيو.

سيد مراد علي شاهہ رضوي جي متعلق اها خبر پئجي نہ سگهي آهي تہ هو شاعر هيو يا نہ، ڇاڪاڻ تہ سندس ڪلام اسان کي ملي نہ سگهيو آهي. البت پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم فاضل ۽ عارف شخص ٿي گذريو آهي. سيد مير مراد علي شاهہ رضوي جو بہ مفصل احوال ڪنهن ۾ تذڪري ملي نہ سگهيو آهي. سواءِ سنڌ جي نامياري اديب مولانا دين محمد وفائي جي تصنيف "تذڪره مشاهير سنڌ" جي.

مولانا دين محمد وفائي پنهنجي تاليف 'تذڪره مشاهير سنڌ'

جي ٻئي جلد ۾ سيد مير مراد علي شاه جو جيڪو تذڪرو آهي سو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

"سيد مراد علي ولد سيد جمن شاهه (متوفي ١١٩١هه) ولد مير جان محمد رضوي بکري معروف به جان الله شاهه شاعر صوفي مريد شاهه عنايت الله شهيد ١١٣٠هه. مراد علي شاهه روهڙيءَ ۾ رهندو هيو ۽ مير علي مراد خان ٽالپور جو همعصر ۽ علمي مصاحب هيو. هو عربي، فارسي زبان جو وڏو ماهر ۽ ڄاڻو هيو. هن جي عربي داني ۽ قابليت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو جو هن سيدنا حضرت علي رضہ جي خطبات 'نهج البلاغہ' جو فارسي ترجمو ڪيو آهي. ترجمي جي شروع ۾ ڄاڻايو اٿس ته مونکي ڪتابن جي مطالعي ڪانپوءِ دل ۾ حيدري مذهب جي محبت پيدا ٿي ۽ هي ترجمو انهيءَ اشتياق پوري ڪرڻ لاءِ لکان ٿو. ترجمي کي مير علي مراد خان جي نالي معنون ڪيو اٿس. ترجمي تي شرح ۽ سمجهاڻي طور حاشيہ به لکل آهي جنهن ۾ لغت جي مشڪل الفاظن جو حل ڏيندو وڃي ٿو. ترجمو ۴. ۵ رمضان المبارڪ ١٢٠٧هه ۾ شروع ڪري ٢١ صفر ١٢٠٨ ۾ ختم ڪيو اٿس. سيد صاحب وڏو ذميدار ۽ جاگيردار هيو. هن دنيا مان سن ١٣٢٠هه ۾ لاڏاڻو ڪري ويو." (٢)

مولانا دين محمد وفائي، سيد مراد علي شاهه جي حوالي سان ڪافي بنيادي ۽ اهم ڄاڻ ڏني آهي ته هو ڪيتري پائي جو عالم فاضل هيو جو 'نهج البلاغہ' جو فارسي ترجمو ڪيائين. هن وقت سيد مراد علي شاهه جي پنهنجي خاندان جو ڪو به فرد حال حيات ناهي تنهن ڪري خبر نه ٿي پوي ته مير مراد علي شاهه جي نهج البلاغہ جي ڪيل ترجمي جو نسخو ڪٿي آهي. مولانا دين محمد وفائيءَ جي لکڻ مان خبر پوي ٿي ته مولانا صاحب مذڪوره 'نهج البلاغہ' جي فارسي ترجمي جو اصل نسخو ضرور ڏٺو هوندو ۽ وٽس ان جو نقل موجود هوندو. ٻي پاسي تذڪري ۾ مولانا دين محمد وفائي اهم غلطي به ڪري ويو آهي. هن صاحب سيد مراد علي شاهه جي والد صاحب جمن شاهه جي وفات جو سن ١١٩١هه ڄاڻايو آهي، جيڪو غلط آهي. اهو سن سيد جمن شاهه اول ولد سيد

قلندر علي شاهه جي وفات جو آهي. چاڪاڻ تہ سيد مير مراد علي شاهه جي ڏاڏي سيد مير جان الله شاهه ثاني خود سن ١٢٥٥هه ۾ وفات ڪئي اهي. تنهن ڪري سيد مراد علي شاهه جي والد سيد جمن شاهه جي وفات تيرهين صدي هجري ۾ ٿي سگهي ٿي نہ ڪي ٻارهين صديءَ ۾، جيئن مولانا صاحب لکي ويو آهي. ٻي پاسي مولانا دين محمد وفائي، سيد مراد علي شاهه کي مير جان الله شاهه رضوي اول جيڪو شاهه عنايت جو مريد هيو جو پوٽو ڄاڻايو آهي جڏهن تہ سيد مراد علي شاهه مير جان الله اول جو پڙپوٽو ۽ مير جان الله شاهه ثانيءَ جو پوٽو هيو.

سيد مير مراد علي شاهه رضوي روهڙيءَ ۾ پنهنجي نالي تي پنهنجي خاندان لاءِ هڪ الڳ 'ڪوٽ' پڻ تعمير ڪرايو هيو، جيڪو ڪوٽ مير مراد علي شاهه رضوي جي نالي سان مشهور آهي. قريشي حامد علي خاناڻي لکيو آهي تہ سيد جان الله شاهه جي اولاد مان سيد علي مراد شاهه انگريزن جي گهڻي مدد ڪئي، انهيءَ ڪري انگريزن کيس ٢٤-اپريل ١٨٦٨ع تي جاگير ڏني هئي. هن ننڍي ڪوٽ تي هڪ ٻيو ڪوٽ پڻ اڏايو هو جو، پوءِ ڪوٽ مير علي مراد خان جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين آهي نالي سڏيو اچي ٿو. (٣)

مولانا دين محمد وفائي، مير مراد علي شاهه جي وفات جو سن ١٣٢٠هه ڄاڻايو آهي جيڪو پڻ صحيح معلوم نہ ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ تہ سندس وڏو ڀاءُ ۽ درگاهه جو گادي نشين سيد علي اڪبر شاهه اول جو سن وفات ١٢٧٠هه آهي، تنهن ڪري پڪ ناهي تہ سيد مراد علي شاهه پنهنجي ڀاءُ جي وفات کان ٥٠ سالن تائين حال حيات رهيو هجي. انڪري هن وڏي ڄمار ماڻي بہ تيرهين صديءَ هجريءَ جي آخر ۾ وفات ڪئي هوندي.

حوالا

(١) شجره سادات رضوي / نقوي بکر (قلمي فارسي)

(٢) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون (مولانا دين محمد وفائي) مطبوعا ١٩٨٥ع.

(٣) مضمون 'سيد مير حيدر شاهه حقاني رضوي' قريشي حامد علي خاناڻي مطبوعا ١٩٩٠ع تماهي مهراڻ ڄامشورو

سيد مير جان الله شاهہ ثالث

سيد مير علي اڪبر شاهہ رضوي اول ڪانپوءِ سندس فرزند سيد مير جان الله شاهہ ثالث گاديءَ تي ويٺو. مير جان الله شاهہ ثالث پڻ پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم فاضل شخص هيو جنهن ڪانسواءِ پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ جو وڏو شاعر هو. مير جان الله شاهہ ثالث جو ڪلام تہ اسان ڪي ڪافي تعداد ۾ ملي سگهيو آهي البت سندس زندگيءَ جو احوال اڻپورو آهي. اينتري قدر جو سندس وفات جي تاريخ بہ صحي معلوم ٿي نہ سگهي آهي. 'جانشاهي' خاندان جي هن درويش ۽ فقير صوفي شاعر جو جيڪو احوال ملي سگهيو آهي سو هتي پيش ڪجي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي تاليف 'ڪافيون جلد۱' ۾ لکي ٿو تہ "جان الله شاهہ ثالث ولد علي اڪبر شاهہ روهڙيءَ جو ويٺل هو ۽ شاهہ عنايت سهيد جي وڏي خليفي مير جان الله شاهہ اول جي اولاد مان هو. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ سجاده نيشن ٿيو. ڪانئس اڳ مير جان الله شاهہ اول توڙي مير جان الله شاهہ ثاني 'عاشق' ٻئي شاعر هئا. هي بہ وڏو عالم فاضل شخص هو. ۲۰ صدي جي شروعات ۾ وفات ڪيائين".(۱) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي مذڪوره تاليف ۾ مير جان الله شاهہ ثالث جون ڏهہ ڪافيون پڻ شامل ڪيون آهن جن لاءِ پاڻ لکي ٿو تہ 'جان شاهہ جون ڪافيون ۱۲۹۷ / ۱۸۸۰ع جي لکيل بياض۾ شامل آهن. يعني تہ جان شاهہ انوقت حال حيات هو يا اڳ گذاريائين." (۲)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي بہ پنهنجي تاليف "تذڪره شعرا سکر" ۾ جان الله شاهہ ثالث جو ذڪر ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ "مير جان الله شاهہ ثالث وڏو عالم ۽ فاضل هو. ڪيترائي هندو مسلمان سندس مريد هئا. ۲۰ صدي عسيويءَ جي شروعات ۾ وفات ڪيائين. سنڌي، سرائڪي، پارسي، اردو جو بلند شاعر ٿي گذريو آهي. سندس

شعر جو بياض محترمي مڪرمي جناب عطا حسين شاهه صاحب شفقت فرمائي ڏيکاريو جنتان سندس ڪجهه ڪلام نقل ڪيو ويو. سندس بيت، ڪافيون سحرفيون نهايت پختہ ۽ برجستہ آهن. سندس ڪلام ۾ تصوف جا مسئلا سمجهايل آهن تہ حسن عشق جو ذڪر بہ رنگين ۽ دلڪش نوع ۾ ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ سندس ڪلام ۾ ويدانيت جي واتي بہ آيل آهي جنهن ڪري هندي ۽ سنسڪرت جا الفاظ بہ استعمال ڪيا ويا آهن". (٣)

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مير جان الله شاهه ثالث جي شاعريءَ تي مختصر پر جامع راءِ ڏني آهي. هن صاحب مير جان الله شاهه ثالث جي ڪلام ڪي غور سان ۽ دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي. سيد مير جان الله شاهه ثالث، ناميار صوفي ۽ عالم فقير قادر بخش بيدل جو شاگرد پڻ رهيو آهي مير جان الله شاهه رضوي اول جي خاندان جي ان شهزادي فقير بيدل جهڙي مفڪر ۽ جيد عالم جي فڪري ۽ روحاني مدرسي مان باقاعده تعليم حاصل ڪئي هئي. موسوي عبدالحسين شاهه پنهنجي تصنيف 'ديوان بيدل' ۾ لکيو آهي.تہ "سندس (بيدل جي) بصيرت ايتري هئي جو چون ٿا تہ ميان جان الله شاهه تنين (ثالث) ڪي هڪ سال محرم جي نائين تاريخ سبق ورني ڏنائين. دستور موجب ڪربلا جي تعزيہ جي ڪڍڻ وقت سيني روهڙيءَ جي سادات ڪي ڪونڻ لاءِ ماڻهو ويندو هيو. ماڻهن جو بہ ڪافي هجوم هوندو هيو. تنهن ڪري سيني سادات ڪي قاصد جو انتظار رهندو هيو. شاهه صاحب ڪي بہ اهو انتظار هو جنهن ڪري پڙهڻ سان چت نہ ٿي لاتائين. فقير صاحب اهو حال ڏسي فرمايو تہ 'توهان اطمينان ڪريو جڏهن امام جي تعزيہ ڪڍڻ جو وقت ٿيو تڏهن آءٌ از خود اوهان کي خبر ڏيندس.' جهت نہ گذري تہ فقير صاحب ادب ۽ احترام وچان اٿي بيٺو ۽ صلواة پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ چيائين تہ هنيئر شهزادن جي سواري وڃي ٿي تياري ڪريو. شاهه صاحب تڪڙو تڪڙو ويو ۽ تعزيہ ڪڍڻ جي عين وقت تي پهتو." (٣)

اولاد:

سيد مير جان الله شاهه ثالث ٻه شاديون ڪيون. پهرين شادي خيرپور جي سيد مير جعفر علي شاهه بن امام علي شاهه جي نياڻي سان ڪيائون جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد علي اڪبر شاهه ثاني تولد ٿيو. مير جان الله شاهه ثالث ٻي شادي مير مدد علي شاهه ساڪن ڀاڳ جي نياڻي سان ڪئي جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد صيف علي شاهه تولد ٿيو جيڪو صغير سن وفات ڪري ويو. (۴)

سيد مير جان الله شاهه ثالث ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاهه ثاني سجاده نشين ٿيو.

حوالا

(۱) ڪافيون جلد۱. (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مطبوعا ۱۹۸۵ع)

(۲) تذڪره شعراء سکر. (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ۱۹۶۵ع)

(۳) ديوان بيدل (عبدالحسين شاهه موسوي مطبوعا ۱۹۹۱ع)

(۴) شجره سادات رضوي / نقوي بکر (قلمي فارسي)

کلام

من آن مرغیم لاهوتی کہ هاهوتی شکون دارم
رموزِ عشق نمیدانم کہ سیر از حد برون دارم

بداں در هجر دیوانہ ام، کہ در باهوت حیرانم
کہ در ملکوت تابانم، خمار خم درون دارم

کنم پرواز در جنت بہ بخشم تاج غلمان را
روم بر عرش بر کرسی، فلک را بیستون دارم

بیا در منزلِ جانان، رهاکن عقدہ دلها
خودی را خود بسوزانم، نشان بی نمون دارم

منم در عشق مدهوشم شهید خنجر نازم
در آن وقتی بقربانی ذبیح سرنگون دارم

بیا ای سید جانان برو در کوی معشوقان
صنم را دربغل گیری کہ ہجری از فزون دارم

بنمود عشق راه وصال محمدی
دیدیم چشم دوست جمال محمدی

حمد نبی ثنای علی کروم بصدق دل
دادند جام نو ز زلال محمدی

در دشت عشق کرب و بلا قوم کوفیان
کشتند بیگناه بلال محمدی

چون بگذری ز دشت بگو کربلا حسین
صلواة بر محمد و آل محمدی

برخاست نوحه حشر از خمبا حسین
کُ شاه شد شهید مثال محمدی

از دست ناز دلبر چشیدم نوک عشق
لذت بداد در دل کمال محمدی

جانشاه ز عشق شاه حسن برد نزد شاه
نوشاند جام وحدت ز کلال محمدی

پیدا شد است نور ز ذات محمدی
مخلوط شد بہ ذات صفات محمدی

چون ذکر لا الہ شد اثبات از نفی
درجۂ عظیم شد درجات محمدی

خوردیم جام وحدت از دست ساقی کوثر
آب حیات شد ز حیات محمدی

چون ذکر روح راطی کردم بلطف شاہ
دیدم بہ لوح ثبت آیات محمدی

پیر مغان ز راہ کرم ذکر حق بہ داد
کلمات حق شنید ز کلمات محمدی

جانشاہ ز دست یار گرفتیم جام عشق
پس یافتم نجات، نجات محمدی

(روپ آسا)

یار پردیسی آیا غمزے سے

مجھے مار کے سُکھ چین لے گیا۔

آنکھوں میں کجل ڈال کے ، بالوں میں تلک لگا کے

ھس رس کے رمز رلاکے، کر بین لے گیا۔

جلوا حسن دا وکانکے، ترچھی نظر سے ملانکے

محبت سے سینا سلانکے، کونین لے گیا۔

فرجان حُسن دیان چڑھاکے، سرپر عُشاقان دے آنکے

دم صبر چین آرام کے، دن رین لے گیا۔

دیا ساقی جام شراب کا، ہویاتن کا حال کباب سا

پیون نال زلال وصال کا، غم ثقلین لے گیا۔

مرشد سائین سچ فرمانکے، جان شاہ کو صحیح سمجھاکے

شہ حُسن داشعلا وِکانکے دل عین لے گیا۔

اُتي جوڳي جاڳ، ننڊ نماڻن کي نيون آهه نهوڙي.
١. وينديس رهندس ڪينڪي، هي آهي مانجهاندي جو ماڳ.
٢. پينر پاڳي آئيو، بيراڳن کي بيراڳ.
٣. ڏونگر ڏورڻ آئيو، دردمندن جو آهي لاڳ.
٤. اديون جان شاهه تي آئيو، سامين جو ٻه سُهاڳ.

●●●

بروو

اسين هردم عشق ۾ آهيون، وينا آتم سور ٿا ڳايون

١. ح حرف حقيقت صحي ڪيوسي، ميم معرفت وچ سمجهه ڏنو سي
جي آهيون سي آهيون.

٢. ق قلوب وچ دوست ڏنوسي، لام لا الله دا سبق پڑهيوسي
دونهان درد دکايون.

٣. غ غير دوئي دا ڪڍ ڏتوسي، و وحدت وچ گم ٿيو سي
آهيان دي وچ ناهيون.

٤. ش شاه شاهان دا ڪرم جو هويا. جانشاهه آپ وجا ڪي پايا
برهين بوند وسايون.

جوڳ

وجي سانگين کي ڏجو ميان
مُنيءَ جو ڪو ڏک جو ڏوراپو.

١. مارن پاجهون نانهن ڪو، هن کي جيءَ جو جياپو.
٢. قسمت قيد اُتي ڪيو، جاتي سڱ نہ سياپو.
٣. ڪوڪَڙِ چونديان ڪانڌ سان، شل ٿي منهنجو ميلاپو.
٤. جان شاهہ محبن مليو، لاهي لوڪ لاڳاپو.

...

ڪوهياري

دونهان درد دکائي ويا
آيل زي مُنيء جو هوت وني ويا.

١. جمندي مون سور پرائيا، چاڪ ڏکيءَ جا چڪائي ويا.
٢. تنبيون بڌي چيلهہ سان، جوڳي جيءُ جلائي ويا.
٣. ڏونگر ڏورن آئيو، وات وندر جي پچائي ويا.
٤. جانشاهہ ساڌ سنگت سان، انحد بين بجائي ويا.

ڪوهياري

ڪيچ ڏتي تيندا، شامل درد مندن سان
١. صوفي سير سجو ڪري، جوڳي تي جلندا.
٢. بوندان برهه وسائيون، رمز وني رلندا.
٣. ڏسي منهن محبوب جو، عاشق تي هلندا.
٤. جانشاه ساڌ سنگت تي، محبن سان ملندا.

...

ڪوهياري

ڏادي جوڳين جي ذات..سڱ چني ويا الاڪاپڙي
١. لاهوتي لوء لڏي ويا، اتي آڏيء رات.
٢. ڪو نه اچي تو ڪاڏهون، ماربو مارن جي مات.
٣. ساري راد سار سڄڻ جي، پرهه ڦٽي پرڀات.
٤. جانشاه جي سر وسي تي، بوند برهه برسات.

کوهياري

کرهل کيچ قطاري ويا
آيل ژي منيء سان کو ڏمر کري ويا.

۱. چمندي ني صندوق لوڙهيائون، سنڙي سور جڳائي ويا
۲. هاڙهي ڀر جا هيکلي، مٺ مُنيء کي رلائي ويا.
۳. کرهل کيچئون آئيا، بار برهہ جو وسائي ويا.
۴. جانشاه کي سک جا، محبت مچ مچائي ويا.

...

کونسيو

پلا کهڙي ڳالهين، رانجهن چاک سڏايا وي.
۱. ونجهلي وڄيندا آيا اٿاهين، سانون کا رمز رلايا وي
۲. لاکي رمزان کڙندا اٿاهين، ٻيلي سوڏمر مچايا وي
۳. شاه شاهان دا چاک سڏايس، کيسا سو چپن چپايا وي
۴. مالک ملک دا شاه حسن دا، جانشاه سو بن آيا وي.

ڀهاڙي

يار پيارل سر اسا ڏي پريت پيارو ڪيو

۱. دل ۾ دلبر تنهنجون جايون، عاشقن رمزان لايون
مينهن محبت جا وسايون، نيهن نظارو ٿيو.

۲. بحر وحدت جو وبکيوسي، بيخودي مسکن ڪيوسي
سوز انالحق ڳايوسي، نور نيارو رهيو.

۳. پرت جو پيالو پياريَو، نحن اقرب کي ڏيکاريَو
روح رمزن سان رلايوَ، حسن هلڪارو ڪيو.

۴. عشق جا آڙاهه برن ٿا، سوري اچي اتي سر ڏين ٿا
صوفي سر نيزي رکن ٿا، پير پياري چيو.

۵. شمس جي کلڙي لهرايوَ، صنعان کي زنار پارايوَ،
جانشاهه جو جيءَ جياريو، وصل جو وارو ورايو.

حسيني

عشق پڙهايو مون اچي برهين وارو باب.
١. رهبر راهه رسائيو، وسريو سارو ڪتاب.
٢. تن من اندر بين بجن ٿا، پل ڳيو آهي رباب.
٣. ستگر صحي ڏيڪاريو، من اندر مهتاب.
۴. جانشاه لنگهي اڳي ٿيو، ناهي ڪو ڏوهه ثواب.

●●●

حسيني

گام پري هلي گرنار پسو
وبکو دسنون دوار..

١. لاهوتي لوء لڏي ويا پورب ٿي هسوار.
٢. سانگي سانگ ڪري ويا پٽن پاسي پنهوار.
٣. ڪا نه بڏي سين ڪا ٿين، ڪنهن تڙ تند تنوار.
۴. مارو ملڪ ملير ويا، نانگا ٿي نروار.
۵. سامين سر وسن ٿا، نوراني انوار.
٦. جانشاهه سر نيزي رکيو، هام پري هموار.

ڪنپات

منن عشق دا ڪيتا واپار
ساڌو هووي سودا ليوي.

١. ساڌ سنگت بن پچن نہ پاوي، سنت ساڌو مل شبد ڪماوي
ماري انحد دا للڪار، جام برھ دا ڪوئي آءِ پيوي.
٢. هرگن رام نام گن گاوي، سنگر سرت سبحان گهر پاوي
ٿيوي نہ دم هڪ ڏار، عشق ڪي آگي ڪوئي سر ديوي.
٣. بيخود هوڪي چوڙ ڏي ڌنڌا، ڪات ديوي سڀ جم ڪا ڦندا،
نامي نيهن ٿيوي نروار، گوءِ عشق دي ڪوئي آءِ ليوي.
٤. عاشق هوڪي عشق ڪمايا، بار برھ دا سر جانشاھ چايا
مليم رانجهن يار، ملڻ ماهي دا سدا شل هووي.

...

حسيني

نيهن نوايو ناز سان، صوفي بيپرواھ.
١. صوفي صاف صفا ٿيو، انا الحق چني ٿيو الله.
٢. مشتاقن سمجهي ڏنو، رمزن وارو راھ.
٣. نفيءَ مان اثبات ٿيو، تابان حسن سندو ماھ.
٤. جانشاھ جسم جمال ڪيو، مرشد شاهن شاھ.

ڪليان

منگي عشق نہ ٿو پوشاڪي الا
منگي عشق نہ ٿو پوشاڪي.

١. ڪل عالم کي عقل ڏنائون، برهہ چڏيائون باقي.
٢. هر دوجهان ۾ آهي اسانجو، حسن حسين ٻني ساقي.
٣. لذت عشرت هر ڪنهن چاتي، برهہ چايوهن خاڪي.
۴. هر دم سائين نال اساڏي، نت نت آ اوطاقي.
۵. جانشاهہ حامي پنهنجو آهي، حوض ڪوثر جو ساقي.

•••

ڪنيات

نشا پيتم نينهن نواب ڪنون
جند چٽ پني ڏوهہ ثواب ڪنون.

١. ونحن اقرب تي اثباتي، معلوم هويا ڪل ذات صفاتي.
پر پر پيتم جام، لنگهہ گيوسي خيال خراب ڪنون.
٢. وفي انفسڪم جي سمجهہ ڏنائون، هر جاء هاديء جي رمز ڏسيائون
مرشد دا هي اهو ڪلام، چُٽ گيوسي غير حساب ڪنون.
٣. خيال خودي دا گم هے سارا، وڳا نوبت نيهن نقارا
عشق ڪيتا آء سلام، بي خود ٿيو سي خودي دي جواب ڪنون.
۴. مرشد سائين حڪم فرمايا، جانشاهہ چم اکين سر چايا
برهہ هويا هي مدام، لذم جام شراب ڪنون.

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني

سيد مير جان الله شاهہ ثالث ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثاني سجاده نشين ٿيو. سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي شخصيت پنهنجي خاندان ۾ هڪ نرالي ۽ انوکي هئي. سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي ڏينهن ۾ مير جان الله شاهہ رضوي اول جي گاديءَ ۽ درگاهہ کي تمام گهڻو عروج مليو. سيد علي اڪبر شاهہ ثاني سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جي وڏي شاعر هئڻ سان گڏ وڏو عالم، فاضل شخص هيو، تنهن ڪان سواءِ پاڻ راڳ جو تمام وڏو ماهر ۽ قدردان پڻ هيو. سيد مير علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو احوال بہ ڪجهہ تذڪرن ۾ مختصر آيل آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 'تذڪره شعرا سکر' ۾ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو تذڪرو ڪندي لکي ٿو تہ:

"روهڙيءَ جي نقوي سيدن مان هيو ۽ مير جان الله شاهہ ثالث جو فرزند هيو. پيءُ ڪانپوءِ سجاده نشين ٿيو. حشمت سان گذاريندو هيو. ڪيترائي هندو مسلمان سندس مريد هئا. حيدرآباد جي عاملن جو تہ منجهس وڏو اعتقاد هو، هُو کيس 'رام جو اوتار' ڪري پوڄيندا هئا. سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۽ اردو جو سنو شاعر هيو. سندس اڪثر ڪافيون وائيءَ جي ٽيڪنيڪ تي آهن. يعني هر هڪ بند فقط هڪ مصرع جو آهي. البت ڪيترين ئي ڪافيون ڏيڍيون بہ آهن ۽ هر هڪ بند ۾ ٽيون قافيو آهي." (١)

سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي شاعري ڪافي تعداد ۾ ملي ٿي خاص ڳالهہ اها آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ هڪ نہ پر چئہ مختلف 'تخلص' استعمال ڪيا اٿائين. جيڪي هن طرح آهن:

علي اڪبر، ساقي، بي تسڪين، لالا، فائق ۽ عشرت. قريشي حامد علي خاناني پنهنجي هڪ مضمون 'سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' جي حاشيي ۾ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو جيڪو تذڪرو ڪيو آهي سو

هني پيش ڪجي ٿو. "سيد علي اڪبر شاهه فائق روهڙي جي رضوي سادات جي جانشاهي شاخ جو چشم چراغ هو، سندس والد جو نالو سيد جان الله شاهه رضوي هو. سيد علي اڪبر شاهه عربي، فارسي ۽ ديني علمن جو جامع هو. هندي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جو ڄاڻو هو. سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪندو هو. ايڏي وڏي پائي جو شاعر هوندي ضرور پنهنجو ديوان مرتب ڪيو هوندائين ليڪن زماني جي حادثن ۽ انقلابن جي ڪري سندس اهو علمي خزانو تباهه ۽ برباد ٿي ويو. پاڻ علم موسيقيءَ کان به چڱي طرح واقف هو، پنهنجي سوٽ سيد محب علي شاهه 'بيوس' بن احمد شاهه جانشاهيءَ کان پڪي راڳ جي مڪمل سکيا ورتي هئائين. سندس ستار اڄ به سندس پوين وٽ محفوظ آهي." (٢)

شجره سادات رضوي / نقوي بکري
جي ترتيب

سيد علي اڪبر شاهه ثاني پاڻ بکر جي سمورن رضوي سادات جو فارسي ٻوليءَ ۾ شجرو مرتب ڪيو هئائون، جنهن جو نالو "شجره سادات رضوي / نقوي بکري" آهي. شجري جي ان نسخي جو تعارف قريشي حامد علي خاناڻي پنهنجي مضمون 'سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' ۾ هن طرح ڏنو آهي:

تازو اسانجي نظر مان شجره سادات رضوي / نقوي بکري جي نالي سان هيءُ نسخو گذريو آهي. هي نسخو سيد علي اڪبر شاهه 'فائق' جانشاهي جو مرتب ڪيل آهي. هيءُ قلمي نسخو فل اسڪيپ سائيز جي ١٤ صفحن تي مشتمل آهي.* جيتوڻيڪ هن تذڪري ۾ مؤلف پنهنجي

*راقم الحروف شجره سادات نقوي / رضوي بکر جي مذڪوره قلمي نسخي جو بخوبي جائزو ورتو آهي. اهو شجرو سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي هڪ اهم ڪاوش آهي. خاناڻي صاحب انهيءَ شجري جا ڪل ١٤٠ صفحا ڄاڻايا آهن، جڏهن ته مذڪوره شجرو فل اسڪيپ ٻن =>

خاندان جو احوال تفصيل سان بيان ڪيو آهي ليڪن منجهس ڪيترين ئي جاين تي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان پڻ ڪافي مواد ملي ٿو. رضوي سادات جي متعلق تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪيل غلطين جو ازالو بہ هن نسخي ذريعي ٿئي ٿو. هيءُ تذڪرو سنڌ جي تاريخ جو هڪ املهہ سرمايو آهي. هيءُ قلمي نسخو سيد غلام رسول شاهہ جانشاهي ساڪن روهڙي جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي." (٣)

نهج شريف

هي بہ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي تصنيف آهي جنهن جو ذڪر پڻ ڊاڪٽر حامد علي خاناڻي پنهنجي مذڪوره مضمون ۾ ڪيو آهي تہ "شجره سادات رضوي / نقوي بکري جي آخر ۾ سندس هڪ ٻيو تاليف ڪيل رسالو نهج شريف پڻ قلمي صورت ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي." (٤)*

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي ڏينهن ۾ ڪيترائي هندو، مسلمان ۽ سک سندس عقيدت مند بڻيا ۽ سندس مريد ٿيا، جن ۾ پنهنجي دور جا وڏا اڪابر، امير ۽ ڪامورا پڻ شامل هئا. هنني اهڙن شخصيتن جا نالا

=> جي ڪل ٢٣١ صفحن تي مشتمل آهي شايد خاناڻي صاحب پاڻ ان شجري جو مطالعو نہ ڪيو آهي. سيد علي اڪبر شاهہ ثاني شجري جي شروع ۾ يا آخر ۾ ڪٿي بہ پنهنجو نالو تحرير نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي اهو لکيو اٿائين تہ اهو شجرو هن ڪهڙي تاريخ ۽ سال ۾ تحرير ڪيو.

(راقم الحروف)

*راقم الحروف پاڻ سيد علي اڪبر شاهہ ثاني، جي انهيءَ قلمي ڪتاب کي بخوبي ڏٺو آهي. فل اسڪيپ پنن جي ڪل ٦٧ صفحن تي مشتمل اها تصنيف شاهہ صاحب جي خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل آهي جنهن ۾ ڪاري ۽ ڳاڙهي مَسُ استعمال ٿيل آهي.
پورو ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. شاهہ صاحب هن نسخي ۾ بہ ڪٿي پنهنجو نالو ۽ تاريخ تحرير نہ ڪئي آهي.
نهج شريف، شجره سادات نقوي / رضوي بکر جي اختتام ڪانپوءِ صفحي ٢٣٢ کان شروع ٿئي ٿي ۽ صفحي ٢٩٨ تي ختم ٿئي ٿي.

(راقم الحروف)

پيش ڪجن ٿا.

١. ديوان وزير مل لعلواڻي سب جج حيدرآباد

٢. ديوان عيدن مل لعلواڻي هيڊماسٽر هاءِ اسڪول سڪر روهڙي

٣. ديوان هيرا نند واڌو مل هيڊماسٽر هاءِ اسڪول سڪر وينل روهڙي

٤. ديوان نرملداس*(١) اورنيٽر ٽرانسليٽر آف ڪمشنر ان سنڌ ڪراچي

*(١) ديوان نرملداس، روهڙيءَ جي هندو طبقي مان هڪ وڏو عالم، شاعر ۽ صوفي منش شخص ٿي گذريو آهي. سندس ابتدائي زندگيءَ جو احوال پوري طرح دستياب ٿي نه سگهيو آهي. البت معتبر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت زبانن جو وڏو وِدوان هو. ديوان صاحب سرڪاري طرح مشرقي ٻولين جو ترجمان طور مقرر ٿيل هو. پاڻ سنڌي نثر جو وڏو ليکڪ هو. سنڌي ساهت سوسائٽي جي برپا ٿيڻ وقت کي رسالا پڻ لکيا هئائين. کيس شعر ۽ شاعريءَ جو بہ ڏاڍو شوق هوندو هيو. سندس ڪلام هن وقت تائين گهٽ دستياب ٿي سگهيو آهي. (ڊاڪٽر اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر جلد پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٤ع) ديوان صاحب روهڙيءَ جي جانشاهي خاندان جو طالب هيو. درگاهه سان اينري قدر تہ محبت ۽ عقيدت رکندو هيو جو پاڻ رهندو ئي درگاهه تي هيو. مير جان الله شاهه رضوي (متوفي ٦ ربيع الاول ١١٦٧هه) جي فارسي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو هئائين. ديوان صاحب جي باري ۾ روهڙيءَ جي راوين کان هڪ مشهور واقعي جي ڄاڻ ملي ٿي. سن ١٩٢٤ع ۾ روهڙيءَ ۾ هڪ شيعا سني مناظرو ٿيو، جنهن ۾ مولوي سعدالله خيربوري ۽ ميان موجود علي شاهه لڪندر (بخاري شاهه جو مجاور) اهل سنت پاران هئا ۽ ٻئي پاسي دري غازي خان جو منشي واحد بخش هيو. ٻنهي ڌرين متفق ٿي، ديوان نرملداس کي منصف طور مقرر ڪيو. اهو مناظرو اڪبري جامع مسجد ۾ ٿيو هيو. انهيءَ واقعي مان ديوان صاحب جي علمي حيثيت ۽ سندس انصاف پروريءَ جو ثبوت ملي ٿو. روهڙي شهر ۾ اڄان بہ ڪي وڏي ڄمار وارا حال حيات آهن جن جو چوڻ آهي تہ هنن ديوان صاحب کان قرآن پاڪ ناظره پڙهيو هيو. ڪوٽائي سادات مان سيد نظر محمد شاهه هڪ پيرسن شخص آهي، هن پڻ ديوان صاحب وٽ قرآن پاڪ پڙهيو هيو.

(ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناڻي جو ڪتاب تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي مطبوعا ١٩٩٨ع صفحو ١٥٦-١٥٧)

'ديوان نرملداس' سيد علي اڪبر شاهه ثاني جو مريد هيو ۽ اتي روهڙيءَ ۾ سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي مريدن کي عربي فارسي ۽ قرآن جي تعليم ڏيندو هيو. ديوان نرملداس جيڪو 'ديوان مير' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ان جو هن نالو "روحاني تجليات" رکيو هيو. راقم الحروف کي فقير بيدل جي خاندان جي چشم ۽ چراغ ميان عبداللطيف قريشي ٻڌايو تہ سندس والد مرحوم سبحان بخش قريشي پڻ ديوان نرملداس وٽان قرآن پاڪ پڙهيو هيو. ديوان =>

مان ملي ٿي، اهو ڪتبو سندس مزار تي لڳل هو- تازو مزارن ۽ درگاهه جي نئين سر تعمير سبب اهو ڪتبو هميشہ اتان هٽايو ويو آهي.

آن عشق مجسم علي اڪبر شاه
از حضرت جان شاه آن نور الـه
محسن چو رفت برون آ سوده نفس مطئمن(٦)
٢٦ شوال ١٣٤١هہ

اولاد

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي پهرين شادي سيد مير قلندر علي شاهہ ولد سيد مير نور حسين شاهہ جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان ڪيس چار فرزند تولد ٿيا. سيد غلام شبير شاهہ، سيد غوث بخش شاه، سيد شاهہ بخش شاه عرف سيد جان الله شاهہ چوٿون ۽ سيد شير علي شاهہ. انهن مان سيد سيد غلام شبير شاهہ، ۽ سيد غوث بخش شاهہ صغير سن فوت ٿي ويا. (٧)

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني ٻي شادي سيد امام بخش شاهہ جي نياڻيءَ سان ڪئي جنهن مان ڪيس اولاد نہ ٿي.

سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ کان پوءِ سندس فرزند سيد جان الله شاهہ چهارم گاديءَ تيءَ ويٺو.

حوالا

(١) تذڪره شعراء سکر (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) مطبوعا-١٩٦٥ع
(٢) مضمون سنڌي جي تاريخ جا ماخذ (قريشي حامد علي خاناني) مطبوعا مهراڻ جامشورو. ١٩٩٠ع
(٣) مضمون سنڌي جي تاريخ جا ماخذ = = =
(۴) مضمون سنڌي جي تاريخ جا ماخذ = = =
(٥) احوال: سيد علي اڪبر شاهہ ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا.
(٦) احوال: سيد علي اڪبر شاهہ ثاني = = =
(٧) شجره سادات رضوي / نقوي بکر (قلمي فارسي).

(ڪافيون) تخلص "ساقي"

راڳ هنس

منهنجو من موهن ڏاڍو موهيو آ
ڪرم ڪري اچي ڏيو تہ ورائي

١. بار برهہ جو برسر آيو، سر تي ويو تہ سهائي.
٢. رڳ رڳ اندر رمز رلايو، روح ۾ ويو تہ رهائي
٣. بوند برهہ جي رسڻ راڳي، جيءَ ۾ ويو تہ جُڪائي.
۴. هن ساقي تي رحم جو ڪيڙو، دلڙي مرشد توکي چاهي.

•••

راڳ جوڳ

مون کي محب مليو منٺار، جنهن دل موهي.

١. ڳليان ڍونڊي يار لڌوسين، ستگر جي آڌار.
٢. لا الہ جو سبق پڙهيو سين، الا الله ۾ ٿيو اسرار.
٣. جنهن جي ڪارڻ هيس ديواني، سو محب مليو دلدار.
۴. ساقي توسان حامي ٿيندو، مرشد منصبدار.

راڳ: جهنگلو

تنهنجي برھ لاني بيراني الا
تون تہ ڪرم ڪري اڄ جاني الا.

١. هر صورت ۾ تون آهين سهڻو، سڀ صورت ۾ تون من موهڻو
يوسف ناهي تو ثاني الا.

٢. عشق تنهنجي اڇي دونهون دکايو، روز ميثاق کان ٿيو اهو رايو
جيءُ جلي ٿيو فاني الا.

٣. ساعت ساعت توکي ساريون، دم دم وينا راهہ نهاريون
هر هر تنهنجي حيراني الا.

٤. هن ساقيءَ سان ڪرم ڪيائين، جام صراحي دست ڏنائين
مرشد ڪئي مهرباني الا.

●●●

ڪافيون: تخلص "بي تسڪين"

راڳ سورٺ

پسي شاهہ حسن جو شان، عقل حيران لڳي

١. بي نيازين تنهنجي موهيو، ڪيو اٿن مستان، برھ بيران لڳي.
٢. ساقي جام ڪوثر جو ڏيندو، مولا ٿي مهربان، ڪرم احسان لڳي.
٣. بي تسڪين جي جندڙي آهي، تنهين تون قربان، جنهين جي تان لڳي.

پهاڙي

جيڪا سورن تنهنجي منجهه ٿي سڙي
تنهن کي ڏي دلاسو مهر ڪري.

۱. ڏکيا ڏينهن لنگهن ٿا توري، تو پاجهون دل ڪين ٺري.
۲. پهربون ناتو نيهن جو لاتوَ، پوءِ ڪيوَ پنهنجو پاڻ پري.
۳. بي تسڪين سوالي تنهنجو، راتيان ڏيهان وڻو رڙي.

●●●

تخلص: فائق

سورٺ

تن ديدن جي دستور ڪيو مخمور اسان

۱. چاهه سڄڻ جي چت کي چوري، سوري ڏنا هن سور نسنگ ناسور اسان.

۲. رمز رهاڻيون چڻڪن جيءَ ۾، پور پون پرپور مارن مذڪور اسان.

۳. چشمن چالا پرونن پالا، گهاوَ هڻن منجهه گهور ڪرن چڪچور اسان.

۴. فائق فرق فراق جا پيڙا، اهڙا ڪرين چو ڪلور مَچڏ مهجور اسان.

تنهن ڏاگهن سندا ڏس الا، روزنون روز پچائيان.

١. گهوري گهڙيءَ ۾ ڇوري ڇڏي وئين، ڪانهي جنين جي ڪا چس الا وبني وقت نيائيان.

٢. ڏيئي ڏولائو نين پيرو ڪيئي، وسري ويا سيئي رس الا پيني پور پچائيان.

٣. اگر غم جاني وي دم دم دل تي، وسي ڪن وڏا وس الا سورن سات سمائيان.

٤. فائق فڪرني وي دائم تنهنجو، ڳولي ڳولي ڳليون گس الا منجهس هار بنائيان.

غزل

محب مننآر محبت سان گرفتار ڪيئي
يا وجهي تار گره دار مون ناچار ڪيئي.

در در هاني نہ سنڌۂ سرد دلين
گرم سان ڪرم جي انعام جو اقرار ڪيئي.

درد جو داد آ تنهن کي آهي جنهين تنهنجو قدر
بيقدر يار سان چو درد جو اظهار ڪيئي.

خم بخم زلف وڏا ڪلف ڪڙا ڳولي ڳچي
نانگ جي سانگ هني برهہ جو بيمار ڪيئي.

ڪبڪ رفتار چوان يا ڪِ روشن هار چوان
جنهن عجب ڪوڏ پريءَ لوڏ سان مسمار ڪيئي.

ناز جي باز جو نخچير پکي دل جو ڪرين
اي ستمگار چو اهڙو ستم اختياو ڪيئي.

فرق فائق سان رکيئي فوق جو آفاق چڙهي
دور فانيءَ تي نہ ڪجهہ غور جو ويچار ڪيئي.

تخلص لالا

مثنوی اردو در مدح حضرت مرشد

پلا دے ساقیا ایک جام احمر، جو کھل جاوے زبان در وصف رہبر
اگر تعریف اس کی کہہ سناؤں، کلک جنگل فلک کاغذ بناؤں
کہوں کیا میں ثنا اس لالور کی، میں کیا ہون عقل ہے میری کدھر کی
ہوا در دوجھاں نام اس کا مشہور، مثل تابندہ شمس وقمر والنور
کہوں توصیف کیا شاہ شاہاں، جو ہی ہے خالق ارض آسماں کا
ملک جن وپری در زیر اسکی، مکاں تا لامکاں مخلوق اوس کی
ہے محرم راز وہ علم لدن کا، ہوا اس پر ختم سرکن فکن کا
آیا اس پر اسی کے تاج شاہی، ملا منصب اُسی کا شاہنشاہی
کیا شدہ عشق نے گھر اس کا آباد، کیا خیمہ وہاں جا اپنا استاد
کہاں تک ہو اس شدہ کی تعریف، اسی شاہنشاہ والا کی توصیف
یہ لالا ادنیٰ بندہ اس کے درکا، نہ ہی لائق اسی کے بندہ زرکا

﴿غزل﴾

اس کو کہوں جو رکھتا ہو افساں نئے نئے
دلبر جو مجھکو دے گیا ارماں نئے نئے

افسوس ہے مجھے جو نہ دلبر نے پوچھا حال
جس کیلئے دکھے ہیں ھجران نئے نئے

بیمار میں، تڑپتا ہوں کوئی نہیں مسیح
گر ہین جہاں میں کتنے درماں نئے نئے

گردش فلک نے کردیا ہے در بدر مجھے
کیا کیا رکھائے صحن بیاباں نئے نئے

لالا کی جان قربان اسی شمع روی پر
گر ہیں ہزار لاکھ شمعداں نئے نئے

بلبلوں نے قرار چھوڑ دیا
جب گلوں نے بہار چھوڑ دیا

وہ پری جب خرام کرنے لگے
مُردوں نے بھی مزار چھوڑ دیا

چاہ میں زلف پریشاں کی تیرے
ہم نے اپنا دیار چھوڑ دیا

کہنے پر اس رقیب بد دل کے
یار نے ہم سے پیار چھوڑ دیا

کب گرفتار ہو دل آزاد
جب تو نے سینگار چھوڑ دیا

میرا گھر کہاں انکے آنے کے قابل
بلاؤں میں ہوں گر بُلانے کے قابل

کہا دل کا سودا کروگی تو بولی
چلو تم نہیں دل لگانے کے قابل

ہم اپنے رنج وغم کی داستانیں
سنائیں اگر ہوں سنانے کے قابل۔

نہ مانو تو کیوں کر مناؤں میں تجھکو
نہیں ہو جو تیرے منانے کے قابل۔

رکھوں کا میں دامن کو تر تیرے غم میں
رلاؤ جو سمجھو رُلانے کے قابل۔

میرے حال پر کچھ تو کھا ترس ظالم
میں ہوں کیا فقط دل دُکھانے کے قابل۔

مٹا جاتا ہے تیری فرقت میں فائق
ہاں شیدا تیرا ہوں مٹانے کے قابل۔

دور سے آیا ہوں ساقی سنکے مئخانے کو آج
کیا فقط محفل میں ہی ٹہرا ترسانے کو آج

یا شہنشاہ نجف تیرے سخا کی دھوم ہے
جام مئے کوثر پلادو تا اٹھوں جانے کو آج

ساقی کوثر شہا مئخانہ میں اس دور سے
اس لئے آیا تھا کیا خالی چلے جانے کو آج

منتظر میں بھی کھڑا ہوں کچھ توجہ ہو اگر
بندہ ہوں عاصی ولی آیا ہوں بخشانے کو آج۔

یا علی المرتضیٰ شیر خدا مشکل کشا
در پہ تیرے لاکھوں آئے مدعا پانے کو آج۔

ہر سوالی درگہہ عالی سے ہو جاتا ہے سیر
خم مئے کوثر عطا ہو اپنے مستانے کو آج۔

تب ادا فائق سے ہو آقا کی تعریف و ثنا
خود خدا یا مصطفےٰ جب آئیں سمجھانے کو آج۔

دلبرا شام وسحر یاد توام حیران کرد
خواب وخور محو تقاضای لقا هجران کرد

الفت کاکل مشکین تو بیجرم وخطا
در شب تار اسیرم به سیه زندان کرد

آهو از رشک سیه چشم تو ای حور مثل
شد به ویرانه وطن دور ز شهرستان کرد

گفتمش ای یار برین زاری من رحمت نیست
گفت این شور فغان تو مرا خندان کرد

آرزو کردمن ز آن لب لعلش بوسه
داغ حسرت به گل وله اله دلش سوزان کرد

سيد محب علي شاهہ بيوس

سنڌ جي برک مؤرخ پير حسام الدين شاهہ راشدي، روهڙيءَ جي رند شاعر ۽ عالم فقير قادر بخش بيدل جي سوانح عمريءَ ۾ هڪ هنڌ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي تہ 'فقير بيدل کي هڪ فرزند فقير بيڪس هيو جو وڏو شاعر بڻيو ۽ پيءُ جيان مجازي مام ۾ وڏو عاشق بڻيو، هن شادي تہ ضرور ڪئي پر افسوس جو بيڪس مان وري 'بيوس' پيدا ڪو نہ ٿيو' .(١) پير صاحب جي اها ڳالهہ درست آهي تہ بيدل ۽ بيڪس جي خاندان مان ڪو 'بيوس' پيدا ڪو نہ ٿيو پر پير صاحب کي شايد اها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ انهيءَ ئي دور ۾ روهڙي شهر ۾ بيدل ۽ بيڪس جي شاعريءَ جي اثر سان ئي 'بيوس' پيدا ٿي چڪو هيو ۽ اهو بہ بيدل ۽ بيڪس جي پير مغان سيد مير جان الله شاهہ رضوي جي خاندان مان، جيڪو اڳتي هلي سيد محب علي شاهہ بيوس جي نالي سان مشهور ٿيو.

سيد محب علي شاهہ 'بيوس' ، جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ هيو، سندس والد جو سيد احمد شاهہ رضوي هيو. پاڻ سيد علي اڪبر شاهہ اول جو پوٽو، جانشاهي خاندان جي ناميارن شاعرن مان سيد جان الله شاهہ ثالث جو پانيٽيو ۽ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو سڳو سؤٽ هيو.

سيد محب علي شاه بيوس ، جانشاهي خاندان ۾ هڪ انوکي ۽ يگاني شخصيت جو مالڪ هيو. پاڻ عالم، فاضل هئڻ سان گڏ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو باڪمال شاعر هيو. تنهن ڪانسواءِ سيد محب علي شاهہ بيوس، ڪلاسيڪل راڳ جو وڏو ماهر، ڄاڻو ۽ قدردان پڻ هيو. هو پاڻ بہ وڏو ڪلاسيڪل راڳي هيو، ۽ پاڻ 'ستار' جهڙي ڏکئي ساز تي ڳائيندو هيو، کيس 'ستار' وڄائڻ تي مڪمل عبور حاصل هيو.

سنڌيءَ جي مختلف ڪتابن يا تذڪرن ۾ ڪٿي بہ سيد محب علي شاه بيوس جو ڪو مفصل احوال ملي نہ سگهيو آهي. البت ڊاڪٽر نبي

بخش بلوچ پنهنجي تاليف 'ڪافيون' ۾ 'بيوس رضوي سيد' جي عنوان هيٺ هن شاعر جون پنج ڪافيون ۽ سندس مختصر احوال ڏنو آهي جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو:

"بيوس رضوي سيد هيو، شايد نصرپور جي رضوي ساداتن يا روهڙيءَ جي رضوي ساداتن مان هيو، سندس ويهه پنجويهه ڪلام نظر مان گذريا آهن، جن جي بنياد تي چئني سگهجي ٿو ته 'بيوس' سٺو شاعر هيو. ڪن ڪافين ۾ 'نورالله' ۽ 'نصير' جو نالو آندو اٿس، جنهن مان اهڙو گمان به نڪري ٿو ته شايد هو شاهه نصير (نوشهروفيروز) جو معتقد هيو. ۲۵-۱۹۲۲ع ڌاري يا ان کان اڳ گذريو آهي." (۲)

سيد محب علي شاهه 'بيوس' عربي، فارسي جي ڄاڻو هئڻ سان گڏ هڪ باڪمال شاعر پڻ هيو. سندس شاعريءَ مان خبر پوي ٿي ته پاڻ تصوف جي رمزن، اشارن، اصطلاحن کان پڻ واقف هيو. سندس شاعري پڪي، پختي ۽ موسيقيءَ سان پرپور آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ هڪ علمي ۽ ادبي خاندان جو چشم چراغ هيو.

سيد محب علي شاهه بيوس جي شاعريءَ ۽ شخصيت تي سندس وبجهي دور ۾ گذريل، سندس ئي خاندان جي فڪري سلسلي جي شاعرن فقير بيدل ۽ فقير بيڪس جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو وڏو اثر آهي. موسوي عبدالحسين شاهه پنهنجي تاليف 'ديوان بيدل' ۾ لکيو آهي ته "سندس (بيدل جي) شاعريءَ جو اهو اثر ٿيو جو روهڙي ۾ چڱا چڱا شاعر پيدا ٿيا جهڙوڪ سيد نوابشاهه سيدؒ محب علي شاهه، فقير علي بخش وغيره. (۳)

سيد محب علي شاهه بيوس خود پنهنجي شاعريءَ ۾ فقير بيدل ۽ فقير بيڪس جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي ته بيوس، بيدل ۽ بيڪس کان گهڻو متاثر هيو، جيئن چوي ٿو:

بيوس بلڪل بيدل بيڪس، ڇُن ڇپر ۾ ڇڏج نه بيوس
آءٌ ٻانهي تون سردار تن لڳا نت تنهنجي تاري
تنهن ڍولڻ جو ديدار جيسين پسان تيسين موت نه ماري.

سنڌي اساسي شاعريءَ جي حوالي سان فني اعتبار کان سيد محب علي شاهه بيوس جي اها ڪافي ڏاڍي خوبصورت آهي. انهيءَ ڪافيءَ ۾ سيد محب علي شاهه بيوس پنهنجو تخلص ٻه ڀيرا استعمال ڪيو آهي ۽ تخلص جي ٻٽي تڪرار سان شعر ۾ موسيقيت پيدا ٿئي ٿي. ٻي پاسي انهيءَ ڪافيءَ ۾ ٻٽو قافيو پڻ استعمال ٿيل آهي.

سيد محب علي شاهه بيوس جي شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جي انهيءَ منزاج جو سبب اهو آهي ته پاڻ موسيقيءَ جو وڏو ماهر هيو ۽ پاڻ ڳائيندو هيو. 'بيوس' کي راڳ جو ايترو شوق هيو جو هو ڪلاسيڪل راڳ کي باقاعده سکڻ جي لاءِ روهڙيءَ کان بمبئيءَ تائين ويو هيو جتي پورا پنڌرهن سال اتان جي ڪلاسيڪل راڳين کان باقاعده راڳ جي تربيت حاصل ڪيائين. چوڻ ۾ اچي ٿو ته سندس آواز ايترو ته مٺو ۽ سوز ڀريو هيو ۽ ان ۾ ايترو اثر هيو جو پاڻ جڏهن 'ملهار' راڳ ڳائيندا هئا تڏهن مينهن وسي پوندو هيو. ٻي پاسي پاڻ پنهنجي طبيعت ۾ ايترو ته خود دار هيو جو هڪ دفعي سندس اڪيلو فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪنهن ڪيس ۾ جيل اندر ويو، جنهن سبب سيد محب علي شاهه ڏاڍو پريشان رهڻ لڳو ۽ انوقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر سان پنهنجي فرزند جي آزاديءَ لاءِ وڃي مليو. ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کيس چيو ته ٻڌو آهي اوهان وڏا ڪلاسيڪل راڳي آهيو، مون کي راڳ ٻڌايو ته مان اوهان جي فرزند کي آزاد ڪرايان. سيد محب علي شاه بيوس کي ان ڳالهه تي ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائين ته "سائين منهنجو راڳ سان عشق آهي، مان ڪنهن جي به حڪم تي نه ڳائيندو آهيان ۽ جڏهن دل چوندي اهي تڏهن ڳائيندو آهيان" اهو چئي پاڻ واپس هليا ويا. (۴) سيد محب علي شاهه بيوس جي ڏينهن ۾ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جو گادي نشين سيد علي اڪبر شاهه ثاني هيو جيڪو سندس سڳو سوٽ هيو. هن ٻنهي سوٽن جون پاڻ ۾ علمي، ادبي، فني ڪچهريون ٿينديون هيون. سيد علي اڪبر شاهه ثاني کي به محب علي شاهه بيوس جي ڪري راڳ جو شوق پيدا ٿيو، جنهن پڻ محب علي شاهه بيوس کان ڪلاسيڪل راڳ جي تربيت حاصل ڪئي. جنهن جو ذڪر اسان

هن کان اڳ ڪري چڪا آهيون.

وصال

سيد محب علي شاهه بيوس جي پنهنجي سؤٽ سيد علي اڪبر شاهه ثانيءَ سان بيحد عقيدت مندي ۽ ويجهڙائپ هئي. سيد علي اڪبر شاهه ثاني ١٩٢٣ع ۾ جڏهن وفات ڪئي تہ ان وقعي جو سيد محب علي شاهه بيوس تي وڏو اثر ٿيو ۽ ڪيس دلي صدمو رسيو، اهو ئي سبب آهي جو سيد محب علي شاهه بيوس، سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي وفات کان پوءِ جلد سن ١٩٢٧ع ۾ وفات ڪري ويو، انوقت سيد محب علي شاهه بيوس جي عمر اٽڪل سٺ (٦٠) سال هئي.(٥)

اولاد:

سيد محب علي شاهه بيوس ولد سيد احمد شاهه رضوي جي شادي روهڙي شهر جي پير بخش مغل جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهه تولد ٿيو. سيد محب علي شاهه جو اهو اڪيلو فرزند لاولد فوت ٿي ويو.(١)

حوالا

(١)

(٢) 'ڪافيون' مؤلف، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

(٣) 'ديوان بيدل' مؤلف عبدالحسين شاهه موسوي

(۴) 'شجره سادات نقوي / رضوي بکر' (قلمي فارسي)

دلدار جي ديدار تئون صدقي وڃان سؤ وار
ڏنائين ناز مئون نروار ڪليو گلشن گلزار.

١. ڪيائين هار ۽ سينگار، واسينگ سندن وار
جنسار جلويدار جا بي انت خريدار.

٢. تڪي ناز جي تلوار ڌري دست نيون خونخوار
عشاق بيقرار، گهايائين گهوٽ ڪي هزار.

٣. 'ارني ارني' جي پڪار، موسيٰ ڪني هربار
سندس نور جي جهلڪار، سان ٽيو طور انڌوڪار.

٤. 'بيوس' ڪي آڌار منجهه دلدل هسوار
عطا عشق جو آزار، ڪريو سيد الابرار.

تو ڍولڻ جو ديدار، جيسين پسان تيسين موت نہ ماري.

١. درد وڇوڙي ڪني دل ماندي، هيڙس نہ ٿيڙس هوت هيڪاندي.
عشق جو لڳو آزار، ڳڻتي اندر کي اها نت ڳاري.

٢. آءٌ اياڻي نيهن نہ ڄاڻان، محب نہ ڪر تون مُئيءَ سان ماڻان
تو ٻاجهون تڪرار، روز هنجون نت حب ۾ هاري.

٣. آءٌ الله لڳ يار پيارا، توبن گهاريان ڏکڙا ڏهاڙا
برهہ ڪيس بيمار، ساهہ سيد منهنجو سدا توکي ساري.

٤. بيوس بلڪل بيدل بيڪس، چن چپر ۾ چڏج نہ بيوس
آءٌ ٻانهي تون سردار، تن لڳا نت تنهنجي تاري.

●●●

مُک نہ ڇپايا ڪروي، يار صبح شام

١. سگهڙا آوين ڦيرا پاوين، تيڏڙي تانگهہ تمام
ايوين نہ ايذايا ڪروي.

٢. نال عشاقاندي ڪريندائين ماڻي، مشڪل تيڏڙي مام
سانون سمجهايا ڪر وي.

٣. فوج حسن دي بلڪل باري، تيڏا سخت حڪام
ايوين نہ الايا ڪر وري.

٤. دام زلف دي گهتيئي ڏاڍي، ڪس ڳڏني آرام
مينون نہ منجهايا ڪروي.

٥. نور الله سائين آوين ساڏي ويڙهي، ڪرين سو عنايت عام
بيوس نون بلايا ڪر وي.

مرڪ اسان جو ميٺون موٽ، جهر جهنگ جهانگي ٻڌن نہ ڳوٺ

١. قوت اسان جو ڪرنگهہ ڪلوڙين، سايون سبز ٿوهن ولڙيون
پٽ جا ميها متيرا سوٽ

٢. ڏُٿ جا شائق ڏوٿي اباڻا، ڪائن لَس لُلر سي راڻا
وبهن واري تي الله جي اوٽ

٣. آڏي اُنائن اُنن ڳنواريون، پوئين رات پٽ پنهواريون
حق هو جي هونگر چڙهن چوٽ

٤. عمر انهن سان روز ۽ راتيون، ويڙهي تن وسان پايون جهاتيون
قرب تنين جا ڪوڙين ڪوٽ.

٥. بيوس بيشڪ چاڻي نصير، نيڻين وهايان تن لئہ نير
ڪيت بنان نہ منهنجو گهوٽ.

●●●

ڏيان اکين ۾ توکي جاءِ، پير پربن پاءِ
آءُ منا عين جي اوتاري.

١. اکين سان اکيون وٽن رمزان رکيون، سُهمن ساڻ نہ سهاءِ
گهايل نہ گهاءِ ڏيان توکي پنڻ پلنگ پٿاري.

٢. رمزان رلايون روز ازل کٽون، سڪان سڄڻ تنهنجي ساءِ
وري واجهاءِ، هجر هنجون آب ويني هي هاري.

٣. 'فاذڪروني اذڪرڪم' تہ اتوءِ، صبح تان سخن سنداءِ
دليون دل لاءِ، لڙهہ تہ لڳيس آءُ تنهنجي لاري.

٤. بيوس جو وس چاهي اڳيون تنهنجي، ڳُتن پريا تون ڳل لاءِ
پيچ پرت پاءِ، ويهہ نہ ولهي ڪي يار وساري.

سيد جان الله شاهہ چهارم

سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم عرف سيد جهاندار شاهہ، سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثانيءَ جو وڏو فرزند هيو. سيد جان الله شاهہ چهارم سن ١٨٩٧ع ۾ تولد ٿيو. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي وفات (١٩٢٣ع) ڪانپوءِ درگاهہ مير جان الله شاهہ رضويءَ جو گادي نشين ٿيو. سيد جان الله شاهہ چهارم جي والد صاحب سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثاني جا جيئن تہ ڪيترائي هندو عامل ۽ اڪابر مريد هئا، انڪري سيد جان الله شاهہ چهارم کي سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جا مريد ڏيوان گلراج مل ۽ ديوان نرملداس کيس بهتر تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪراچي وٺي ويا، جتي پاڻ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ پڙهيا، پر ميٽرڪ جو امتحان ڏئي نہ سگهيا ۽ واپس موٽي آيا.

سيد جان الله شاهہ چهارم پڻ فقيري خيال ۽ طبيعت جو مالڪ هيو ۽ گهڻو وقت درگاهہ جي سار سنڀال ۾ گذاريائين. سيد جان الله شاهہ چهارم چار شاديون ڪيون پهريون خيرپور جي سيد امام علي شاهہ جي نياڻيءَ سان، جنهن مان کيس هڪ فرزند سيد علي اڪبر شاهہ ثالث عرف مريد حسين شاهہ تولد ٿيو ٻي گهر مان کيس ٻہ فرزند سيد احمد علي شاهہ ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ تولد ٿيا، ٽئين گهر مان کيس ٻہ نياڻيون توليد ٿيون ۽ چوٿين گهر مان کيس هڪ نياڻي تولد ٿي. سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم تاريخ ١٤ جنوري ١٩٦٧ع تي وفات ڪري ويو، کيس پنهنجي والد بزرگوار سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي پهلو ۾ دفن ڪيو ويو. سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم جو فرزند سيد احمد علي شاهہ سن ١٣٩٩هہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس ٻيو فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهہ سن ١٤٠٥هہ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وڏو فرزند سيد علي اڪبر شاهہ ثالث عرف سيد مريد حسين شاهہ حال حيات آهي ۽ هن وقت درگاهہ مير جان الله شاهہ جو گادي نشين آهي.

سيد علي مردان شاهہ رضوي

سيد علي مردان شاهہ ولد سيد محمد مڪي شاهہ (متوفي ٢٤ ربيع الثاني ١٢٨٩هہ) ولد سيد جمن شاهہ ثاني، جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ هيو. سيد علي مردان شاهہ رضوي، سيد مير جان الله شاهہ رضوي ثانيءَ جي پوٽي سيد محمد مڪي شاهہ جو فرزند هيو، ان لحاظ کان پاڻ سيد علي اڪبر شاهہ اول ۽ سيد جان الله شاهہ ثالث جي سوٽاڻ ۾ اچي ٿو. سيد علي مردان شاهہ جي والد بزرگوار محمد مڪي شاهہ کي ٻہ فرزند تولد ٿيا جن مان سيد علي مردان شاهہ سندس ننڍو فرزند هيو. "شجره سادات رضوي / نقوي بکر" ۾ هن طرح آيل آهي:

"و سيد مڪي را سہ خانہ بود و دو پسر ذاد يک
سيد گل حسن مشهور سيد جمن شاهہ و سيد علي مردان شاهہ"(١)

سيد علي مردان شاهہ رضوي، جانشاهي خاندان ۾ پنهنجي وڏن جيان علمي، ادبي شخصيت جو مالڪ هيو. پاڻ عربي، فارسي ٻولين جو ماهر ۽ خوشخط پڻ هيو. حيرت جهڙي ڳالهہ آهي جو سندس احوال ڪنهن بہ تذڪري ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي، سيد علي مردان شاهہ ڪوٽڏجيءَ ۾ اسڪول جو هيڊماسٽر هيو، ساڳئي وقت پاڻ خيرپور رياست جي مير صاحبن جو اطاليق خاص پڻ هيو ۽ مير صاحبن وٽ سندس وڏي رسائي هئي.(٢)

سيد علي مردان شاهہ رضوي، سنڌي، اردو ۽ فارسي جو شاعر پڻ هيو، پر سندس ڪلام بلڪل اڻپورو ملي سگهيو آهي، جنهن مان سندس هڪ مدح هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي.

راز نامون:

سيد علي مردان شاهہ جي هڪ قلمي تصنيف راز نامون، نظر مان گذري اهي، جنهن مان سندس علم، عرفان ۽ ڏاهپ جو اندازو لڳائي

سگهجي ٿو. سيد علي مردان شاهه رضوي جي پنهنجن خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل سندس ٺي 'تصنيف' 'راز نامون' جو قلمي مسودو فل اسڪيپ پڻن تي لکيل آهي، موجوده نسخو ٢٥ صفحن تي مشتمل آهي جڏهن ته ان جا باقي آخري صفحا نسخي ۾ شامل ناهن، جنهن مان اها خبر نه ٿي پوي ته اهو نسخو ڪل ڪيترن صفحن تي مشتمل هيو ۽ اها به خبر نه ٿي پوي ته سيد علي مردان شاهه اهو نسخو ڪڏهن لکي پورو ڪيو، ڇاڪاڻ ته شاهه صاحب پاڻ ضرور نسخي جي آخر ۾ اختتام طور تاريخ ۽ سن لکيو هوندو.

سيد علي مردان شاهه رضوي جي اها تصنيف 'راز نامون' تصوف جي موضوع تي لکيل آهي. پاڻ هن نسخي ۾ تصوف جي رمزن، اشارن ۽ باريڪ بينين جي سمجهاڻي ڏني اٿائون ۽ انهن جو بنياد مختلف بزرگن، عارفن ۽ صوفي شاعرن جي ڪلام کي بنايو اٿائين. اهڙي طرح هن نسخي ۾ سيد علي مردان شاهه رضوي، سنڌي، اردو، سرائڪي سان گڏ فارسي شعرن کي وڌي اهميت ڏني اهي. معلوم ٿئي ٿو ته کيس فارسي شاعريءَ تي وڏو عبور حاصل هيو. جن فارسي شاعرن جي ڪلام کي سيد علي مردان شاهه هن 'راز نامي' ۾ شامل ڪيو اهي انهن ۾ شيخ سعدي، حافظ شيرازي، شمس تبريز مير جان الله شاهه رضوي اول، محمود، بينوا، مولانا جلال الدين رومي شامل آهن. سنڌي شاعرن ۾ سيد علي مردان شاهه، حضرت شاهه لطيف، سيد قلندر علي شاه رضوي، ميان محمد صديق ۽ لڏي فقير جي شعرن کي شامل ڪيو. سيد علي مردان شاهه رضوي انهن اعلي پائي جي صوفي شاعرن جي ڪلام کي چوندي انهن کي تصوف جي مختلف ڏاڪن ۽ رمزن جهڙوڪ شهود اول، شهود دويم ملڪوت، شهود سيوم جبروتي، شهود چهارم جبروتي، شهود پنجم، ۽ شهود ششم ذاتي ولاهوتي کي سمجهاڻ لاءِ دليل طور پيش ڪيو آهي. انهن درجن کي بحث هيٺ آڻيندي انهن شعرن سان گڏ سيد علي مردان شاهه ڪٿي آيت شريف ۽ حديث شريف کي پڻ شامل ڪيو آهي. 'راز نامون' نسخي ۾ جن فارسي شعرن کي شامل ڪيو ويو آهي، انهن

جي هينان سيد علي مردان شاهہ انهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ پڻ لکي اٿائين.
مثال طور راز نامي جي شروعات هِن طرح ڪئي اٿائين.

ڪريما بہ بخشائي بر حال ما ڪہ هستيم اسير ڪمندِ هوا
(اي سخي بخش ڪر اسان جي حال تي جو آهيان بندي ڦاهي حرص جي جو)

نگهدار مار از راه خطا خطا در گذار و صوا بم نما
(سنڀال اسان کي خطا جي واٽ کان خطا معاف ڪر نئين واٽ ڏيکاريم)

نداريم غير از تو فرياد رس توئي عاميان را خطا بخش بس
(نہ رکرن تو کان سوا دانهن ٻڌندڙ تون آهين ڏوهارين کي ڏوهہ بخشيندڙ)

سيد علي مردان شاهہ رضوي پنهنجي جدا مجد سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول جي فارسي ديوان مان پڻ ڪافي شعر چونڊيا آهن ۽ انهن جي معنيٰ پڻ لکي آهي، جا هتي ڏجي ٿي.

بيت ديوان مير

بزوري نشہ بر خورد ارم اشب دماغ نشہ بالا درام اشب
(زور سان نشو کائيندڙ آهيان اڄ رات. نشي جو دماغ مٿاهون رکان اڄ ارات)

روز ۽ شب ساز اناالحق مي ڪند مير سربردار مي خواهد ولم
(ڏينهن رات راڳِ اناالحق جو ڪري ٿي اي مير منهنجي دل مٿو ڦاهيءَ مٿي چاڙهڻ گهري ٿي)

راز نامون' کان علاوه سيد علي مردان شاهہ رضويءَ جو ٻئي تصنيف نظر مان نہ گذري آهي، البت پاڻ مختلف بياضن ۾ مختلف شاعرن جو ڪلام نقل ڪيو اٿائين. سيد علي مردان شاهہ جو پنهنجو ڪلام بہ تمام ٿورو مليو آهي، جنهن جي نموني طور سندس هڪ مدح هتي شامل ڪئي وئي آهي.

وصال:

سيد علي مردان شاهہ ولد سيد محمد مکي شاهہ رضوي سن

۱۴-۱۹۱۳ع ۾ ڪوٽڏجيءَ ۾ وفات ڪري ويا. خيرپور جي مير صاحبن پنهنجي اطاليق خاص جي جسد خاڪيءَ کي وڏي عزت ۽ احترام سان خصوصي طور تي خاص بگين جي سواريءَ ۾ روهڙي ڏياري موڪليو. جتي سيد علي مردان شاهه کي درگاهه مير جان الله شاهه جي خاص مقبرن جي ٻاهران اولهه ۾ دفنايو ويو جتي سندس مزار آهي.(۴)

اولاد:

سيد علي مردان شاهه رضوي ٻه شاديون ڪيون، پهرين غلام حسين افغان جي نياڻيءَ سان جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد پير بخش عرف سيد محمد تقي شاهه تولد ٿيو. ٻي گهر مان ڪيس ٽي فرزند تولد ٿيا، صادق علي شاهه، انور علي شاهه ۽ غلام عابد شاهه جيڪي ٽيئي صغير سن فوت ٿي ويا.(۵)

حوالا

(۱) شجره سادات نقوي / رضوي بکر (قلمي فارسي)

(۲) راوي: ڊاڪٽر جان علي شاهه رضوي جانشاهي ساڪن روهڙي.

(۳) 'راز نامون' (سنڌي، فارسي) (قلمي) سيد علي مردان شاهه رضوي.

(۴) راوي: ڊاڪٽر جان علي شاهه رضوي جانشاهي ساڪن روهڙي.

(۵) شجره سادات نقوي / رضوي بکر (قلمي فارسي)

دانهہ دوست خدا جا تون هادي هٿ وٺيج
توريءِ طاقت نانهہ ڪا مج سوال رسيج
سڻ فرياد فقير جي تون سرور سڏ سڻيج
ڏسي حال حقير جو .تون عربي آذر ڏيج
زاريون هن ضعيف جون تون والي ورنائيج
ماري مون مسڪين جو اچي غور ڪريج
هن معزور کي مصطفيٰ تون دوست دلاسو ڏيج
معجزي سان مسڪين جو ڪو فضل فرمائيج
مون مٿان مرسل مهر جا تون حضرت هٿ رکيج
اچي باند بند مان تون قيدي ڪڍائيج
پوءِ پيا ها پنڌ ۾ سي چور تان نہ ڇڏيج
اچي همت پنهنجي تون لکيون لنگهائيج
ڪشالي اوکيءَ مان، ڇڪڻ مون چاڙهيج
اورن اولن عاجزن سورن سار لهيج
فائق فلاتنهر منهنجي ڏوهن کي نہ ڏسيج.

سيد محمد تقي شاھ رضوي

جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ سيد محمد تقي شاھ رضوي، سيد علي مردان شاھ رضويءَ جو فرزند ۽ سيد محمد مڪي شاھ جو پوٽو هيو. سيد محمد تقي شاھ جيئن تہ هڪ وڏو شاعر بہ هيو، پنهنجي هينين شعر ۾ پنهنجن وڏن بزرگن جو خانداني سلسلو هن طرح بيان ڪيو آهي.

جان قلندر ماه منور جان جمن شاھ مڪي
ثمر شجره علي مردان، شد محمد تقي (١)

سيد محمد تقي شاھ جو والد بزرگوار سيد علي مردان شاھ جيئن تہ هڪ عالم فاضل ۽ شاعر هيو، انڪري هن پنهنجي فرزند سيد محمد تقي شاھ کي عربي، فارسي جي تعليم ڏياري سيد محمد تقي شاھ کي سندس والد بزرگوار جي وفات ڪانپوءِ خيرپور رياست جي مير صاحبن ساڳيو مان ۽ مرتبو بخشيو ۽ سندس رسائي بہ مير صاحبن وٽ رهي جو مير صاحبن کيس خيرپور رياست جو وزارت باغات لاءِ منشي (سيڪريٽري) مقرر ڪيو. (٢)

سيد محمد تقي شاھ پنهنجي وقت ۾ عربي، فارسي جو ڄاڻو هئڻ سان گڏ ايڏو تہ وڏو ۽ في البديهہ شاعر هيو جو خيرپور رياست اندر سندس ڪو بہ ماتحت ملازم ڪا ڪوتاهي ڪندو هيو تہ ان جي ڪوتاهي ان جي ٽيبل تي شعر جي صورت ۾ لکي ايندو هيو. (٣)

سيد محمد تقي شاھ جي علمي فضيلت ايتري هُئي جو خيرپور جي ميرن صاحبن کان علاوه ڪهڙن جي آخوند فضل الله پاران پڻ سندس خاندان ڏانهن سندس وفات ڪانپوءِ بہ وظيفا ايندا هئا. بي پاسي سيد محمد تقي شاھ رضوي جي بيواه ڏانهن روهڙي ۾ خيرپور کان مير صاحبن

پاران پينشن ايندي رهي جا ١٩٦٧ع تائين جاري رهي.

سيد محمد تقي شاهه رضوي، هڪ فقيرتن شخص ۽ روحاني خيال رکندڙ هيو. سندس هڪ ڳالهه تہ تمام گهڻو مشهور آهي جنهن مان سندس درويشي ۽ فقيري ظاهر ٿئي ٿي. ڪهڙن جي علمي ۽ روحاني شخصيت آخوند فضل الله جو سائس اچڻ وڃڻ جو رستو هيو. هڪ ڏينهن آخوند فضل الله ڪانئس پڇيو تہ "سائين مذهب ڪهڙو سچو آهي؟" پاڻ ان جي جواب ۾ ڪجهہ نہ فرمايائون صرف اينترو ڪيائون جو هڪ ڪاغذ تي پنهنجي وفات جي تاريخ، ڏينهن ۽ وقت لکي انکي بند ڪري آخوند فضل الله جي حوالي ڪيائون ۽ ڪيس اهو چيائون تہ اهو ڪاغذ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ کولجو. جڏهن سيد محمد تقي شاهه وفات ڪري ويو تہ ان ڪان بہ گهڻو عرصو پوءِ جڏهن آخوند فضل الله کي اها ڳالهہ ياد آئي تہ پوءِ هن محمد تقي شاهه رضوي جي لکيل اها چِٺي جڏهن کولي ڪچهري کي ڏيکاري تہ سڀني حيران ٿي ويا. جوان ۾ سيد محمد تقي شاهه پنهنجي مرڻ جي اها ئي تاريخ ۽ ڏينهن لکيو هيو. جنهن تاريخ ۽ ڏينهن تي پاڻ وفات ڪري ويا.(٢)

سيد محمد تقي شاهه رضوي، خوشخط پڻ هيا. پاڻ مختلف قلمي نسخن ۽ بياضن ۾ ڪيترن ئي فارسي سنڌي ۽ اردو شاعرن جو ڪلام نقل ڪيو اٿائين. جن مان ڪجهہ راقم الحروف جي نظرن مان پڻ گذريو آهي. سيد محمد تقي شاهه رضوي پنهنجي ملازمت جي سبب زندگيءَ جو گهڻو عرصو خيرپور ۾ رهيو. اتي مير صاحبن جي دربار ۾ علمي ۽ ادبي محفلون ۽ مشاعرا ٿيندا رهندا هئا. جن ۾ سيد محمد تقي شاهه پاڻ بہ شاعر جي حيثيت ۾ حصو وٺندو هيو. هڪ اردو طرحي مشاعري ۾ سيد محمد تقي شاهه رضوي، مير غلام حسين ٽالپور جي ڏنل طرح مصرع "پهولون مين تُل رهاهے کانٹہ ميرے چمن کا" تي بہ رباعيون لکيو هيون جن شعر و سخن جي محفل ۾ وڏو داد حاصل ڪيو. سيد محمد تقي شاهه جون اهي بہ اردو رباعيون هتي نقل ڪجن ٿيون.

جب نینوا میں ڈوبا بیڑا جلا وطن کا
خلد بریں سے زہرا احوال دیکھا بن کا
حُر کی طرف جو دیکھا فرمایا فاطمہ نے
پھولوں میں تل رہا ہے کانٹا میرے چمن کا

☆☆☆

مضمون کا مسیح ہوں نادر ہوں اپنے فن کا
موج لہر لبن یوں داوٗد ہوں سخن کا
قمری نے طوق پایا بلبل رہی فغاں میں
پھولوں میں تل رہا ہے کانٹا میرے چمن کا

سيد محمد تقي شاهہ رضوي جي شاعري گهڻو ڪري اردو ٻوليءَ ۾ ملي ٿي، جن مان ٻہ وري سندس صرف رباعيون ملي سگهيون آهن. سندس سنڌي ڪلام بہ اڻپورو ملي سگهيو آهي، جنهن مان نموني طور هڪ نظم هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سيد محمد تقي شاهہ رضوي جو جيترو بہ ڪلام ملي سگهيو آهي ان مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ اردو ۽ سنڌيءَ جو قادر ڪلام ۽ استاد شاعر هيو ۽ کيس شعر و سخن تي مڪمل دسترس حاصل هئي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سيد محمد تقي شاهہ رضوي جو گم ٿيل ڪلام هٿ اچي سگهي.

وفات:

سيد محمد تقي شاهہ ولد سيد علي مردان شاهہ رضوي تاريخ ١٠ ذوالقعد ١٣٦٢هجري مطابق ١٩٤٣ع تي خيرپور ۾ وفات ڪري ويو، کيس

درگاهہ مير جان الله شاهہ روهڙيءَ ۾ پنهنجي والد بزرگوار سيد علي مردان شاهہ رضويءَ جي پهلوءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

اولاد:

سيد محمد تقي شاهہ رضوي چار شاديون ڪيون. پهرين شادي روهڙي مان سيد سوائل شاهہ جي خاندان مان ڪيائون جنهن مان اولاد نہ ٿي. ٻي شادي خيرپور مان نبن خان پناڻ جي همشيره سان ڪيائون جنهن مان ڪيس ٻہ فرزند سيد سردار علي شاهہ ۽ سيد امير علي شاهہ تولد ٿيا. ٽيئن شادي ڪرنڏجيءَ جي سيد ضمير حسين شاهہ جي همشيره سان ڪيئاون جنهن مان ڪيس ٻہ فرزند سيد شهمردان شاهہ ۽ جمن شاهہ تولد ٿيا. چوٿين شادي روهڙيءَ مان سيد علي مراد شاهہ جانشاهي جي نياڻي سان ڪيائون جنهن مان هڪ نياڻي ۽ هڪ فرزند سيد انور علي شاهہ تولد ٿيو.

عيد شب برات

واه واه شب برات شب قدر ٿي عيان
چوڌاري روشني آهي روشن ٿيو جهان.

خور دوڪلان ٿيا شاد دل خلق شاد مان
سڀ جو دماغ تازه بمعطر ٿيو مقر جان.

اڄ ماڪ جا ڪري سا ڪرم جو ظهور آ
گويا فلڪ ڪان بارش باران نور آ.

ڇا آهه اڄ عجب جو رنگ زمانو آ
آراسته خدا جو هر هڪ ڪارخانو آ.

تعريف آءُ ڪهڙي لکان شبِ برات جي
هن رات ۾ نجات ته ٿئي ڪائنات جي.

سوڳنڌ کاڌي آهه خدا پنهنجي ذات جي
طوبا جو برگ برگ سَنَدَ ٿئي نجات جي.

خدايا مومن کي بخش پنهنجي ذات جي صدقي
گنهه بخشي سڀن جي ٿئي مقدس رات جي صدقي.

الاهي دائما يا بسته منجهه حرس وهوا آهيون
جهالت ۾ گرفتار ۽ گنهه ۾ مبتلا آهيون

گناهن جي مرض موجب مايوس شفا آهيون
مگر امت محمد جي، مريد مرتضيٰ آهيون.

تقي تکيو ڪري تنهنجو ڪري ٿو عرض اي غفار
اوهان جي لطف سان شل ٿئي خوش آشنا دينداز.

حیدر حسن وحسین بہ محشر شفیع ما
زین العبا و باقر جعفراست رھنما

کاظم رضا تقی و نقی شاہ دوسرا
ھی عسکر یست و مھدی حاجت روائی ما

☆☆☆

اشک جو آنکھوں سے نکلا دریا بن گیا
از فرقت آن ہر رگ زنار خدایا بن گیا۔

سر برہنہ موسم گرما روی دیکھو تو سہی
لیلیٰ کی محبت میں حال مجنوں کیا بن گیا

☆☆☆

صد شکر کہ آج اسکو تمنائے دل ملے
مدت سے گرچہ عید کو یہ انتظار تھا

کہتی ہے عید آپ سے اے فخر روزگار
کیا کیا نہ تیری دید کو دل بیقرار تھا

ڈر تھا کہیں مزاج ضعف نہ ہو حضور
ہر روز مجھکو آنے سے ہرگز نہ عار تھا

سید کا صدقہ آپکو عشرت نصیب ہو
یہ یوم ہے حضور کا خدمت گذار تھا

عید کا دن ہے خوشی کا ہے سماں
شاد آتا ہے نظر سارا جہاں

ہو مبارک یا خدا سب کو یہ عید
ہوں میرے احباب یارب شاد ماں

عید نے آج دکھائی صورت
آج پوری ہوئی دل کی حسرت

ساقیا جام مروت بھر دے
کر ہمیں مست شراب الفت

رباعی

جب نینوا میں ڈوبا بیڑا جلاوطن کا
خلد بدین سے زھرا احوال دیکھا بن کا۔

حُر کی طرف جو دیکھا فرمایا فاطمہ نے
پھولوں میں تل رہا ہے کانٹہ میرے چمن کا۔

مضمون کا مسیح ہوں نادر ہوں اپنے فن کا
موج لبِ لبن ہوں داؤد ہوں لحن کا۔

قمری نے طوق پایا بلبل رہی فغاں بیں
پھولوں میں تل رہا ہے کانٹا میرے چمن کا

سيد جمن شاهه رضوي

جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ سيد جمن شاهه رضوي ثالث، سيد محمد تقي شاهه جو فرزند ۽ سيد علي مردان شاهه رضويءَ جو پوٽو هيو.

سيد جُمن شاهه رضوي گهڻو تعليم حاصل ڪري نه سگهيو البت سندس والد بزرگوار کيس فارسي جي تعليم ڏياري هئي. توڙي جو سيد جمن شاهه گهڻي تعليم حاصل نه ڪئي، ان جي باوجود خيرپور جي مير صاحبن سندس والد بزرگوار ۽ ڏاڏي سيد علي مردان شاهه جي خدمتن جي عيوض کيس خيرپور رياست ۾ پوليس جي کاتي ۾ ملازمت ڏني. سيد جُمن شاهه رضوي تاريخ ١٨ شوال ١٣٩٢هجري مطابق ٢٥ نومبر ١٩٧٢ع تي ميرپور ماٿيلي ۾ وفات ڪري ويو، جنتي پاڻ ايس ايچ او هيو. سيد جُمن شاهه رضوي خيرپور جي پناڻن مان جند وڏو خان جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي، سندس سهرو جند وڏو خان خيرپور جي ميرن جو درباري ذاڪر هيو.

سيد جُمن شاهه رضوي سنڌي ۽ اردوءَ جو قادر الڪلام ۽ في البديهه شاعر ٿي گذريو آهي، سندس گهڻو شعر اردوءَ ۾ ملي سگهيو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪمال ان ڳالهه ۾ آهي جو پاڻ پوليس ڊپارٽمينٽ جي هر قانون، قاعدن ۽ هر فوجداري ايڪٽ تي شعر چيو اٿائون، مثال طور هٿڪڙي ڪهڙي ڏوهاري کي هڻجي، عورتن کي گرفتار ڪيئن ڪجي، سمن ڪئين تعميل ڪجي، يا پنهنجي بالا آفيسر جو ڪهڙو حڪم ۽ ڪيئن مڃجي، انهن سمورن مسئلن تي هن شاعري ڪئي آهي. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته سيد جمن شاهه رضوي پوليس جي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ لاءِ هر فوجداري ايڪٽ تي شاعري ڪري انهن شعرن کي وڏن اکرن ۾ لکرائي هر ٿاڻي تي لڳرائي ڇڏيو هيو.

نظم

اي جوان انجمن اتحاد ڪج بيدار ٿي
مهڪ پيدا ڪر نئين ۽ تون گل بي خار ٿي.
پنهنجي باطن جو مطالع تون ڪري هوشيار ٿي
خود شناسيءَ تي نظر ڪر ۽ سگهو خود دار ٿي.

منڪشف پوءِ راز مخفي جي منازل ٿي وڃي
نور حق پيدا ٿئي ظلمات زائل ٿي وڃي.

احساس عظمت جو رکج انسان عاليشان بڻ
باعمل ٿي زندگي ڪر حامل قرآن بڻ
صاحب ڪردار ٿي ۽ صاحب ايمان بڻ
هن مقدس قوم جي ڪشتيءَ جو ڪشتيبان بڻ.

رحمت حق پوءِ تنهنجي حال شامل ٿي وڃي
منزل مقصود جو نزديڪ ساحل ٿي وڃي.

پنهنجي بگڙي قوم جو مقدر بڻائي ٿو سگهين
ڪفر جي ظلمات جا تختا هِلائي ٿو سگهين
قوت بازوئے خالد تون اپنائي ٿو سگهين
بت ڪده کي اڄ به تون ڪعبو بڻائي ٿو سگهين

حق بجانب ٿي ته پوءِ حق تنهنجي مائل ٿي وڃي
ڪفر باطل جو مڙيوئي زور زائل ٿي وڃي.

پنهنجي مقصد کي نہ ڀُل ۽ پنهنجي منزل کي وڌاءِ
زندگيءَ کي سمجهہ تون ۽ زندگانيءَ کي بناءِ
درس سک توحيد جو مذهب پرستيءَ کي مٽاءِ
ڪڍ ڪدورت قلب مان ۽ صاف سيني کي بناءِ.

احسن اخلاق تي هر قوم قائل ٿي وڃي
زندگي هر فرد جي راهہ مشائل ٿي وڃي.

اڄ ڪيون واعدو هتي دائمي اتحاد جو
خيال دل مان ٽا ڪڍون اڄ فتنہ و فساد جو
بس محبت سان وڌايون شان آدم زاد جو
هڪ دفعو نعرو اچي اتحاد زنده باد جو.

عظمت اسلام جو هر فرد حاصل ٿي وڃي
يا الاهي جذبہ اتحاد ڪامل ٿي وڃي.

پيارو پاڻ پيارل مون پري ڪو جام ڪوثر جو
آيو هان ڪيچ مان ڪاهي ٻڌي پڻ نام حيدر جو.

اتم دل ۾ اها اميد ڪندو شال پورو سو
بڻائي خاص خادم هو ڪري دربان پڻ در جو.

هجن ها پر جي مون ڪي اڏامي مان اچان تو وٽ
ڪيان ها صاف ڪنين سان روضو تنهن پاڪ رهبر جو.

آهيان پڻ قيد ڪوٽن ۾ ڏاڍو سهٽا سورن ۾
ٿني جو سام سهٽو هي کهڙو پؤ آه محشر جو.

احکام جائز کی کرو تعمیل تم
افسر. عالی جو جائز دیں حکم

ایسی خبریں لا کے بتلاؤ ضرور
امن وامان میں کون کرتا ہے فتور

ایسے جرموں کی کرو تم روک تھام
جس سے ہوں آزردہ ہر خاص و عام

کر کے کوشش تم لگاؤ یہ سراغ
کس جگہ بیٹھے ہیں مجرم بد دماغ

اور پکڑو انکو دلواؤ سزا
تاکہ راضی تم سے ہو خلق خدا

وقت فرصت میں کرو یہ بھی تلاش
کس جگہ ہوتے ہیں کٹھے بدمعاش

یوں فرائض گر کروگے سر انجام
تو سدا رضوی رہوگے نیکنام

سيد سردار علي شاھ رضوي

سيد سردار علي شاھ رضوي جانشاهي، سيد محمد تقي شاھ رضويءَ جو وڏو فرزند هيو. سيد سردار علي شاھ سن ١٩٠٩ع ۾ تولد ٿيو. پاڻ ان دور جي سنڌي فائينل پاس ڪيائون ۽ ٻه چار درجا انگريزي بہ پڙهيا. سيد سردار علي شاھ شروع شروع ۾ خيرپور رياست ۾ جيلر مقرر ٿيا. پر اتي قيدين مٿان ٿيندڙ ناجائيزين، ظلم ۽ جبر خلاف احتجاجاً اها نوڪري ڇڏي ڏنائون ۽ اسٽيٽ پريس خيرپور ۾ رهيا. اتان وري روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت اختيار ڪيائون، آخرڪار مختيارڪار جي عهدي تي پهتا ۽ اتان رٽائر ڪيائون. سيد سردار علي شاھ پنهنجي خاندان جيان علمي ادبي ذوق رکندڙ هيو. پاڻ هڪ نيڪ مرد ۽ فقيري طبيعت جو مالڪ هيو. پاڻ سڄي رات عبادت ۾ جاڳندي گذاريندا هئا. سيد سردار علي شاھ رضوي ٣٠ نومبر ١٩٧٦ع تي روهڙيءَ ۾ وفات ڪئي سندس مزار درگاھ مير جان الله شاھ رضوي جي قبرستان ۾ آهي، سيد سردار علي شاھ رضوي جي وفات متعلق اهم واقعيو مشهور آهي تہ پاڻ پنهنجي وفات کان ٻہ ڏينهن اڳ پنهنجي فرزند ڊاڪٽر جان علي شاھ رضويءَ کي درگاھ مير جان الله شاھ جي قبرستان وٺي ويا ۽ ڪين ڪجھہ وصيتون ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي قبر جي جاءِ پڻ ڏيکاريائين تہ: "هتي مون کي دفن ڪجو." اهڙي ريت مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ شهر جي معزز ڊاڪٽر امداد حسين شاھ موسوي وٽ ويا ۽ کيس چيائين تہ سڀاڻي ڪاڏي بہ نہ وڃجو، ٻي پاسي پنهنجي دوست سنگرار جي هيڊماسٽر محمد پريل کي ڳوٺ وڃڻ لاءِ نہ ڇڏيائون ۽ کيس پنهنجي گهر ۾ ترساڻي ڇڏيائون. اهڙي ريت پنهنجي ٽرَ جي ذاڪر يتيم عليءَ لاءِ بہ هڪ هندو واپاري لڇومل کي نياپو ڪيائون تہ: سڀاڻي اسانجي موڪلائي آهي، هو اسانجي قبر تي اچي مجلس پڙهي تنهن ڪري صبح جو گهر نہ وڃي. اهڙي طرح سيد سردار علي شاھ پنهنجي وفات جو سڀني دوستن، سڄڻن کي اطلاع ڏني ٻي ڏينهن وفات

ڪري ويو. سيد سردار علي شاهہ شعر و شاعريءَ سان بہ لڳاءُ رکندو هو هتي سندس شعر جي نموني طور نظم جا ڪجهہ شعر پيش ڪجن ٿا.

نظم

تون سهڻو خوشبو دار منا
تو ۾ مشڪ سندو هٻڪار منا
تون سونهن جو آن سردار منا.

ويتر جو ڪرين سينگار منا
تنهنجي کهڻ ڪپڻ آهي ڪار منا
ڪرين روز هزارين شڪار منا

ڇڏ روز وارو تڪرار منا
ڪو وصل جو ٻوليو وار منا
لائي لبن جي شربن لار منا.

هڪ پاليو مون آ پيار منا
ٿا نانگ وڪڙ ڪن وار منا
ڪري پيشاني چمڪار منا.

تنهنجا زهره جبين آثار منا
تنهنجا ڀرون ائين خمدار منا
چند ٻهرين جو جيئن نروار منا

ڪيان ڏندن جي چا گفتار مٺا
جڻ هيرا لال جواهر مٺا
ڪڻ اڪڙيون تون هڪوار مٺا
هڪوار مٺا هربار مٺا.

تنهنجي رخ تي سبزه زار مٺا
جڻ بهشت جو آ گلزار مٺا
اهو خال مٿي رخسار مٺا
جڻ باغ جو پهريدار مٺا.

سيد امير علي شاهه رضوي

سيد امير علي شاهه رضوي جانشاهي، سيد محمد تقي شاهه رضويءَ جو ٻيو نمبر فرزند هيو. پاڻ تاريخ ٦ جون ١٩١١ع ۾ تولد ٿيا. سيد امير علي شاهه رضوي تعليم تمام ٿوري حاصل ڪري سگهيا جو صرف ٻه چار درجا سنڌي پڙهيا، پر خبر پوي ٿي ته ڪيس عربي، فارسيءَ جي چڱي ڄاڻ هئي. سيد امير علي شاهه رضوي خيرپور رياست ۾ پوليس جي کاتي ۾ ڀرتي ٿيا. پاڻ جيئن ته وڏا خود دار ۽ ايماندار هئا انڪري وڏو عهدو ماڻي نه سگهيا ۽ هيڊڪانسٽيبل جي حيثيت ۾ سن ١٩٦٩ع ۾ رٽائر ڪيائون.

سيد امير علي شاهه رضوي پنهنجي خاندان جي علمي ۽ ادبي پس منظر سبب پاڻ به علمي ۽ ادبي ذوق رکندڙ هئا ۽ فقيري طبيعت جا مالڪ هئا. سيد امير علي شاهه خوشخط پڻ هئا. پاڻ پنهنجن هٿ اکرن ۾ جانشاهي خاندان جو شجرو پڻ لکيائون، ساڳي وقت سندن هٿ اکرن ۾ هڪ اهڙو بياض پڻ مليو آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ فارسي جي بزرگ شاعرن جو ڪلام نقل ڪيو اٿائون، اهڙو نسخو راقم الحروف جي نظرن مان پڻ گذريو آهي. سيد امير علي شاهه رضوي تاريخ ٢٥ فيبروري ١٩٨٦ع تي روهڙيءَ ۾ وفات ڪري ويا ۽ درگاهه مير جان الله شاهه رضويءَ ۾ ڪين سپردخاڪ ڪيو ويو. سيد امير علي شاهه رضوي ٻه شاديون ڪيون، پهرين سيد مريد علي شاهه ولد سيد غلام علي شاهه جي نياڻيءَ سان ۽ ٻي شادي سيد جان الله شاهه رضوي چهارم جي نياڻيءَ سان، ڪيس ٽي فرزند تولد ٿيا. سيد علي حسين شاهه، سيد زمان شاهه ۽ سيد آفتاب شاهه، جيڪي حال حيات آهن. سيد امير علي شاهه جو فرزند سيد زمان شاهه راقم الحروف سان گڏ پڙهيو آهي ۽ تمام ويجهن دوستن مان رهيو آهي. سيد امير علي شاهه رضوي شعر و شاعريءَ سان پڻ لڳاءُ رکندو هيو، سندس هڪ منقبت ملي سگهي آهي جا هتي پيش

ڪجي ٿي.

منقبت

مرشد اسان جو علي شاهہ نر آ
قدم جنهن جو ساري جڳ پر سر آ.

نبيءَ جو بازو ۽ وارث علي آ
خدا جو پيارو سوني دلبر آ.

قيامت جو شافيع محمد آهي
نائب تنهنجو والئي ڪوثر آ.

اسان کي اچي آهہ سورن واريو
لاهڻ وارو ان جو شبير و شبر آ.

چوي امير علي شاه گولن جو گولو
هيڻن جو همراه پنجتن جو ڏر آ.

سيد شاهمردان شاهہ

سيد شاهمردان شاه رضوي، سيد محمد تقي شاهہ رضويءَ جو چوٿون نمبر فرزند هيو. سيد شاهمردان شاهہ رضوي ظاهري تعليم تہ گهڻي حاصل نہ ڪئي پر هڪ علمي خاندان ۾ جنم وٺڻ سبب سندس لاڙو شعر و شاعري ڏانهن رهيو ۽ سندس شخصيت فقيري طبع رهي.

سيد شاهمردان شاه شروع شروع ۾ خيرپور رياست ۾ محڪمہ جهنگلات ۾ سب انجنئر هئا. ان بعد پاڻ ملٽري ۾ ڀرتي ٿيا ۽ انگريز فوج سان گڏ ١٩٤٥ع ۾ عالمي جنگ ۾ حصو وٺڻ لاءِ 'گوا' پڻ ويا. جتي مٿس بغاوت جو الزام لڳو تہ پاڻ سنڌ موٽي آيو. جتي خيرپور جي مير صاحبن ڪيس پناهہ ڏني ۽ هن کي ڪورٽ مارشل کان بچايو. خيرپور جا مير صاحب، سيد شاهمردان جي وڏن جو سائن خدمتون ڏسي مٿس گهڻو راضي هئا ۽ ڪيترن ٿي جايون سيد شاهمردان شاهہ کي ڏنائون. خيرپور جي مير صاحبن پاران سندس آخري وقت تائين ڪيس پينشن امائي ويندي هئي.

سيد شاهمردان شاهہ رضوي شعر و شاعري سان بہ ذوق رکندڙ هو، سندس گهڻو ڪلام ميسر ٿي نہ سگهيو آهي، تنهن ڪري نموني طور سندس هڪ ڪافي هتي ڏجي ٿي.

سيد شاهمردان شاهہ رضوي ولد سيد محمد تقي شاهہ رضوي تاريخ ٥ آڪٽوبر ١٩٩٤ع تي روهڙيءَ ۾ وفات ڪري ويا.

ڪافي

چڏي پڻ مائٽ مٽ سهٽا ٿيو هان ڌار مان توليءَ
ڪيو ويراڳي وطن وارن ٿيس بيدار مان توليءَ.

ڪري سر ساهہ صدقو مان ٿيس مدهوش محبت ۾
جدا ٿي ساٿ سنگت کان ورتو هان يار مان توليءَ.

سنيم سختيون سدا سهٽا مون تنهنجي لاءِ هن سر تي
دوا ڏي درد جي سهٽا ٿيس بيمار مان توليءَ.

بهانو نوڪريءَ جو آهيان خادم تنهنجي سِرَ جو
چڏيا ٿم هن زماني جا سيئي ڪم ڪار مان توليءَ.

چني ٿو شوق مان شاهن ڪرڪو وصل جو واعدو
چڏي ذي رسڻ جو قاعدو آهيان لاچار مان توليءَ.

سيد غلام شاهہ رضوي

جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ سيد غلام شاهہ رضوي سيد مهر علي شاهہ رضويءَ جو فرزند ۽ سيد امام بخش شاهہ رضوي جو پوٽو هيو، اهڙي طرح سيد غلام شاهہ، سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول جي پوٽي سيد فتح علي شاهہ رضوي جي چوٿين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو. سيد غلام شاهہ رضويءَ جو جنم تاريخ پهرين جون ١٩١١ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم روهڙي جي مئن پرائمري اسڪول مان ۽ پنج درجا انگريزي ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان پاس ڪيا. سيد غلام شاهہ رضوي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيا ۽ باقي وقت زمينداريءَ ۾ ۽ درگاهہ مير جان الله شاهہ جي خدمت ۾ گذاريائون. سيد غلام شاهہ رضوي، فقيري طبيعت جو مالڪ هيو، پاڻ محرم الحرام جا ڏوهہ ڏينهن عزاداريءَ ۾ گذاريندا هئا ۽ ساڳئي وقت ڪربلا معليٰ (عراق) مان پڻ زواري ڪري آيا هئا سيد غلام شاهہ رضوي سماجي ۽ سياسي ڪمن ۾ بہ حصو ورتو پاڻ ١٩٥٣-٥٤ع کان وني مسلسل تي پيرا پنهنجي حلقي مان B.D جي چوندن ۾ حصو ورتو ۽ ڪامياب رهيا. سيد غلام شاهہ وٽ ڪيترن ئي درويشن ۽ فقيرن جو اچڻ وڃڻ هوندو هيو خاص طور تي جهوڪ جو گادي نشين عبدالستار شاهہ ۽ سندس ڀاءُ صوفي محمد وارث جو تہ ساٿس دوستيءَ جو رستو هيو. سيد غلام شاهہ رضوي ٢٠ جنوري ١٩٦٧ع تي وفات ڪري ويو ڪيس درگاهہ مير جان الله شاهہ روهڙيءَ ۾ دفن ڪيو ويو. سيد غلام شاهہ بہ شاديون ڪيون، جنهن مان کيس چار فرزند سيد غلام رضا شاهہ، سيد غلام رسول شاهہ، سيد غلام شبير شاهہ ۽ سيد غلام حيدر شاهہ تولد ٿيا ۽ بہ نياڻيون پڻ تولد ٿيون.

سيد علي ڏنو شاهه رضوي

سيد علي ڏنو شاهه رضوي جانشاهي، سيد مدد علي شاهه عرف سيد رنگل شاهه اول جو فرزند هيو. سندس والد بزرگوار ڀيرلوءِ ضلعي خيرپور ۾ زميـنداري ڪندو هيو جتي سندس نالي تي اڄ تائين 'ڳڙهي رنگل شاه' جو ڳوٺ آباد آهي.

سيد علي ڏنو شاهه رضوي سنڌي فائينل پاس ڪئي، جنهن بعد پاڻ نيڙهيءَ جي مدرسي "دار الهداد" ۾ ديني تعليم پڻ حاصل ڪئي جتان عالم ۽ فاضل جي دستار حاصل ڪئي. سيد علي ڏنو شاهه روهڙي شهر جي برک عالم سيد غلام مرتضيٰ شاهه رضويءَ جو نياڻو هيو. سيد غلام مرتضيٰ شاهه رضوي روهڙيءَ مان نائين محرم الحرام تي برآمد ٿيندڙ تاريخي تعزئي ڪربلا معليٰ جا نگران ۽ پرمٽ هولڊر هئا. سيد غلام مرتضيٰ شاهه کي جيئن ته پٽ جي اولاد نه هئي تنهن ڪري سندس وفات کانپوءِ سندس نياڻو سيد علي ڏنو شاهه رضوي ڪربلا معليٰ جي تعزئي جا اهم ڪامي ۽ نگران مقرر ٿيا.

سيد علي ڏنو شاهه رضوي پنهنجي تر جي هڪ سياسي ۽ سماجي شخصيت طور پڻ اڀريا. پاڻ خيرپور رياست ۾ وزير طور پڻ ڪم ڪيو. شاهه صاحب عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جا تمام گهڻا ڪم ڪيا ۽ عوام ۾ اينترو مقبول هئا جو تر جي ڪيترن ئي قومن جهڙوڪ سيد، مستوئي، شر، جنداڻ، ڪانگيا، شيخ، جتوئي، ڀُٽا وغيره ۾ گهڻو مقبول هئا ۽ کين وڏو مرتبو حاصل هيو، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ ڪنهن به اليڪشن ۾ شڪست نه کاڌائون.

سيد علي ڏنو شاهه رضوي باغن هڻائڻ جو تمام گهڻو شوقين هيو، انهن ۾ وري ڪيس ڪجين جي باغ ۾ گهڻو دلچسپي هئي. سندس باغ ۾ ڪجين ۽ ميون جون ناياب جنسون موجود هونديون هيون. پاڻ جڏهن حج تي ويا ته اتان به ڪجين جون نيون جهنتون ڪٺي آيا جي عراق ڪربلا معليٰ ويا ته اتان به ڪجيءَ جون جهنتون ڪٺي آيا. سيد علي ڏنو شاهه رضوي کي

زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ ڦڦڙن جي سخت تڪليف ۾ پئي، جنهن سبب علاج لاءِ ڪراچي پڻ ويا هئا. سيد علي ڏنو شاهه رضوي سن ١٩٦٠ع ۾ وفات ڪري ويا، ڪيس هڪ فرزند سيد امداد حسين عرف رنگل شاهه رضوي هيو.

سيد رنگل شاهہ رضوي

سيد امداد حسين عرف سيد رنگل شاهہ رضوي ثاني، جانشاهي خاندان جو چشم وچراغ هيو. پاڻ سيد علي بخش عرف سيد علي ڏنو شاهہ رضويءَ جو فرزند هيو ۽ سيد رنگل شاهہ رضوي اول سندس ڏاڏو هيو، اهڙي طرح سيد رنگل شاهہ رضوي ثاني سيد مير جان الله شاهہ ثاني عرف جان الله شاهہ عاشق جي ڇهين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو. سيد رنگل شاهہ رضوي پهرين آگسٽ ١٩٣٦ع ۾ تولد ٿيو، هن پنهنجي اسڪولي تعليم روهڙي ۾ حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙي مان پاس ڪيو. جنهن بعد زميندارِي اختيار ڪيائين، سندس وڏن جون زمينون ٻيرلوءِ ضلع خيرپور ۾ آهن جتي سندس ڏاڏي جي نالي سان ڳڙهي 'رنگل شاهہ' ڳوٺ مشهور آهي. سيد رنگل شاهہ رضوي روهڙي مان برآمد ٿيندڙ ٩ محرم الحرام جي تاريخي ڪربلا معليٰ جي تعزئي جو سنڀاليندڙ ۽ نگران هيو جنهن سبب پاڻ اڪثر روهڙي شهر ۾ بہ رهندا هئا. سيد رنگل شاهہ رضوي راقم الحروف جي والد مرحوم درگاهي ميرائي (وفات ١٩٨٨ع) جي ويجهن دوستن مان هيو ۽ راقم الحروف جي والد سندس ئي صحبت ۾ تعليم حاصل ڪئي. اهڙي ريت وري سيد رنگل شاهہ جو وڏو فرزند سيد علي ڏنو شاهہ راقم الحروف سان پهرين درجي پرائمري کان وٺي انين درجي تائين گڏ پڙهيو هيو ۽ ويجهن دوستن منجهان هڪ هيو، انڪري راقم الحروف جو نديڻ ۾ سندن گهر اچڻ وڃڻ هيو. سيد رنگل شاه رضوي سياست ۾ بہ حصو ورتو پاڻ هر دور ۾ يونين ڪائونسل ٻيرلوءِ جا چيئرمين رهيا ۽ پنهنجي تر ۾ هڪ پر اثر سياسي شخصيت پڻ رهيا. سيد رنگل شاهہ رضوي تاريخ ٢٧ مارچ ١٩٨٩ع ۾ وفات ڪري ويا ڪيس ٻيرلوءِ ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. هي صاحب راقم الحروف جو بخوبي واقف هيو ۽ بابا مرحوم جي ڪري گهڻو پيار ڪندڙ هيو.

سيد علي اڪبر شاهہ ثالث
عرف
سيد مريد حسين شاهہ رضوي

سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم جو فرزند ۽ سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثانيءَ جو پوٽو سيد علي اڪبر شاهہ ثالث عرف سيد مريد حسين شاهہ رضوي، حال حيات آهي ۽ درگاهہ سيد مير جان الله شاهہ رضويءَ جو موجوده گادي نشين آهي. سيد علي اڪبر شاهہ ثالث عرف سيد مريد حسين شاهہ رضوي سن ١٩٢٩ع ۾ تولد ٿيو پاڻ ٽن ڀائرن ۾ سيني کان وڏا آهن. سيد مريد حسين شاهہ رضوي شروعاتي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪئي ۽ سن ٤٨-١٩٤٧ع ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان مئترڪ جو امتحان پاس ڪيائون، ان بعد ملازمت اختيار ڪيائون ۽ سيشن جج جا سرشتيدار مقرر ٿيا جنهن ٥٥-١٩٥٤ع ۾ استعفيٰ ڏنائون ۽ باقي زندگي سماجي ڪمن ۽ زمينداري ۾ صرف ڪرڻ لڳا آهن. سيد مريد حسين شاهہ رضوي سياست ۾ بہ حصو ورتو ۽ ١٩٦٩ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ١٩٧٠ع جي عام ملڪي چونڊن ۾ روهڙي شهر مان سنڌ اسيمبلي جي اميدوار طور حصو پڻ ورتو، ان دور ۾ سندس اوطاق شهر جو سياسي مرڪز هئي هن وقت سيد مريد حسين شاهہ رضوي سماجي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندڙ آهي، کيس شعر و شاعري ۽ راڳ وٿراڳ جو ٻڌڻ جي حدتائين ڏاڍو شوق آهي. 'تذڪره جانشاهي' ڪتاب جي سلسلي ۾ راقم الحروف جو وٽس ڪافي پيرا وڃڻ ٿيو، پاڻ ڏاڍا ملنسار خوش اخلاق ۽ فقير طبيعت جا مالڪ آهن. سيد مريد حسين شاهہ رضوي پنهنجي چاچي سيد شير علي شاهہ رضوي جي نياڻيءَ سان ١٩٥٠ع ۾ شادي ڪئي، جنهن مان کيس ٻہ فرزند سيد جواد حسين شاهہ ۽ سيد هاشم رضا آهن.

سيد غلام رسول شاهہ رضوي

سيد غلام رسول شاهہ رضوي، جانشاهي خاندان جو چشم چراغ آهي، پاڻ سيد غلام شاهہ رضويءَ جو ٻيون نمبر فرزند ۽ سيد مهر علي شاهہ رضويءَ جو پوٽو آهي. اهڙيءَ طرح سيد غلام رسول شاهہ رضوي، سيد جان الله شاهہ رضوي اول جي پوٽي سيد فتح علي شاهہ رضوي اول جي ڇهين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو. سندس والد بزرگوار سيد غلام شاهہ بن مهر علي شاهہ رضوي جانشاهي تاريخ ٢٠ جنوري ١٩٦٧ع تي وفات ڪري ويو.

سيد غلام رسول شاهہ رضوي تاريخ ٩ جون ١٩٤٢ع تي روهڙيءَ ۾ تولد ٿيو، سندس تعليم انٽر جي، وي ۽ ايس وي آهي. پاڻ ٢٣ آڪٽوبر ١٩٦٣ع تي ملازمت جي سلسلي ۾ پهريان پريڪسنگ اسڪول ٻراج ڪالوني سکر ۾ استاد مقرر ٿيا، آخرڪار هيڊماسٽر ٿيا ۽ سندس پهرين پوسٽنگ ١٩٩١ع ۾ شهدادو اسڪول روهڙي ۾ ٿي. پاڻ ١٩٩٥ع ۾ هيڊماسٽر طور رٽائر ڪيو اٿائون.

سيد غلام رسول شاهہ رضوي، ذاڪر اهلبيت آهي ۽ کيس علمي ۽ ادبي ذوق پڻ آهي. پاڻ علمي ۽ ديني تعليم روهڙي شهر جي ٻن اديبن ۽ ذاڪر سيد زوار حسين رضوي ۽ استاد محمد حسين عاصم پنو ڪان حاصل ڪيائون. سيد غلام رسول شاهہ رضوي، روهڙيءَ جي مشهور اديب ۽ سچل سرمست جي درگاهہ جي طالب قاضي علي اڪبر درازي (م ١٩٨١ع) جي صحبت ۾ پڻ رهيو آهي. سيد غلام رسول شاهہ رضوي جانشاهي خاندان جي هڪ علمي شخصيت آهي، کيس صوفياڻ راڳ وراڳ ۽ شاعريءَ سان ڪافي لڳاءُ آهي، غلام رسول شاهہ رضويءَ جو پنهنجو آواز بہ پرسوز آهي ۽ پاڻ ذاڪري ڪندي نوحو يا مرثيو ڏاڍي مٺي آواز ۾ پڙهندا اهن. سيد غلام رسول شاهہ رضوي شهر اندر ٿيندڙ ادبي ۽ علمي پروگرامن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو آهي ۽ سندس تقرير ٻڌڻ وٽان هوندي آهي. سيد غلام رسول شاهہ ١٩٦٣ع ۾ شادي ڪئي جنهن مان کيس ٽي فرزند ۽ ٽي نياڻيون تولد ٿيون آهن.

ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي

ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي جانشاهي، سيد سردار علي شاهہ رضويءَ جو فرزند ۽ سيد محمد تقي شاهہ رضويءَ جو پوٽو آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي، سيد مير جان الله شاهہ رضوي ثاني جي سنئين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو. ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي تاريخ ١١ آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي تولد ٿيو. پاڻ مئٽرڪ جو امتحان ١٩٥٧ع ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙي مان پاس ڪيائون جنهن بعد انٽر جو امتحان سنڌ مسلمہ ڪاليج ڪراچي مان ١٩٥٩ع ۾ پاس ڪيائون. ڊاڪٽر جان علي شاهہ ميڊيڪل رائل ڪاليج بهاولپور ۾ ايس ايم ايس جو بہ سال ڪورس پڻ ڪيو. سندس والد بزرگوار جڏهن رٽائر ٿيو تہ عين انهن ئي ڏينهن ۾ سندن باغات جي آمدني بہ بند ٿي وئي، تنهن ڪري پاڻ صبح جو روهڙي سيمينٽ فيڪٽريءَ جي اسناد ٿيا تہ شام جو وري بخت الله نالي ٺيڪيدار سان سندس ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيا. ان بعد ڊاڪٽر جان علي شاهہ ڪراچيءَ مان ١٩٦٥ع ۾ هوميو پيٿڪ ۾ ڊپلوما ڪئي ۽ پهريان سنگرار ۾ ڪلينڪ قائم ڪيائون، هنيئر روهڙي شهر ۾ سندن ڪلينڪ آهي.

ڊاڪٽر جان علي شاهہ روهڙيءَ جي هڪ علمي شخصيت پڻ آهي، ڪين قرآن، حديث ۽ فقہ جي ڄاڻ آهي ۽ سندن لاڙو مذهب طرف گهڻو آهي. ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي هن وقت مسجد حيدر شاهہ حقاني روهڙيءَ جا ٽرسٽي آهن جنهن ڪان سواءِ پاڻ انجمن جعفريا روهڙي جا سرپرست پڻ آهن. ڊاڪٽر جان علي شاهہ صالح پٽ ۾ هڪ ديني مدرسي ۽ روهڙيءَ ۾ مدرسہ جامعة الرضا جي تعمير ۾ پڻ حصو ورتو. ڊاڪٽر جان علي شاهہ رضوي روهڙي ۽ محرم الحرام دوران تعزيہ داري ۽ عزاداريءَ ۾ گهڻي عقيدت ۽ احترام سان شريڪ ٿيندا اهن. پاڻ روهڙي مان برآمد ٿيندڙ ٨ محرم الحرام جي تعزني جا سنڀاليندڙ ۽ نگران آهن. تذڪره جانشاهي جي سلسلي ۾ راقم الحروف جو انهن وٽ ڪافي پيرا وڃڻ ٿيو، پاڻ وڏا

خوش اخلاق ۽ ملنسار آهن راقم الحروف سان ڏاڍي مروت سان پيش آيا ۽ ڪتاب جي سلسلي ۾ ڪافي مفيد معلومات ۽ مواد مهيا ڪيائون. ڊاڪٽر جان علي شاهه رضوي پنهنجي چاچي سيد جمن شاهه رضوي جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي، ڪيس چار فرزند تولد ٿيا. سيد محمد مڪي شاهه، سيد فيضان علي شاهه، سيد سردار علي شاهه ۽ سيد عون محمد شاهه، سندن وڏو فرزند سيد محمد مڪي شاهه نوجوانيءَ ۾ تاريخ ٢٦ مارچ ١٩٩٩ع تي هڪ حادثي ۾ وفات ڪري ويا.

سيد محمد مکي شاهه رضوي

سيد محمد مکي شاهه رضوي، جانشاهي خاندان جو نوجوان، ڊاڪٽر جان علي شاهه رضويءَ جو وڏو فرزند هيو. پاڻ تاريخ ٢٨ مئي ١٩٧١ع تي روهڙيءَ ۾ تولد ٿيا. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول روهڙي مان پاس ڪيائون ۽ انٽر سائنس جو امتحان اسلاميا ڪاليج سکر مان پاس ڪيائون. جنهن بعد سيد محمد مکي شاهه رضوي بي ايس آنرز، ايم ايس سي (ڪيمسٽري)، ايم اي ايڪنامڪس، ايم اي مسلم هسٽري، بي ايڊ ۽ ايل ايل بي جا امتحان به پاس ڪيا. سيد محمد مکي شاهه شروع ۾ اسلاميا ڪاليج سکر ۾ ڪيمسٽري جو ليڪچرار مقرر ٿيو، ڪيس تعليم ۽ سماجي ڪمن ۾ وڏيڪ ڪارناما ڏيکارڻ ۽ خدمت خلق ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو، نتيجي طور سرڪاري ملازمت تان استيعفيٰ ڏئي پاڻ کي سماجي ڪمن ۽ تعليم جي بهتر خدمت ڪرڻ لاءِ اربي چڏيائين. سيد محمد مکي شاهه رضوي ڪنڌرن ۾ سيد محمد مکي شاهه رضول اول جي نالي تي ماڊل اسڪول قائم ڪيو ۽ ساڳئي وقت صالح پٽ ۾ علم جي پسماندگي کي دور ڪرڻ لاءِ شهباز ڏنو شاهه ميموريل ڪاليج جو بنياد وڌو جنهن لاءِ پاڻ سيد نور حسن ولد سيد شهباز ڏنو شاهه کان عطئي طور ڪاليج لاءِ جڳهه پڻ حاصل ڪيائين، پر اهو ڪم انڪري پائيه تڪميل تي پهچي نه سگهيو جو سندن حياتيءَ وفا نه ڪئي. سيد محمد مکي شاهه رضوي گلوبل سوشل سوسائٽي روهڙيءَ جو چيئرمين پڻ هيو. سيد محمدمکي شاهه رضويءَ سان زندگيءَ وفا نه ڪئي ۽ پاڻ نوجوانيءَ ۾ ٢٦ مارچ ١٩٩٩ع تي (هڪ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ سبب) وفات ڪري ويا. سندن ڪوشش سان هن وقت به ڪنڌرن ۾ گلوبل وليج ڪمپيوٽر سينٽر ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ غريبن کي خاص رعايت تي تعليم جي سهوليت فراهم ڪئي پئي وڃي، ان اسڪول ۾ ٻارن لاءِ ڪمپيوٽر جي تعليم مفت ڏني پئي وڃي.

سيد احسان علي شاهہ رضوي

سيد احسان علي شاهہ رضوي، سيد جمن شاهہ رضويءَ جو فرزند ۽ سيد محمد تقي شاهہ رضوي جانشاهيءَ جو پوٽو آهي. سندس جنم جي تاريخ ١٥ فيبروري ١٩٦٣ع آهي. پاڻ خيرپور ۾ تولد ٿيا. جنهن بعد مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيائون ۽ انٽر جو امتحان گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان پاس ڪيائون. سيد احسان علي شاهہ رضوي بي.اي جو امتحان لطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. جنهن بعد ايم. اي (ايڪانامڪس) جو امتحان پڻ پاس ڪيائين. سيد احسان علي شاهہ رضوي لطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي (اردو) جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيو آهي، ڪيس انهيءَ امتيازي پوزيشن ملڻ تي چانسلر گولڊ ميڊل ۽ وفاقي وزير تعليم پاران سلور ميڊل ڏنو ويو آهي.

سيد احسان علي شاهہ رضوي جو واسطو جيئن تہ ’جانشاهي سادات‘ جي علمي، ادبي گهراڻي سان آهي، انهيءَ ڪري ڪيس بہ ’علم ادب سان بيحد چاهہ آهي. پاڻ ايم اي (اردو) جي فائينل ۾ اردوءَ جي نامور استاد شاعر، اڪبر الله آبادي جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي مونو گراف لکيائين جنهن ۾ هن اڪبر الـہ آبادي جي حياتيءَ ۽ شاعريءَ تي ۽ پڻ سندس دور جي سياسي ۽ سماجي پس منظر تي بهتر نموني روشني وڌي اٿائين. سيد احسان علي شاهہ اردو نظم ۽ نثر جي مختصر تاريخ پڻ تاليف ڪئي آهي، جيڪا اردو ادب جي شاگردن لاءِ مفيد ماخذ طور ڪم اچي رهي آهي. سيد احسان علي شاهہ جا ڪيترائي مضمون ۽ مقالا اردو جي رسالن ۽ اخبارن ۾ پڻ شايع ٿيا آهن.

سيد احسان علي شاهہ هن وقت خيرپور ۾ رهي ٿو ۽ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت اٿس.

سيد علي ڏنو شاھ رضوي ثاني

سيد علي ڏنو شآھ رضوي ثاني اقداد علي شاھ سيد رنگل شاھ رضوي ثانيءَ جو وڏو فرزند هيو. سيد علي ڏنو شاھ رضوي اول سندس ڏاڏو هيو. هيد علي ڏنو شاھ ثاني سن 1965ع ۾ تولد ٿيو. هن پرائمري تعليم روهڙيءَ ۾ پرائمري اسڪول شهدادو محلي ۾ حاصل ڪئي، جنهن بعد وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس پبلڪ اسڪول سکر ۾ داخل ڪرايو ويو. پاڻ انٽر سائنس جو امتحان 1982ع ۾ ڊگري ڪاليج سکر مان پاس ڪيائين جنهن بعد بي. ايس اسي جو امتحان بہ ساڳئي ڪاليج مان ڏنائين. جانشاهي خاندان جي هن نوجوان ڦوھ وهيءَ ۾ سن 1985ع ۾ وفات ڪئي ڪيس سندس اباڻي قبرستان ڀرلوءِ (ضلع خيرپور) ۾ دفن ڪيو ويو.

سيد علي ڏنو شاھ ثاني راقم الحروف سان گڏ پرائمري تعليم حاصل ڪئي ۽ راقم جي تمام ويجهن دوستن منجهان هيو. پاڻ نهايت ئي حساس دل جو مالڪ ۽ فقيري طبيعت رکندڙ هيو، تمام گهٽ ڳالهائيندو هيو ۽ سندس شخصيت گهڻي پُر ڪشش هُئي.

سيد علي اکبر شاهه ثاني



سيد علي اڪبر شاهه رضوي ثاني
جي مزار جي اڳواٽي تصوير

سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم

سيد جُمن شاهہ رضوي

سيد سردار علي شاهه رضوي

سيد امير علي شاھ رضوي

سيد شاهمردان شاهہ رضوي

سيد غلام شاهہ رضوي

سيد علي ڏنو شاهه رضوي

سيد رنگل شاهه رضوي

سيد علي اڪبر شاھ رضوي ثالث
عرف
سيد مُريد حسين شاھ رضوي
سجاده نشين
درگاھ مير جان الله شاھ رضوي روھڙي.

سيد غلام رسول شاھ رضوي

داکتر جان علي شاه رضوي



سيد محمد مڪي شاهہ رضوي

سيد احسان علي شاھ رضوي



سيد علي ڏنو شاهه رضوي ثاني



درگاه مير جان الله شاھ رضوي
جي اڳوڻي تصوير



مزار سید میر جان محمد شاه رضوي اول



سيد مير جان محمد شاھ رضوي
جي والد سيد ابراهيم شاھ
ڏانهن منسوب مزار جي تصوير



مزار سید میر جان محمد شاه رضوي اول



مزار
سيد جان الله شاهه رضوي ثاني
عرف سيد جان الله شاهه عاشق



فقير محمد محسن　　　مزارون　　　فقير بيگ محمد

ڪوٽ مير جان الله شاهه ثاني ۾ ساداتن جي قديم حويلين جو ڏيک



ڪوٽ مير جان الله شاهه ثاني جي اڳوٽي دروازي جو ڏيک

ڪوٽ مير جان شاهه ثاني جي قديم ديوار



ڪوٽ مير جان الله شاهه ثاني ۾ ساداتن جي قديم حويلين جو ڏيک